ضيون ٽين مشعل
تنوير عباسي

منهن تنين مشعل

منهن تنين مشعل

(خاڪا)

تنوير عباسي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ
١٩٩٠ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سو ايڪٽيھ

چپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ

ڪمپوزنگ: ڪمپيوٽرائيزنگ ڪمپوزنگ سينٽر،
پاڪستان چوڪ ڪراچي.

ڇپيندڙ: نيو فيمس پرنٽنگ پريس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن: مارچ ١٩٩٠ع

ٽائيٽل ڪيليگرافي: لياقت علي.

قيمت: [redacted] روپيا

پڪي جلد سان: [redacted] روپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

NEW FIELDS HYDERABAD

MUNHUN TANEE MASHAL (Sketches)
written by TANVEER ABBASI. Published by New fields Publications, Tando wali-Mohammed, Hyderabad, Sindh. Pakistan
First Edition March 1990. Price per copy Rs. [redacted]/

گوندر جن گذاريو، منهن تنين مشعل،
ڪا مون پوي ڪل، انهن جي افسوس جي.
(سچل)

پنهنجي پياري نياڻيءَ
پارس
جي نانءِ-

سنڌس آرڪيٽيڪٽ بنجڻ تي تحفي طور

تنوير عباسي

ليکڪ جا ڇپيا ڪتاب

رڳون ٿيون رباب

(شعر جو مجموعو)

جي ماريا نہ موت

(ترجمو)

پاراٽا پول

(چونڊ ۽ ترتيب)

سچ ٽريءَ هيٺان

(شعر جو مجموعو)

جديد سنڌي شاعري

(چونڊ ۽ ترتيب)

خير محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام

(تحقيق ۽ ترتيب)

نانڪ يوسف جو ڪلام

(تحقيق ۽ ترتيب)

ڏوري ڏوري ڏيھ

(سفرنامو)

هيءَ ڌرتي

(شعر جو مجموعو)

ترورا

(چونڊ نثري لکڻيون)

شاھ لطيف جي شاعري

(ٽي جلد)

(تحقيق)

سچل سرمست (انگريزي)

(چونڊ ۽ ترتيب)

فهرست

نمبر	عنوان	صفحو
	مهاڳ	
١-	علامہ آءِ آءِ قاضي	٩-١٨
٢-	شيخ عبدالمجيد سنڌي	١٩-٢٧
٣-	حيدر بخش جتوئي	٢٨-٣٢
٤-	پير حسام الدين راشدي	٣٣-٥٧
٥-	مولانا گرامي	٥٨-٦٥
٦-	مقبول پنّي	٦٦-٧٤
٧-	رشيد پنّي	٧٥-٨٣
٨-	نسيم احمد کرل	٨٤-٨٧
٩-	عابده پروين	٨٨-٩٣
١٠-	ڏاڏو شاهہ	٩٥-١٠١
١١-	مائٹ لعل	١٠٢-١١٠
١٢-	ڍئزي	١١١-١١٦
١٣-	عمر بورچي	١١٦-١٢٢
١٤-	الڻ شاهہ	١٢٣-١٢٦
١٥-	سچ ورني	١٢٧-١٢٩
١٦-	ڪئنٽين جو مئنيجر	١٣٠-١٣٦

مهاڳ

هيءُ مضمونَ نه تحقيقاتي مقالا آهن، ۽ نه سوانحي. هيءُ مضمونَ فقط منهنجي ذاتي يادگيرين تي مشتمل آهن، جيڪي ڪجهه قدر تاثراتي آهن.

هنن مضمونن جا موضوع شخصيتون ۽ شخص آهن. انهن کي خاڪا به سڏي سگهجي ٿو. انهن ۾ علامه آءِ آءِ قاضي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، حيدربخش جتوئيءَ جهڙيون جڳ مشهور شخصيتون به آهن، ته الڻ شاهه، بورچي عمر ۽ نرس ڊنزيءَ جهڙا اڻ ڄاتل شخص پڻ. پر هنن مضمونن ۾ هڪ ڳالهه ساڳي آهي، اها هيءَ، ته شخصيت يا شخص، جنهن پنهنجي متعلق مونکي لکڻ تي مجبور ڪيو، ان ۾ ڪا اهڙي انوکي ڳالهه هئي، جنهن منهنجي يادگيرين تي اڻ مٽجندڙ ڇاپا ڇڏيا. ان تي وقت جي وهڪ ڪٽ چاڙهي نه سگهي، ۽ اها سچي سون جيان سدائين منهنجي حافظي ۾ جرڪندي رهي. انهن ماڻهن ۾ ڪا اهڙي اڻ رواجي انسانيت جي جهلڪ هئي، جيڪا منهنجي روح کي هڪ امر جوت ڏيندي رهي.

هونءَ ته عظيم ۽ جڳ مشهور شخصيتن، علامه آءِ آءِ قاضيءَ، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ حيدر بخش جتوئيءَ جي علمي، ادبي، توڙي سياسي ڪارنامن تي ڪي نه ضخيم ڪتاب لکي سگهجن ٿا پر مون هتي مختصر طور انهن جي باري ۾ فقط پنهنجا ذاتي تاثرات ڏنا آهن.

هن ڪتاب ۾ آيل ڪجهه مضمون اصل ۾ تقريرون آهن، جيڪي مون مختلف موقعن تي ڪيون، ۽ بعد ۾ اهي ٽيپ تان اُتاريون ويون. انهن ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ ۽ رشيد ڀٽيءَ جي باري ۾ ڪيل تقريرون اچي وڃن ٿيون. مان ادل سومري، الطاف اثيم، ۽ اختر درگاهيءَ جو ٿورائتو آهيان، جن انهن تقريرن کي ٽيپ تان اتاريو. انهن جي ڳالهايل ٻولي (Spoken Language) آهي، جيڪا جيئن جو تيئن رهڻ ڏني وئي آهي. ڳالهايل ٻوليءَ جو گرامر ۽ محاورو الڳ هوندو آهي، جيئن هنن مضمونن/تقريرن جو آهي.

مان فيروز احمد صاحب جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب کي ٿوري وقت ۾، سهڻيءَ ۽ جديد ڇپائيءَ سان شايع ڪيو.

تنوير عباسي
سرمد جو گهر
خيرپور
5 مارچ 1990ع

علامہ آءِ آءِ قاضي

"سچ سياڻي جا ڪري سا ٿي ساميءَ روءِ،
اڇي ٿي عطر جي منجهان مڪ بوءِ،
سا ڏيکارينهون جُوءِ جتي لاهوتي لعل ٿيو.

فرشتا نظر نہ ايندا آهن، خاص ڪري، ۲۰ صدي ۾، مون جهڙي گنهگار ڪان ڪو پڇي تہ تو ڪو ملائڪ ڏٺو، تہ مان چوندس تہ ها مان علامہ آءِ. آءِ. قاضي کي ڏٺو.

علامہ ائين ئي هو جيئن شاه صاحب چيو آهي:

"مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي."

بلڪل نفيس، نازڪ، پاڪ، پَوتر، نرمل، سادو، سٻاجهڙو، سنهڙو، جهڙي صورت، تهڙي سيرت. مونکي سعادت حاصل آهي تہ جڏهن علامہ صاحب سنڌيونيورسٽي ۾ Friday Lectures ڏيندو هو تہ مان پنهنجن دوستن سان گڏ ڪوشش ڪري سندن هر ليڪچر ۾ حاضر ٿيندو هوس.

علامہ صاحب جو اهو اصول هو تہ جنهن وقت ليڪچر هوندو هو، (ان وقت ليڪچر شام جو ۵ بجين ٿيندو هو) تہ ڪريڪٽ ٿو سيڪنڊس پوري ۵ بجي ظاهر ٿيندو هو ۽ اچي ڪرسي تي وهندو هو. ايترو Punctual هو. ان ليڪچر جا موضوع مختلف هوندا هئا. مثلا ڪيمسٽريءَ جو پروفيسر ڪيمسٽري تي ليڪچر ڏيندو هو، ۽ باٽنيءَ جو پروفيسر باٽني جي موضوع تي ليڪچر

ڏيندو هو، ۽ علامہ صاحب في البديهہ انهي ساڳئي موضوع تي بنا ڪنهن تياري جي، ان کان يڪدم بعد ۾ صدارتي رايا ڏيندو هو، ۽ اسان کي عجب لڳندو هو تہ هر سبجيڪٽ تي هر موضوع تي علامہ صاحب جي ايڏي گرفت هئي. ايڏي اسٽڊي هئي. ايڏو انهو اپياس هو جو هو انهي سبجيڪٽ جي ماهر، جيڪو انهيءَ تي ليڪچر ڏيندو هو، ان کان وڌيڪ اسان کي ان سبجيڪٽ جي باري ۾ ٻڌائيندو هو. هڪ ليڪچر هو اسان جي دوست مقبول پٺي جو، جيڪو تنهن زماني ۾ پريس جو مئنيجر هوندو هو. انهي جو ليڪچر هو تہ پريس جي ايجاد ڪيئن ٿي ۽ ان جون Technicalities ڇاهيون؟ اتي اسان چيو تہ اڄ علامہ صاحب جي خبر پوندي جيئن هي سبجيڪٽ ٽيڪنيڪل هو، پر علامہ جيڪو ان تي ليڪچر ڏنو، جو سيني کان وڌيڪ معلومات اسان کي ملي. تہ ايڏي وسيع اسٽڊي هوندي هئي علامہ صاحب جي هر موضوع تي. انهيءَ دور ۾ مونکي ياد آهي تہ اسان سان گڏ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي بہ هر ليڪچر تي ايندو هو. ڪامريڊ جا خيال پنهنجا، علامہ جا خيال پنهنجا، پر هيون ٻئي شخصيتون معصوم،ٻئي ايماندار ۽ ٻئي Sincere ٻئي پنهنجي پنهنجي اصول جا پڪا. پوءِ جڏهن ليڪچر ختم ٿيندو هو تہ ڪامريڊ حيدر بخش اتي بيهي سوال ڪندو هو ۽ علامہ صاحب ڪڏهن نہ ڪاوڙيو. ڪڏهن بہ پنهنجو صبر ۽ تحمل هٿان نہ ڇڏيائين، هميشه مرڪندو هئو، ۽ مرڪي ڪامريڊ حيدر بخش جي سوالن جا جواب ڏيندو هو. ڪڏهن بہ هن فتويٰ نہ ڪڍي تہ حيدر بخش ڪافر آهي، ڪو منڪر آهي يا هن کي تعزير ڏيو يا سزا ڏيو - نہ بلڪل نہ - جڏهن بہ حيدر سان ملندو هو تہ تمام وڏي شفقت جو اظهار ڪندو هو. علامہ صاحب هتي خيرپور ۾ بہ آيو. ان جي باري ۾ اسانجي دوست حداد صاحب ڪافي ٻڌايو ۽ هتي

ڪافي رڪارڊ آهي. خاص ڪري جوڊيشل ڪورٽ ۾ علامہ جي فيصلن جو رڪارڊ آهي. جيڪي هن فتوائون لکيون آهن، پر هتي ڪاغذ ڏسندي معلوم ٿيو تہ نومبر ١٩٢٣ع ۾ مير علي نواز "ناز" جي غزل جو انگريزي ۾ ترجمو ايلسا قاضي ڪيو. جيڪو هن جي ڪتاب Casual peeps at Sophia ۾ ڇپيل آهي. بهرحال علامہ صاحب جو خيرپور سان جيڪو واسطو هو ان تي حداد صاحب ڪافي روشني وڌي پر هڪڙي ڳالهہ خاص آهي، جنهن جي ڪري علامہ صاحب خيرپور ڇڏي، اها ڳالهہ اوهان سان ڪندس.

مير علي نواز صاحب تنهن زماني ۾ هتان جو حڪمران هو، تنهن زماني ۾ حڪمران جي زبان ئي قانون هو، جو تہ مطلق العنان حاڪم هوندا هئا. علامہ صاحب تمام ايماندار جج هو. اتفاق سان ڪو مير صاحب جو نوڪر ڪيس ۾ ڦاسي پيو ۽ اهو ڪيس آيو علامہ صاحب وٽ. ميرصاحب علامہ صاحب ڏانهن هڪ ماڻهو موڪليو تہ مير صاحب جي مرضي آهي تہ ڪيس مان جوابدار کي ڇڏيو. علامہ صاحب پنهنجي چيمبر ۾ ويٺو هو، اوڏي مهل هڪ ٻئي ماڻهوءَ کي سڏايائين، ان کي پنهنجي پر ۾ وهاريائين ۽ وري سڏايائين انهيءَ سفارشي ماڻهوءَ کي ۽ پڇيائين تہ بابا! مير صاحب ڪهڙو نياپو موڪليو آهي، تہ هن وري ورجايو تہ مير صاحب، چيو آهي تہ ڦلاڻو ماڻهو اسانجو آهي، انهيءَ کي ڇڏيو. جيڪو ماڻهو وهاريو هئائين تنهن کان لکرائي ورتائين تہ مونکي هي سفارش ٿي. ۽ تنهن کان پوءِ پنهنجي استعفا لکيائين ۽ استعفا لکي سڌو اسٽيشن پهتو ۽ پوءِ خيرپور ڇڏي هليو ويو، تہ اها هئي علامہ صاحب جي ايمانداري.

انهيءَ باري ۾ مان اوهانکي هڪ ٻہ حڪايتون ٻڌايان تہ پاڻ جڏهن سنڌيونيورسٽي جو وائيس چانسلر هو تہ علامہ صاحب کي لنڊن وڃڻو هجي. هن پنهنجي ڊپارٽمنٽ جا ماڻهو گهرايا ۽

پڇيائين تہ "بابا اوهان کي ليبارٽري لاءِ ڪهڙيون شيون گهرجن. مان لنڊن ٿو وڃان، مونکي لسٽ ڏيو تہ مان اتان وٺي اچان." انهن علامہ صاحب کي لسٽ ڏني. علامہ صاحب لنڊن ويو هنن لاءِ اهي شيون آنديون، تہ يونيورسٽي وارن T.A بل آٿي علامہ صاحب کي ڏنو تہ هن تي صحيح ڪيو. علامہ صاحب پڇيو تہ "بابا! اهو ڇا جو بل آهي؟" هنن وراڻيو تہ "سائين اوهان سرڪاري طرح لنڊن ويا هئا ليبارٽري جو سامان وٺڻ سو انهيءَ جو بل آهي." چيائين "تہ بابا! آئون يونيورسٽي جي ڪم سان تہ ڪونہ ويو هوس. مان تہ پنهنجي ذاتي ڪم سان ويو هوس، پوءِ جي ڪڏهن اوهان جو ڪم ڪري آيس تہ پوءِ ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي، انهي لاءِ مان اوهان کان ڇو پئسا وٺان." ۽ علامہ اهي پئسا نہ ورتا.

ان کان پوءِ ٻي ڳالهہ تہ جڏهن آخري وقت ۾ پاڻ شاهہ جو رسالو پئي ترتيب ڏنائون تہ ادبي بورڊ جي طرفان علامہ صاحب کي ٠٠٠ روپيہ ماهوار اسڪالرشپ ڏيندا هئا. فيصلو اهو هو تہ جيستائين شاهہ جو رسالو مڪمل ٿئي، تيستائين علامہ صاحب کي گذرسفر لاءِ ١٠٠٠ روپيہ ڏجي ڇو جو ان وقت علامہ صاحب يونيورسٽي کان ٻاهر هو. علامہ صاحب اهو هر مهيني چيڪ وٺندو هو ۽ ڪم ڪندو هو. اتفاق سان هڪ دفعي بيمار ٿي پيو ۽ ٻہ مهينا علامہ صاحب ڪم ڪونہ ڪيو، چيڪ بدستور ويندا رهيا، پر انهن ٻن مهينن جو چيڪ واپس موڪليائين بورڊ ڏي نوٽ هڻي تہ هي ٻہ مهينا مان بيمار هوس، انڪري هي ٻہ مهينا مان اوهانجو ڪم ڪونہ ڪري سگهيس. انڪري مونکي حق نہ آهي تہ اهي پئسا مان اوهان کان وٺان. انهي ڪري واپس ڪيان ٿو. اهو هو اصول. اها هئي ايمانداري، جنهنڪري مون کيس فرشتو سڏيو آهي. جيترو وقت علامہ صاحب يونيورسٽي ۾ رهيو انجو هڪڙو مثال تہ ڊاڪٽر صاحب اوهان کي ٻڌايو، پر مونکي ياد

آهي تہ يونيورسٽي ۾ ڪو صدر اچي - گورنر اچي - وزيراعليٰ اچي پر علامہ صاحب ڪڏهن بہ انکي اسٽيشن يا هوائي اڏي تان وٺڻ نہ ويو نہ ڪنهن کي ڇڏڻ ويو.

هڪ دفعي مشتاق احمد گرماني گورنر هجي ويسٽ پاڪستان جو ۽ يونيورسٽي اچڻو هو، علامہ صاحب کي چيو ويو تہ گرماني صاحب ڏاڍو سخت ماڻهو آهي ۽ وڏي ڳالهہ اها آهي تہ اوهانجو چانسلر بہ آهي. انکي اسٽيشن تي رسيو ڪرڻ هلو. علامہ صاحب چيو تہ بلڪل نہ. ڀلي مونکي نوڪري مان ڪڍي ڇڏي، منهنجي اها عزت نہ آهي تہ مان وتان گورنرن کي رسيو ڪندو. آخر ان ڳالهہ تي راضي ڪيائونس علامہ صاحب کي، تہ هو يونيورسٽي جو چانسلرآهي، اوهان کيس گهٽ ۾ گهٽ يونيورسٽيءَ جي در تي ئي رسيو ڪيو، پوءِ علامہ صاحب انکي يونيورسٽي جي در تي رسيو ڪيو.

علامہ صاحب جي زماني ۾ ڇا ٿيو جو ڪراچي يونيورسٽي بہ وجود ۾ آئي ۽ هوڏانهن پنجاب يونيورسٽي بہ هئي. هنن ڏڙا ڏڙ گريجويٽ پيدا ڪرڻ شروع ڪيا، هوڏانهن اسان جا ڇوڪرا ٿورا پيا نڪرن ۽ اسٽينڊرڊ بہ تمام High. علامہ صاحب، کي چيو ويو تہ سائين اهڙي طرح تہ Competition ۾ اسان جا ڇوڪرا رهجي ويندا ۽ توهان مهرباني ڪري نرم ٿيو تہ اسان جا ڇوڪرا نوڪريون وغيره وٺن- علامہ صاحب چيو تہ:

"No- I want quality, not quantity"

اهي الفاظ هئا علامہ صاحب جا. علامہ صاحب جي انهن لفظن جو ثمرات تڏهن مليو، جڏهن ويسٽ پاڪستان ٿيو ۽ لاهور ۾ اسان جا گريجوئيٽس ويا تہ اتي معلوم ٿيو تہ اسانجو هڪ هڪ گريجوئيٽ ڏهن ڏهن تي حاوي ٿي ويو. انهن جي مٿان domin رهيو. اڄ علامہ صاحب جي اسان ياد ملهائيون ٿا ۽ منهن جي خيال ۾

اسانکي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اسانجي رشيد احمد شاھہ صاحب جيڪو ھي ميڙو مچايو آھي، سو سجايو ٿيندو تہ اسانکي کپي تہ Quality - ۽ نہ Quantity.

جيڪو شاگرد ھتان ڊگري وٺي ٿو نڪري ۽ انکي چاڻ نہ آھي تہ انجي ڊگري بيڪار آھي ۽ ڪاغذ جو ھڪ ٽڪرو آھي. منھنجي اوھان کي نصيحت آھي تہ اوھان سڀ چاڻو بڻجو.

اوھان جنھن جنھن سبجيڪٽ ۾ پڙھو ٿا، انجا ماھر ٿيو ۽ پوءِ ڏسو تہ علامہ صاحب جيڪي جي - ايم - سيد کي خط لکيا اٿئين. انھن ۾ صاف لکيو اٿائين تہ سنڌ جي امن جو پيغام سڄي دنيا جي رھنمائي ڪندو. علامہ صاحب ھتي عالمگير مذھب جي ڳالھہ ڪئي آھي، جيڪو سڄي دنيا جي مٿان حاوي ٿي وڃي، سو علامہ صاحب جي انھي خواب جي تشڪيل اوھان نوجوان آھيو. اوھان محنت ڪريو. اوھان جيڪو علم حاصل ڪيو. اھو ھڪ سچو علم ھجي. ڪوڙي نقلي ۽ جعلي ڊگري نہ ھجي، جنھن مان اوھان کي ڪوبہ فائدو نہ پھچندو.

تنھن کانپوءِ علامہ صاحب جو جيڪو مطلب ھو، سندس خطن مان صاف ظاھر آھي. ھڪڙي ھنڌ پنھنجي خطَ ۾ لکيو اٿائين تہ مان ھر قسم جي تعصب جي خلاف آھيان. ھو ڪنھن بہ قسم جو تعصب ۽ ڪٽرپڻو نہ رکندو ھو. ﭙي ڳالھہ پنھنجي ڪتاب- "Casual peeps at Sophia" ۾ ھڪڙو مضمون لکيو ھيائين تہ:

"Zartusstra was first beautiful blossom af the history of man"

تنھن کان پوءِ زردشت کي پيغمبر سڏيو اٿئين. انھيءَ کي رسول بہ سڏيو اٿئين. انکانپوءِ ھڪ ﭙئي ھنڌ منھنجي ھڪ دوست ٻڌايو تہ جڏھن امڙو دور آيو جو ماڻھو ھڪٻئي کي کھڻ لڳا ۽ ڪٽڻ لڳا تہ علامہ صاحب جھڙو حساس ماڻھو ملڪ ڇڏي لنڊن ھليو ويو. ڊسمبر ١٩٤٨ع ۾ ھڪ خط لکيو اٿئين، جنھن ۾

رت جا ڳوڙها رنو آهي تہ هي انسانن کي ڇا ٿي ويو آهي جو هڪٻئي جو خون ٿا ڪن ۽ هڪٻئي کي قتل ٿا ڪن.

علامہ صاحب جيڪو شاهہ جي شاعري تي مقالو لکيو جنھنجو ذڪر اسانجي دوست ڪيو ۽ ان جو جائزو بلڪل خوبصورتيءَ سان ورتو، ان ۾ هڪ خاص ڳالهہ آهي تہ انکان اڳ جن شاهہ سائين تي لکيو، تن شاهہ سائين کي درويش، پير، بزرگ. ڪرامتون، انجا معجزا، انجو شعر ۽ انجي روحاني معنيٰ ۽ ظاهري معنيٰ انهن ڳالهين ۾ قائل رهيا. ڪڏهن Scientific تجزيو شاهہ جي شاعري جو نہ ڪيو ويو تہ آخر شاعري جي پرکڻ جا اصول ڪهڙا آهن. هرڪو چوندو هئو تہ شاهہ وڏو شاعر آهي. شاهہ دنيا جو عظيم شاعر آهي، اهو صحيح آهي ليڪن ڇو ۽ ڪيئن؟ تہ اهو هڪ سائنٽيفڪ طريقي جي تنقيد جو بنياد ڊاڪٽر گربخشاڻي وڌو ۽ انکانپوءِ علامہ آءِ. آءِ. قاضي جنهن اسانکي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ شاهہ عبداللطيف رحہ دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو. تنهن کان پوءِ اسان علامہ جون ڪيئي تقريرون ٻڌيون - انجي هڪ ڪيسٽ هتي بہ ٻڌي، ۽ مان چوندس تہ اسانجي يونيورسٽي تي خاص طرح انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي تي اهو فرض آهي تي علامہ صاحب جي هر تقرير جا ڪيسٽ بازار ۾ مهيا ڪيا وڃن. جيئن اسان مان هرهڪ ان کي ٻڌي سگهي، سمجهي سگهي ۽ انهي تي عمل ڪري سگهي. علامہ صاحب هر تقرير ۾ مذهب کي هميشه سائنس مطابق ڄاڻائيندو هو. Theory of evol- ution ۾ هو يقين رکندو هو. هو ڪڏهن بہ ڪٽر پٽي يا Fun- damentssm جي پاسي نہ هو. جيئن ٢٠ صدي جي شروع ۽ ١٩ صدي جي آخر ۾ " Renaissance " هڪ تحريڪ شروع ٿي، جنهن ۾ اهو بہ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ مذهب، سائنس جي خلاف نہ آهي. مذهب سائنس کان الڳ نہ آهي بلڪ

مذهب ۽ سائنس ٻئي هڪ شيءِ آهن انهن کي جيڪڏهن ان نموني پرکيو وڃي تہ اها سائنسي سوچ جيڪا آهي تہ انجو بنياد علامہ آءِ . آءِ. قاضي وڌو.

علامہ صاحب جو جيڪو آخري وقت هو. علامہ صاحب مدرايلسا سان گڏ اسان ڏٺو، انهن جي گهر ۾ ڪيئي دفعا حاضري ڏيڻ وياسون، هنن جي پاڻ ۾ جيڪا پريت هئي ۽ اسان جي حداد صاحب ٻڌايو تہ ٢٣ - ١٩٢٢ع ڌاري ٻئي بگيءَ ۾ چڙهي گهمندا هئا. انهي زماني ۾ ڪا عورت بنا پردي جي بگيءَ ۾ گهمي تہ ڪيڏي نہ وڏي Progressive هوندي. پر تنهن دور ۾ تہ بغاوت جي ڳالهہ هئي. مدرايلسا ۽ علامہ جو ساٿ ائين هو جيئن سائمن دي بوير، جنهن جي هاڻي تازو وفات ٿي آهي، انهيءَ جو سارتري سان هو، يا جيئن ڊورا بليڪ جو برٽينڊرسل سان. ۽ پوءِ علامہ پاڻ کي تنها محسوس ڪيو، ۽ انڪانپوءِ مون اهو ٻڌو تہ اسانجي اسڪالرس کي انهيءَ تي ريسرچ ڪرڻ گهرجي تہ علامہ صاحب جي تقرير تي پابندي هئي. انهن ڏينهن ۾ علامہ صاحب کي دعوتون بہ ملنديون هيون عرض بہ ڪيو ويندو هو تہ فلاڻي جلسي ۾ اچو، پر علامہ صاحب نہ ايندو هو. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ تنهن دور جي حڪومت علامہ صاحب جي زبان بندي ڪري ڇڏي هئي، انڪانپوءِ علامہ صاحب اڪيلائي محسوس ڪئي، ۽ جن حالتن ۾ فوت ٿيو پاڻي ۾ پير ڊريائين ۽ آخري وقت ۾ هو سهڻي جهونگاريندو رهندو هو ۽ چوندو هو تہ سهڻي جيڪا آهي سا شاهہ عبداللطيف رحہ جي سوچ جي انتها آهي، ان جي تخيل جي بلندي آهي ۽ سهڻي جي جيڪا شاهہ جي رسالي ۾ ترتيب ڏني اٿئين ۽ چوندو هو تہ شاهہ جو سچو فلسفو انهيءَ ۾ آهي.

"ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ريءَ."

انهيءَ ۾ آهي تہ ڪهڙي منجهہ حساب هئڻ، جيئن نہ، بلڪ

لفظ آهي- هئڻ Existance. Before this life. during this life and after this life _ The very existance.

ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري ۽. ائين چوندي علامہ صاحب پاڻي ۾ پير ڌريو ۽ هڪڙي سهٽي هئي، جنهن پاڻ کي اڳم ئي پاڻي جي نذر ڪيو هيو ۽ پيو علامہ قاضي هو، جنهن لاء شايد شاه عبداللطيف رحہ هي بيت انهي Situation لاء چيو آهي تہ:

"سهسين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيو مهراڻ"

منهنجي هڪڙي دوست ڳالهہ پئي ڪئي تہ ڄامشوري جو نالو متائي علامہ آء. آء. قاضي رکيو وڃي. مان سمجهانٿو تہ مونکي ياد آهي تہ جڏهن گيان باغ جو نالو متايو پي ويو تہ علامہ صاحب ان جي سخت مخالفت ڪئي ۽ چيائين تہ هي تاريخي نالا آهن، هي تاريخي شيون آهن، انهن کي ائين رهڻ ڏيو، پنهنجي تاريخ کي مروڙيو نہ پنهن جي تاريخ کي غلط نہ ڪيو. تاريخ کي تاريخ رهڻ ڏيو. اوهان کي جيڪڏهن جناح صاحب جو نالو رکڻو آهي تہ ڪو پيو باغ ٺهرايو، جنهن تي جناح صاحب جو نالو رکو. منهن جي خيال ۾ علامہ صاحب خود انهيءَ ڳالهہ جو مخالف هو. ڄام شورو کو ڄام هوندو ۽ شورو ذات جو جنهن جي نالي آهي. ٺيڪ آهي پلي انهيءَ جي نالي هجي پر اسان چاهيون ٿا تہ ڪو ادارو هجي ڪو وڏو شهر ٺهي جنهن تي اسان علامہ صاحب جو نالو رکون. اهو اسين پاڻ ٺاهيون پنهنجي همت سان نہ. ڪي اڳي ٺهيل ڪنهن شهر تي رکون. اسان کي نئين تعمير ڪرڻ گهرجي. علامہ صاحب جي نالي ۾ علامہ صاحب جو نالو انجي شايان شان شيء تي رکڻ گهرجي.

مان سچ پچ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان تہ اسان جو نوجوان پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر رشيد احمد شاهہ صاحب اهڙا ميڙا

مچائيندو اچي. هن کان اڳ بہ مان هتي آيو هوس. منهنجي دل ڏاڍي خوش ٿي هئي، ۽ مون شاهہ صاحب کي چيو هو تہ:

You have after all broken the ice.

۽ سچ پچ تہ علامہ صاحب کي ياد ڪري شاهہ صاحب وڏي خدمت ڪئي آهي.

آخر ۾ مان اوهان سڀني جو خاص طرح ڊاڪٽر رشيد احمد شاه ۽ ڊاڪٽر ملڪ جو ٿورائتو آهيان، جو مونکي موقعو ڏنائون جو اوهان سڀني سان ملاقات ٿي ۽ پنهنجيون ڳالهيون اوهان تائين پهچايون.

(شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي ورسي تي ڪيل تقرير، ۱۹۸۷ع)

شيخ عبدالمجيد سنڌي

رڳو هڏ ۽ چم - ماس نالي ماتر بہ نہ - پر رنگ ڪليل، منهن تي سدائين سرخي، چپن تي هميشہ هڪ لازوال مرڪ، وار ۽ سونهاري اڇا، ائين لڳي جڻ ڪو تمام وڏيءَ عمر وارو بزرگ آهي، پر اکين ۾ نهاريو تہ جوان- جهڙيون اماڙيون - پر اونهيون -شفاف - مرتين جي جرڪي واريون - تارا پُورا - مونکي ڪڏهن بہ ڪراڙو نہ لڳو - نہ هلڻ چلڻ مان، نہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان - سدا جوان، سدابهار شخص مون حياتيءَ ۾ گهٽ ڏٺا، ۽ انهن مان هڪ هئو شيخ عبدالمجيد سنڌي.

ڪراچي هوٽل جي ڏاڪڻي ورانڊي جي ڪچهري تاريخي ڪچهري هوندي هئي. ان ۾ سرائي اميد علي (سنڌيءَ جو اوائلي افسانہ نگار)، شيخ علي محمد (صحافي - هاٽي سينيٽر)، عبدالرحيم عباسي (ڪراچي هوٽل جو مالڪ) مولانا غلام محمد گرامي، مولانا محمد يوسف (مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو ساٿاري) سيد سردار علي شاھ (روزانہ ڪاروان جو ايڊيٽر) مصطفيٰ قريشي (هاٽي ايڪٽر) ۽ ٻيا ڪيترائي اهم شخص اچي گڏ ٿيندا هئا. مان ۽ رباني ان ڪچهريءَ ۾ نوجوان شاگردن جي حيثيت ۾ علم جي اسات ڪٽي اچي ويهندا هئاسين. ان ڪچهريءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن شيخ صاحب لڪڻ جو ٽڪاءُ ڪري، "السلام عليڪم" چئي اچي شامل ٿيندو هئو.

مان ۽ رباني اڪثر ٻار هئاسين. ذهنن تي شيخ صاحب جي

شخصيت جو رعب ڇانيل هئو. ادب سان ڪچهريءَ ۾ ويٺا هوندا هئاسين. شيخ صاحب جي باري ۾ سڀ معلومات هئي. پاڻ آل انديا شهرت جو ليڊر هئو. ڪنهن زماني ۾ سنڌ مسلم ليگ جي واڳ سندس هٿ ۾ هئي، ۽ هو سنڌ جو بادشاهه‌گر King Maker هيو. سنڌ جو تعليمي وزير به رهيو هو. پر تڏهن به وزارت جي زماني ۾ سندس پٽ، خالد ۽ طارق ٽانگي تي اسڪول ويندا هئا. سرڪاري موٽر ڪار خانگي استعمال ۾ نه آڻيندو هئو. ڪن اصولن جي ڪري جناح صاحب سان اختلاف ڪري مسلم ليگ ڇڏي هيائين. ڪنهن زماني ۾، هٿين خالي، سرشاهنواز ڀٽي کي اليڪشن ۾ شڪست ڏني هيائين. شروع ۾ به مرد قلندر هٿين خالي هو ۽ هاڻ به ائين آهي. سندس گهر ويندا هئاسين ته به پڳل ڪرسيون سڄو فرنيچر، ڪاڏيءَ جا ڪپڙا. ناس جي دبلي هٿ ۾. اها هئي ڪل ملڪيت شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي، جنهن جي دانائيءَ، ايمانداريءَ ۽ سياسي شعور جو ڏاڪو سڄي هند پاڪ تي ڇانئيل هئو.

شروع ۾ ته سندس شخصيت جو رعب هئو، پر پوءِ آهستي آهستي سندس شخصيت جو قربائتو پاسو اڳڀرو ٿيندو ويو. پنهنجائپ وارو پيار ۽ شفقت - "تنوير - ڇا ٿا ڪن نوجوان - " مرڪي چوندو هئو.

نه رڳو سياست ۾ پڙ پر ادب، تاريخ، تصوف، فلسفو ۽ ٻولي به سندس ڦبضي ۾ - الوحيد ۾ ايڊيٽوريل ۽ ڪالم لکيائين جيڪي سنڌي ادب جو فخر لائق ورثو آهن. خاص ڪري نعرهء مستانه - سنڌي ٻوليءَ جو محاورو، ۽ اصطلاح جيترو شيخ صاحب ان دور ۾ استعمال ڪيو، اهو ڪاڪي ڀيرومل، جيٺمل، ۽ لعل چند کان سواءِ ٿورن جي ئي وس ۾ آيو هوندو.

ڪراچي هوٽل جي ڪچهري هجي، ڪا ادبي يا سياسي

ميٽنگ هجي، يا ڪو عام جلسو - شيخ صاحب هڪ هڪ لفظ چٻي چٿي ڳالهائيندو. سندس هڪ هڪ جملو ائين لڳندو هئو ڄڻ اهو ڪلاڪن جي سوچ ڪان پوءِ وجود ۾ آيو آهي. ميٽنگ يا جلسي جي صدارت ڪندو هوندو، ۽ ڪو ٺهراءُ پيش ٿيندو، تہ ان جي هڪ هڪ لفظ تي سوچي، ان کي اهڙيءَ ريت لکندو ڄڻ ڪو ماهر قانون دان ڪنهن آئين جي مسودي جي ڊرافٽنگ ڪري رهيو آهي. قانوني توڙي آئيني طور ان ٺهراءَ ۾ ڪوبہ اهڙو خال نہ ڇڏيندو جو ان جي ڪنهن ٻيءَ طرح تشريح ٿي سگهي. جي ڪنهن ميٽنگ يا عام جلسي جي صدارت ڪندو، تہ ان جي ڪاروائي باقاعدي، دستور مطابق هلندي. ٺهراءُ پيش ٿيندو. ان جي تائيد ۾ ڳالهائيندڙ نالا ڏيندا، ۽ سڏ تيڻ تي ڳالهائيندا. مخالفن کي بہ ڳالهائڻ لاءِ وقت ملندو، ان جي ٻوليءَ وغيرهہ ۾ ترميمون باقاعدي پيش ٿينديون. هر مرحلي تي ووٽ ورتا ويندا، ۽ آخر ۾ مسودو سمورين ترميمن ۽ تبديلين ڪان پوءِ منظور ٿيندو.

ان زماني ۾ ئي اليڪشن جو اعلان ٿيو. (٥٣ يا ٥٣) شيخ صاحب سنڌ اسيمبليءَ لاءِ سائين جي ايم سيد جي سنڌ عوامي محاذ جي طرفان، حيدرآباد مان بيٺو. سائين جي ايم سيد اهو محاذ مسلم ليگ جي خلاف ناهيو هيو، جنهن ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، شيخ صاحب، قاضي فيض محمد ۽ ٻيا قوم پرست ۽سوشلسٽ شامل ٿيا. ڪراچي هوٽل وارن يارن مونکي چيو تہ مان شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو پولنگ ايجنٽ ٿيان.

پلا ان ڪان وڌيڪ فخر جي ڳالهہ مون لاءِ ڪهڙي هئي. (اڄ تائين ان ڳالهہ تي مان فخر ڪندو آهيان) اليڪشن ورڪ شروع ڪيوسين. شيخ صاحب جا مخالف بہ هئا. هڪ عبدالهادي شاهہ (ميران محمد شاهہ جو پائيٽيو) ۽ ٻيو نواب زاهد علي خان (مهاجر ليڊر). ميران محمد شاهہ شيخ صاحب جو مداح بہ هئو تہ عقيدت

مند بہ، پر مسلم ليگ ۾ هئو. ان ڪري مقابلو ڪرڻ سندس فرض هئو. ميران محمد شاهہ سابق اسپيڪر سنڌ اسيمبلي، سابق وزير، سابق سفير بہ هئو، تہ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ انوکو ليکڪ بہ هئو. پر تڏهن بہ شيخ صاحب جي آڏو آيو.

ان اليڪشن ۾ اسان شيخ صاحب جون تقريرون ٻڌيون. هونءَ تہ شيخ صاحب کي يا ڪراچي هوٽل جي ڪچهرين ۾ ٻڌو هئوسين يا سندس گهر ۾- هن اليڪشن مهم ۾ شيخ صاحب جي تقريرن کي ٻڌڻ جو موقعو مليو. شيخ صاحب سڌو سنئون ٿي بيهندو هئو. تقرير ڇا هوندي هئي. ڄڻ ڪو دستاويز. منڊي ۾ ڌيمي لهجي ۾ مسئلن جو تعارف ڪرائيندو، پوءِ هڪ هڪ مسئلي کي ڪٽي، تفصيل سان، سلجهائيندو ويندو، دليل ڏيندو ويندو، اهڙيءَ ترتيب سان، اهڙي تسلسل سان، جيئن ڪو ماهر مقالہ نگار مقالو لکندو آهي. ڪو بہ خال نہ ڇڏيندو، ڪو بہ جهول نہ وجهندو. ڪابہ ڳالهہ اڳتي پوئتي نہ ٿيندي. جيڪا ڳالهہ اڳ اچڻي هوندي، اها اڳ ايندي، ۽ جيڪا ڳالهہ پوءِ چوڻي هوندي، اها پوءِ چوندو- ۽ سڀ في البديهہ - نہ نوٽ هٿ ۾ نہ ڪاغذ - هونءَ بہ ڪنهن بہ مسئلي تي شيخ صاحب سان ڳالهايو. سندس ڳالهائڻ جو انداز اهوئي هوندو هئو. جيئن جيئن ڳالهائيندو ويندو، تيئن تيئن ڌيمو لهجو ۽ آواز بلند ٿيندو ويندو. ڄڻ ڪا سامونڊي وير آهستي آهستي چڙهي گجگوڙ ڪري.

سندس تقرير جي وڏي خوبي هئي ٻوليءَ جي رواني. روان، عام فهم ۽ شائستہ ٻولي ڳالهائيندو هئو. جوش جي چوٽ تي پهتل هوندو هئو تڏهن بہ ڪو گٿو لفظ زبان مان نہ ڪڍندو هئو. شيخ صاحب انهن ٿورن ماڻهن مان آهي، جن جي واتان مون خانگي ڪچهرين، ميٽنگن توڙي عام جلسن ۾، ڪو گٿو يا ناشائستو لفظ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو. هو صحيح معنيٰ ۾ پارليامينٽرين هئو.

سدائين پارليمانيءَ ٻوليءَ ڳالهائيندو هئو.

انهيءَ اليڪشن مهم ۾ شيخ صاحب تي الزام لڳا- هڪ تہ هو کاڌي ٿو پائي انگريزي ڪانگريسي آهي. شيخ صاحب چيو ”کاڌي پائڻ جو سبق تہ اسان کي رسول پاڪ ڏنو آهي. سادگي رسول جي سنت آهي - “ ٻيو الزام اهو لڳو تہ هو پاڪستان جو مخالف آهي- ان جو جواب شيخ صاحب اهو ڏنو تہ ”پاڪستان محمد علي جناح نہ ٺاهيو - پاڪستان واٽئي جي پٽ شيخ عبدالمجيد ٺاهيو.“

بهرحال، ان اليڪشن ۾، شيخ صاحب کي ايترا بہ ايجنٽ نہ مليا جو سيني پولنگ اسٽيشن تي پهچائي سگهي - ڪاليءَ جي پولنگ تي ڪوڙا ووٽ هليا، جو اتي اسان جو ڪوبہ ايجنٽ نہ هئو. نتيجو ظاهر هئو. شيخ صاحب هارايو.

هار جو اثر شيخ صاحب تي ڪوبہ نہ ٿيو. اهي ئي ڪراچيءَ هوٽل جون ڪچهريون - اهي ئي شيخ صاحب جا ٽهڪ، اهي ئي اسان نوجوانن کي چونگون تہ گراميءَ سان چرچا ڪريو. شيخ صاحب ان عمر ۾ بہ زندهہ دل هئو. جڏهن محفل سنجيدهہ ٿي ويندي هئي، تہ مونکي يا ربانيءَ کي اشارو ڏيندو هئو تہ ڪو نہ ڪو چرچو ڪريو. ۽ نشانو گرامي صاحب هوندو هئو. ۽ ان سان چرچا ٿيندا هئا تہ شيخ صاحب جا ٽهڪڙا هوندا هئا. ان وقت پيڙهي وچوٽي ختم ٿيندي هئي، ۽ اسان شيخ صاحب کي پنهنجي ويجهو سمجهندا هئاسين.

ون يونٽ جي خلاف تحريڪ ۾ سنڌ عوامي محاذ ڀرپور حصو ورتو. نوجوان، ذوالفقار علي ڀٽي جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ يوٿ فرنٽ ذريعي ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ شامل ٿي ويا. کهڙي ديڙ دونس سان سنڌ اسيمبليءَ مان ون يونٽ جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪرايو. ون يونٽ خلاف مهم ۾ اسان شيخ صاحب جي سنڌ

دوستي نہ پر سنڌ سان عشق ڏنو. عشق بہ رواجي نہ، پر والهاڻو عشق.

ون يونٽ ٿي ويو. اسان نوجوان مايوس. هاڻي ڇا ٿيندو؟- سنڌ جي صدين جي تهذيب، تمدن، ٻولي ختم ٿي ويندي- پر جڏهن شيخ صاحب سان ملياسين، ۽ انهن جذبن جو اظهار ڪيوسين تہ روايتي ٺهڪ ڏيئي چيائين ”هيءُ بہ هڪ دور آهي. تاريخ ۾ سنڌ تي ڪي ئي اهڙا دور آيا ۽ گذري ويا - هيءُ بہ گذري ويندو.“

شيخ صاحب جي انهن لفظن اسان جي مايوسيءَ کي تہ گهٽايو، پر شيخ صاحب جي انهن لفظن جي سچائيءَ جي ثابتي پوءِ ملي، جڏهن سنڌ جي تاريخ پڙهي سين. ارغون، ترخان، مغل، سيني سنڌ کي تحس نحس ڪرڻ چاهيو، پر سنڌ اڃا تائين موجود آهي.

شيخ عبدالمجيد سنڌي پڪو مسلمان هئو. هڪ بہ نماز نہ گسايائين، هڪ روزو نہ ڇڏيائين، پر مذهب هن لاءِ ڏيکاءُ نہ هئو، پر هڪ مسلڪ، هڪ نظريو، هڪ عقيدو هئو، جنهن تي هو خلوص دل سان عمل ڪندو هئو. مون پنهنجي حياتيءَ ۾ جيڪي بہ پڪا ۽ سچا مذهبي ڏٺا آهن، شيخ صاحب انهن ۾ سيني کان مٿانهون هئو، پر منهنجو اهو مشاهدو آهي، تہ هر سچو مذهبي، مذهبي تعصب کان پري هوندو آهي، ۽ هو بي تعصب -Sec ular ۽ انسان دوست Humanist هوندو آهي.هن لاءِ مذهب انسانيت جي ڀلائيءَ جي مقصد تي پهچڻ جو هڪ ذريعو هوندو آهي. اهڙن مذهبي ماڻهن ۾ مون علامہ آء. آء. قاضي، شيخ صاحب، مولا ناگرامي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ٻيا ڪيترائي مٿيادار ماڻهو ڏٺا. پر عجب جو حيدر بخش جتوئي، ابراهيم جويي ۽ سوڀي گيانچندانيءَ جهڙن لامذهبن جو جي مسلڪ الڳ هئو، تہ

مقصد ساڳيو ئي انسان ذات جي ڀلائي آهي.

مذهبي تعصب، ڪٽرپڻو فقط انهن ماڻهن ۾ ڏٺم، جيڪي منافق هئا. ۽ جن وٽ مذهب مقدس عقيدي بدران نفعي ڪمائڻ واري بازاري وکرُ هئو.

انهي نحيف ۽ نبل جسم، ۽ وڏيءَ عمر هوندي بہ هن ڪڏهن بہ سچ جو دامن نہ ڇڏيو ۽ ستر سالن کان بہ مٿي عمر ۾ جيل ڪاٽيائين. اهو بہ ايوب خان جي زماني ۾.

ايوب خان، "بنيادي جمهوريت" ذريعي صدارتي چونڊ جو اعلان ڪيو. ملڪ جا سڀ جمهوريت پسند سندس خلاف متحد ٿيا ۽ محترمہ فاطمہ جناح کي سندس خلاف اليڪشن ۾ بيهاريائون. اليڪشن سڌي ووٽ ذريعي نہ هئي، پر ايوب خان جي ايجاد ڪيل "بنيادي جمهوريت" جي ميمبرن جي ووٽ ذريعي هئي. ان اليڪشن جي سلسلي ۾ هڪ جلسو سکر اسٽيڊيم ۾ رکيو ويو، جنهن ۾ فاطمہ جناح کي تقرير ڪرڻي هئي. انهن ۾ گڏيل متحده محاذ جي ٻين اڳواڻن سان گڏ شيخ صاحب پڻ آيو. سکر ۽ خيرپور مان رشيد ڀٽي، مان، باقر شاهہ، ڊاڪٽر اعزاز نظير، فتح الله عثماني، شمس الدين شاهہ ۽ ٻيا دوست هئاسين. جلسو شروع ٿيو. ٻين اڳواڻن سان گڏ شيخ صاحب بہ تقرير ڪئي. مختصر پر جامع. اهڙي يقين سان ڳالهايائين جو سيني اڳواڻن تي سندس تقرير ڇانئجي ويئي. جلسو پورو ٿيو تہ مون سان مليو. ۽ مونکي بي تڪلفيءَ مان چيائين "اڄ رات مان ۽ پرڳڙي (غلام مصطفيٰ پرڳڙي) تو وٽ خيرپور رهنداسين." پر پهرين هنن همراهن کي سرڪٽ هائوس لاهيندا هلون."

ڪجهہ اڳواڻ منهنجي ڪار ۾ ٻنيان غلام مصطفيٰ پرڳڙيءَ سان ويٺا. شيخ صاحب اڳيان ويٺو. سکر جي سرڪٽ هائوس تي مون گاڏي بيهاري. ٻيا همراهہ لهي ويا. پرڳڙي صاحب ٿيلهو

ڪٺي آيو. شي صاحب چيو ”هلو.“ مون چيو ”شيخ صاحب اوهان سامان تہ ڪٺي اچو.“ ”سامان؟“ شيخ صاحب ٽهڪ ڏيئي چيو ”هيءُ جو آهي سامان!“ هڪ ڳوڻ جي ڳوٿريءَ ڏي اشارو ڪندي چيائين. جيڪ جلسي ڪان وٺي سندس هٿ ۾ هئي.

پرڳڙي صاحب ڪلي چيو ”اها ئي آهي شيخ صاحب جي ملڪيت. هڪ وڳو ڪاڏيءَ جو، ڏندڻ، مصلو ۽ ٽوپي.“

ميان جي مڏي، هڪ ڏندڻ بي تڏي. اهو ڀهاڪو مون ڀڏو هئو پر اڄ ساپيا ڏٺر.

سڌو خيرپور آياسين. ان وقت مان اجان مسواڙي جاء ۾ رهندو هيس. قمر ۽ مون وٽ آهر شيخ صاحب ۽ پرڳڙي صاحب جي خدمت ڪئي. رات جو دير تائين پرڳڙي صاحب پنهنجي روايتي خوش طبعيءَ سان شيخ صاحب ۽ اسان کي کلائيندو رهيو.

نيرن تي قمر، شيخ صاحب لاء حلوو ٺاهيو. اهو حلوو شيخ صاحب کي ايترو تہ وڻيو جو پوء جڏهن بہ مونکي مليو تہ ان حلوي جي تعريف ضرور ڪندو هئو.

شيخ عبدالمجيد سنڌي، مسلم ليگ، عوامي ليگ، نئشنل عوامي پارٽي، سنڌ عوامي محاذ، ڊيموڪريٽڪ ائڪشن ڪميٽي، مطلب تہ هر ان جماعت ۾ رهيو، جيڪا جمهوريت جي لاء جدوجهد ڪندي هئي، ۽ عوام دوست ۽ انسان دوست نظرين جي حامل هئي. مارشل لا جي اونداهي دور ۾ بہ، باوجود ڪمزور جسم ۽ وڏيءَ عمر جي هر ويڙهاند ۾ سيني ڪان اڳيرو هئو. هو نہ فقط سنڌ جو فخر لائق سياستدان هئو، پر سنڌي زبان جو بي مثال صحافي ۽ اديب پڻ. مونکي ياد نہ آهي تہ سنڌ جي ڪنهن سياست دان جي مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا ابوڪلام آزاد جهڙن اڳواڻن تعريف ڪئي هجي، تنهن هوندي بہ اهڙو نهٺو، اهڙو نماڻو، اهڙو سادو، جو اعتبار ئي نہ اچي، تہ شيخ عبدالمجيد

سنڌي هيءُ ئي آهي.

اهو منهنجو سياڳ آهي، جو اهڙي پارس سان حياتيءَ جا ڪي موقعا قريب رهڻ جو موقعو مليو. پر ان سان لڳي سون ٿي نہ سگهيس، پر سون ٿيڻ جي آس دل ۾ اجا آهي.

حيدر بخش جتوئي

پنجين درجي، (هاٹوڪي ائين ڪلاس) ۾ هيم، تہ حيدر بخش جتوئيءَ جا شعر پڙهيم. ڪورس جو ڪتاب هئو "چونڊ سنڌي نثر ۽ نظم". ڊاڪٽر دائود پوٽي جو ترتيب ڏنل هئو. ان ۾ هڪ نظم هئو:

تو فلڪ ٺاهيو ۽ دنيا جو نگهبان ڪيو،
بي عدد رنگن ۽ روپن سان پريشان ڪيو،
حسن خوبيءَ سان هزارن کي تو مستان ڪيو،
حيرت انگيز جهان ٺاهي تو حيران ڪيو.

ان نظم جي هيٺان لکيل هئو "شڪوي تان ورتل" ان نظم جا ڪتاب ۾ ڏنل سڀيئي بند مونکي ياد ٿي ويا، اهڙا ياد ٿي ويا جو اڄ تائين ياد اٿم. خاص ڪري هيءُ بند:

تو ڪيو حضرت انسان جي دل گهر پنهنجو،
ساري قدرت ۾ تو کي ڇڏيو دفتر پنهنجو،
تنهنجي دفتر جا سيئي ورق ڪنهين ڪين پڙهيا،
ڪنهين ڪارا ڪنهين اڇا ڪنهين رنگين پڙهيا،
ڪي سکيا ڪفر هتان ۽ ڪي هتان دين پڙهيا،
ڪن فقط تن مان محبت جا مضامين پڙهيا،
جيڪو جنهن ورق ۾ هو تنهن ۾ اهو غرق ٿيو،
عمر پوري ٿي وئي پورو نہ هڪ ورق ٿيو.

تورن ڏينهن کان پوءِ سندس بيو نظم پڙهيم،
پلي آئين جيءُ آئين درياهہ شاهہ.

پنهي نظمن ۾ بي پناهہ رواني، ۽ مضمونن جي نواڻ هئي. ان وقت اديب سنڌ رسالو پڙهندو هيس، (۱۹۳۹ع جو زمانو هيو) ۽ شعر بہ اهڙائي فاعلاتن فاعلات وار لکندو هيس. پر حيدربخش جتوئيءَ جي شاعريءَ جيءُ جنجهوڙي ڇڏيو.

انهن ڏينهن ۾، اسانجي اين- جي- وي هاءِ اسڪول ۾ هڪ استاد هئو، مسٽر محبوب علي منگسي. ڏاڍو باذوق هئو، ۽ ادب سان چاهہ هيس. هو ڪلاس هلندي اڪثر حيدربخش جتوئيءَ جا شعر پڙهائيندو هئو.

ان کان جتوئيءَ جون ڪجهہ رباعيون پڙهم:

الله جو رستو وَڏي مشڪل ۾ ڏٺم،
مسجد ۾ نڪاڻي ۾ نہ ديول ۾ ڏٺم،
هت بحث ۽ منطق جو نہ ڪجهہ آهي ضرور،
مولا کي ڏٺم جي تہ سچيءَ دل ۾ ڏٺم.

هن اهو بہ پڙهايو تہ مولوين وڏي تحريڪ هلائي جتوئيءَ جي ڪتاب ”تحفئہ سنڌ“ کي ضبط ڪرايو آهي. ڇو جو ان ۾ شڪوي جهڙا نظم آهن. هن شڪوي جا اهي بند بہ پڙهايا جيڪي اسانجي ڪورس واري ڪتاب ۾ نہ هئا:

يا خداوند ڪرج عقده ڪشائي پنهنجي،
ڇو آهي رعب ۽ عزت توکهٽائي پنهنجي،
تون ڇڏي نند کي ڏيکار وڏائي پنهنجي،
مون کي آخوف وڃائين نہ خدائي پنهنجي.

استاد منگسي اسان کي رڳو جتوئيءَ جا شعر نہ پڙهائيندو هيو پر هن جي جدوجهد جي باري ۾ بہ ڳالهيون ڪندو هئو. هن پڙهايو تہ جتوئي وڏي سرڪاري نوڪري ڇڏي، مظلوم هارين لاءِ تحريڪ هلائي رهيو آهي، ۽ انهن کي حقن ڏيارڻ لاءِ ”هاري پارٽي“ ٺاهي اٿس، ۽ اخبار ”هاري حقدار“ ڪڍندو آهي.

ان زماني تائين ڪراچيءَ جي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ تي پاڪستان جي دستور ساز اسيمبليءَ قبضو ڪري ان ۾ پنهنجا اجلاس شروع ڪيا، ۽ سنڌ اسيمبليءَ جا اجلاس اين- جي- وي هاءِ اسڪول جي متئينءَ ماڙيءَ تي ٿيندا هئا. اسان ڇوڪرا روز وزيرن، ۽ اسيمبلي ميمبران کي موٽرن مان لهندي ۽ لفٽ (جيڪا خاص انهن لاءِ لڳائي وئي هئي) ذريعي مٿي اجلاس ۾ ويندي ڏسندا هئاسين. هيءُ يوسف هارون- هيءُ کهڙو - هيءُ پيرزادو عبدالستار - هيءُ گبول - هيءُ گذدر - هيءُ پيرالاهي بخش هڪ ٻه دفعا پاس هٽ ڪري اسيمبليءَ جو اجلاس پڻ ڏسي آياسين. اها اسيمبلي واقعي اسيمبلي هئي. گهڻا ميمبر اڻ پڙهيل. پر بردبار. تقريرون معياري، نقري بازي ۽ نوڪ جهونڪ اعليٰ درجي جي. (اهو احوال ٻئي ڪنهن مضمون ۾ ڏبو)

ته ان اسيمبليءَ ۾ "سنڌ ٽيننسي ائڪٽ" پئي پاس ٿيو. ٻڌو سين ته ان ڏينهن "سنڌ هاري پارٽي" ان بل خلاف مظاهرو ڪندي ۽ "اڌو اڌ ونڊ" جو مطالبو ڪندي.

مان ۽ منهنجا ڪجهه دوست ڪلاس ڇڏي، فقط حيدر بخش جتوئيءَ کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر آياسين. ٻاهر وڏو ميڙ هئو. پئي اڏهازا، اس جا لهساتيل، ليڙون ٽيل لٽن سان هاري، ۽ انهن ۾ حيدر بخش جتوئي، زبرو جوان، سهڻو، سنهين ڪتريل ڇُڳن سان (شهپر آخري عمر ۾ رکيائين.) وڏي وجي ويجهو ڪان ڏٺوسين. هارين کي پري کان پنڌ ڪري اسيمبلي تائين اچڻو پيو هئو. سڀ اڃايل هئا. "پاڻي" پئي ڇيائون. اسان وجي، اسڪول جا مٽ ڪٽي آياسين اُهي پورا ٿي ويا ته اسڪول هڪ پاسي (Wing) مان گهگهيون ڪٽي آياسين، جتي تعليم کاتي جون آفيسون هيون، ۽ آفيسرن جون گهگهيون وراڻدي ۾ پاڻيءَ ڀرڻ لاءِ رکندا هئا. انهن آفيسرن ۾ آغا تاج محمد (رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي) به هئو ته

ڊاڪٽر دائود پوٽو (ڊئريڪٽر ايڊيو ڪيشن) به. (اين - جي - وي هاء اسڪول جي هڪ پانهينئن ۾ اهي آفيسون هيون. سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس پڻ شروعات ۾ اتي هئي ۽ جويو صاحب اتي وهندو هيو.)

حيدر بخش جتوئي جي زماني جو هاري اڄڪلهه جو هاري نه هئو. صحيح معنيٰ ۾ پورهيت هئو. هر ڪاهيندو هئو، ڪيڻ ڏيندو هئو، ڳاهه ڳاهيندو هئو، واڦُر ڪندو هئو، پاٽي ورائيندو هئو، لابارو ڪندو هئو، پر تنهن هوندي به ان داڻا ايترا نه ملندا هيس جو پنهنجو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پري سگهي. دوا درمل، لٽو ڪپڙو ۽ تعليم ته پري رهي.

اڄوڪو هاري ٽرئڪٽر سان هر ٿو ڏياري، ڪيڻ به ٽرئڪٽر ڏئي. ٻج به مشين ذريعي ڇٽجي رڳو پاٽي ورائي. پوءِ ڳاهه وائر ڪري ٿريشر. اڄوڪي هاريءَ کي واچ به آهي، ڪيٽيءَ جا ويڳا به آهن، ٽرانزسٽر به آهي. جيڪو حيدر بخش جتوئيءَ جي جدوجهد جو نتيجو آهي.

وقت گذرندو ويو. بابا سائينءَ جي بدلي حيدرآباد ٿي. ان زماني ۾ مان مئٽرڪ ۾ هيس. بابا سائينءَ وٽ "هاري حقدار" اخبار هر هفتي ايندي هئي، ۽ مان ڏيان سان پڙهندو هيس. اوچتو هڪ ڏينهن ڪتاب "آزادي قوم" آيو. ڪجهه لفظ ڏکيا هئا. پر معنيٰ لکيل هئي. تڏهن به دير هضم لڳا. وري ڪتاب آيو "هاري گيت" "هاري ڪهاڻيون."

اهو زمانو ٥١-١٩٥٠ع جو هئو. تڏهن حيدرآباد مان اخبار نڪرندي هئي "هلال پاڪستان." اها اسانجي اسڪول (گورنمنٽ هاءِ اسڪول) جي سامهون هئي، ته گهر (جنرل پوسٽ آفيس جي پٺيان) کان سڌ پنڌ تي. شيخ علي محمد (هاڻي سنيٽر) ان اخبار ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر هئو. ڪڏهن ڪڏهن مان پنهنجا شعر ڪٺي،

هلال پاڪستان ۾ ڇپجڻ لاءِ ونس ويندو هيس. هو ڏاڍي همت افزائي ڪندو هيو. هڪ ڏينهن ان وٽ مليو "مصطفيٰ آتش". هن ٻڌايو تہ هو حيدر بخش جتوئيءَ جو پٽ آهي. هو بہ پنهنجا شعر "هلال پاڪستان" ۾ ڇپڻ لاءِ ڏيڻ آيو هيو.

ان ڏينهن کان مصطفيٰ سان دوستي ٿي وئي. هو مونکي پنهنجي گهر وٺي آيو. (حيدر چونڪ تي، هاري آفيس مٿان). هن مونکي حيدربخش جتوئيءَ جي هٿ اکرين لکيل سندس شعر ڏيکاريا. جيڪي مولوين جي اعتراض ڪري ضبط ڪيا ويا هئا. جتوئيءَ جو شڪوو، جنهن جا ڪجھ بند مون استاد ابو بڪر منگسيءَ کان ٻڌا هئا سو سڄو مون هتي پڙهيو. اچڻ وڃڻ وڌيو تہ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان بہ دعا سلام ٿي، تہ ٻين هاري رهنمائن ۽ ورڪرن سان بہ. انهن ۾ ڪامريڊ غلام محمد لغاري، ڪامريڊ غلام حسين سومرو، ڪامريڊ عبدالخالق آزاد ۽ ٻين سان واقفيت ٿي ۽ ڪچهريون ٿيون.

حيدربخش جتوئيءَ جي گهر ۾ ادبي ڪتابن سان گڏ قانون جي ڪتابن جو وڏو ذخيرو هئو. هو ماجسٽريٽ ٿي رهيو هيو، قانون تي هن جو پورو عبور هئو. هن هاءِ ڪورٽ تائين پنهنجي ڪيس جي پاڻ وڪالت ڪئي. ان ۾ مشهور ڪيس "جيئي سنڌ" ۽ "جيئي هند" وارو بہ آهي، جنهن مان هن کي باعزت آزاد ڪيو ويو.

انهن ڏينهن ۾ راحت سئنيما جي آڏو هڪ پٺاڻ گاڏي وارو بيهندو هيو، ۽ تريل مغز ڏاڍا لذيذ ٺاهيندو هئو. مصطفي جتوئيءَ کي انجا مغز ڏاڍا وڻندا هئا. ٻئي ٽئين ڏينهن اتي ويندا هياسين، ۽ انجا مغز کائيندا هياسين. (اڄڪلهہ ان پٺاڻ اتي ئي هڪ وڏي هوٽل ٺهرائي آهي). مصطفيٰ سان دوستي ٿي ويئي هئي، ان ڪري ڪامريڊ حيدر بخش سان دعا سلام پئي ٿيندي هئي.

ڳوٺ آيس تہ خبر پئي تہ منهنجي ناني، زوار عيسيٰ جا، حيدر بخش جتوئيءَ جي ڪٽنب سان ڏاڍا گهرا لاڳاپا هئا، ۽ ڪامريڊ جي والد الهداد خان سان گهٽي دوستي هيس. گهڻو ڪري هو سندن ڳوٺ بکي ديري ايندو ويندو هيو. ان ڳالهہ جي تصديق نانيءَ بہ ڪئي تہ ڪامريڊ حيدر بخش ۽ بابا سائينءَ پڻ.

٥٣ -١٩٥٣ع ڌاري، علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجا ليڪچر شروع ڪيا. مان، ربانيءَ سان هر هفتي پابندي سان انهن ليڪچرن ۾ وڃڻ شروع ڪيو. ڪامريڊ بہ هر ليڪچر ۾ موجود هوندو هئو، ۽ ليڪچر کان پوءِ پنهنجي نڪتہ نظر موجب سوال ڪندو هئو. انهن ليڪچرن ۾ ايندڙ ملان ٽائيپ پروفيسر منهن چهو ڪري، ڪامريڊ تي "ڪميونسٽ" ۽ "ڪافر" جا رمارڪ ڏيندا هئا، پر علامہ صاحب تمام بردباريءَ سان ڪامريڊ جي سوالن جا جواب ڏيندو هو.

ون يونٽ جا سانباها ٿيا، تہ ان جي خلاف تحريڪ بہ تيز ٿي ويئي. پهرين سنڌ عوامي محاذ ٺهيو، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنهنجي هاري پارٽيءَ سوڌو ان ۾ شامل ٿيو. کهڙي جي سرڪار جي آمريت جو مثالي بهادريءَ سان مقابلو ڪيائين. اسان بہ ان تحريڪ ۾ شاگرد ڪارڪنن جي حيثيت ۾ کهڙي پياسين، ۽ ان ريت ڪامريڊ کي ڀورو ويجهو ڏسڻ جو موقعو مليو. جلسا، جلوس، ميٽنگون. ڪامريڊ هر هنڌ موجود. سنڌ جي حقن لاءِ، سنڌ جي پورهيت ۽ پيڙهيل طبقن جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ، ڪامريڊ سڄي حياتي وقف ڪري ڇڏي هئي.

ان دور ۾ ڪامريڊحيدر بخش جتوئيءَ جي شخصيت کي پنهنجي تصور ۾ ٺاهيل عڪس (Image) کان بہ مٿيرو ڏٺم. ڳالهائيندو تہ کرو. ڪوبہ رک رکاءُ، ڪا بہ ٺاهہ ٺوهہ يا تصنع، ڪا بہ مصلحت آميزي نہ، جيڪو دل ۾ اهو زبان تي. ڪامريڊ

جو منهن سندس روح جو آئينو هئو. اهڙو معصوم چهرو مون رڳو علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڏٺو، جنهن چهري جي هر ريکا ۾ خلوص هئو.

پاڻ سڌو ڳالهائيندو هئو. بنا ڪنهن لڪ لڪاءَ، ٺاهہ ٺوهہ، رک رکاءُ يا ڊپ ڊاءَ جي. چوندو هئو "ڪامريڊ. ڳالهہ ڪجي سنئين سڌي."

ڪي همراهہ کيس سمجهائيندا هئا. "ڪامريڊ، هي جلسي ۾ آيل ماڻهو اڻ پڙهيل آهن. اجا انهن جي ذهني سطح ان لائق ناهي جو اهي ڳالهيون سمجهي سگهن."

وراڻيندو هيو "ڪامريڊ، انهن کي ئي تہ اهي ڳالهيون سمجهائڻيون آهن. جي اهي نہ سمجهندا تہ انقلاب ڪيئن ايندو."

۽ پوءِ اٿين بہ ٿيو تہ ڪامريڊ جدلياتي ماديت، مارڪسزم، ليننزم، مذهب جو ڪردار، سيني تي ڳالهائيندو هئو. ڪلم ڪلا. تڏهن وڏيرن جو ڪيڏو زور هئو، اچ ان جو تصور ئي نہ ٿو ڪري سگهجي. اٿين بہ ٿيو جو وڏيرن مولوين کان ڪامريڊ خلاف فتوائون ڏياريون، ۽ ماڻهو موڪلي ڪامريڊ جا جلسا ڦٽايا. پر ڪامريڊ جي منهن تي گهنج بہ نہ پيو. جئين ٿڌ تئين ود. اڳي کان اڳرو، تازو ۽ توانو.

مون علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ، تورڙي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ، ٻنهي کي ڏٺو ۽ ٻڌو، (علامہ صاحب سان ايتري ويجهڙائپ نہ ٿي) پر تڏهن بہ مان سمجهان ٿو تہ علامہ صاحب هن دور ۾ شاهہ لطيف جو ڪردار پئي ادا ڪيو تہ حيدر بخش جتوئيءَ سچل سرمست جو. هڪ اشارن ۽ ڪناين ۾ حقيقت ڏي اشارو پئي ڪيو تہ ٻئي سڌو سنئون علي الاعلان دهل وڄائي حق ڏي پئي سڏيو.

هڪ ڏينهن ڪامريڊ کان پڇيم "ڪامريڊ، توهانجي خيالن

۾ ايڏو انقلاب ڪيئن آيو؟.

پاڻ وراٽيائين هڪ ڪتاب پڙهيم.

Essays and letters by Ingersol

"انگر سال جا مضمون ۽ خط." (اهو ڪتاب پاڪستان ۾ بند ٿيل هيو). وري ڪِلي، ٺهڪ ڏيئي چيائين "ان ڪتاب جي پڙهڻ جي صلاح مونکي دائود پوٽي (ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي) ڏني، پر مونکي جهلي ڇڏيو هيائين تہ مان اها ڳالهہ ظاهر نہ ڪريان تہ ڪو هن مونکي ان ڪتاب پڙهڻ جي صلاح ڏني هئي."

هاڻي جڏهن ڪامريڊ جو نظم "مناجات- درحق عمر الدين" تو پڙهان جيڪو سندس ڪتاب "جيئي سنڌ جيئي سنڌ" جي صفحي ٣٧ تي ڇپيل آهي تہ لڳي ٿو تہ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ساٿس پريت هئي.

نورالدين سرڪيءَ جي صلاح تي، اهو ساڳيو ڪتاب مون، رباني ۽ حفيظ شيخ پڻ پڙهيو. واقعي اهو ڪتاب ڏاڍو اهم آهي.

ون يونٽ ٽٽو، تہ ڪامريڊ جي ننڊ ڦٽي پئي. ان وقت ڪامريڊ تي اهو پهاڪو ٺهڪي ٿو اچي تہ "هرٽي اڳم ٿي نچٽي - ويتر ڍڏائونس گهنڊٽي." انقلابي تہ اڳ ٿي هيو. پر سنڌ جي محبت سندس خشڪ انقلابي طبيعت ۾ هڪ رومانوي رنگ ڀري ڇڏيو. ڇو تہ هن جو "وڇن ويڙهيچن سين" هيو. ان دور ۾ سندس شاعري بہ جرڪي. سندس اوائلي نظم "ڀلي آئين جي آئين درياهہ شاهہ" وارن سنڌ سان عشق جي جذبن کي وڌيڪ اظهار مليو. ۽ هن نظم لکيا "سنڌپياري،" "سلام سنڌ"، "اي سنڌي وڏيرا" "حيوان انسان" "جيئي سنڌ" "اي مني جيجل اي سونهاري سنڌ" .

پر ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو سنڌ سان عشق رڳو افسانوي ۽ رومانوي نہ هئو، پر حقيقت پسند اٺو، ۽ مه رضي ڀڻ.

هن ان دور ۾ انگ اکر ڏيئي، قاعدن ۽ قانونن جا حوالا ڏيئي، سنڌ تي ۽ ان جي پيڙهيل طبقن جي ماٿهن تي ٿيندڙ ظلمن جي باري ۾ اهڙا پمفليٽ لکيا جو سيڪريٽرين جي سطح جا ڪامورا بہ انهن کي رد ڪري نہ سگهيا، ۽ ان جو ڪو جواب نہ ڏيئي سگهيا - ۽ جي ڏنائون تہ اهو هيو ڪارن قانونن هيٺ ڪامريڊ جي گرفتاري.
ان دور ۾ ڪامريڊ هيٺيان پمفليٽ لکيا:

Injustice to Sind-I , Injustice to Sind- II, and Let is save Pakistan - I, Unjust Land taxation in Sind districts , One Unit and democracy, Stop ejectment of local population from Makhi Dhand area, Democracy and Dictatorship in Pakistan - I, De-mocracy or Dictatorship in Pakistan - II (One Unit bill X- rayed),Democracy of Dictatorship in Pakistan -HI (Daultana's debate dealt with), Democracy and Justice of the Chief Justice.

آخري پمفليٽ ڪامريڊ، ان وقت جي جڳ مشهور تميزالدين ڪيس تي ڏنل پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس منير جي ڏنل فتويٰ تي تنقيد طور لکيو. ان ۾ چيف جسٽس صاحب اسيمبلين کي ختم ڪرڻ جي قدم کي قانوني سڏيو هيو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جو پمفليٽ اهڙو تہ مدلل ۽ قانون مطابق هيو جو ڪو بہ ان جو جواب ڏيئي نہ سگهيو. اڳتي هلي خود جسٽس منير کي تسليم ڪرڻو پيو تہ سندس اها فتويٰ سياسي هئي.
ان زماني ۾ ٿيندو ائين هيو، تہ ڪامريڊ پمفليٽ لکيو ڪارن قانونن هيٺ جيل ويو، (جو تہ قاعدي قانون ۽ انگن اکرن موجب ان پمفليٽ ۾ ڪوبہ جواز نہ هوندو هئو جو کيس پمفليٽ لکڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪري سگهجي.) سزا ڪاٽي ٻاهر آيو. يڪدم ٻيو پمفليٽ لکيائين - وري جيل ۾.
ان دور ۾ هڪ شام جو مان شيخ علي محمد وٽ عبرت جي آفيس ۾ ويٺو هيس (ان وقت شيخ صاحب عبرت جو ايڊيٽر هئو.

اڄڪلهہ سنيئر آهي) اوچتو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي اچي نڪتو. اسان ادب سان سائنس ملياسين. گهڙي رکي هڪ پمفليٽ ڪڍيائين ۽ شيخ علي محمد کي چيائين تہ: هيءُ پمفليٽ عبرت ۾ ڇپيو- شيخ صاحب پمفليٽ وٺي ڏٺو اٿلايو پٿلايو. سر سري طور ان جو جائزو ورتو. ۽ پوءِ ڪامريڊ کي چيائين "ڪامريڊ، هيءُ پمفليٽ تہ مان ڇاپيان . پر اوهان اڃا تازو جيل مان آيا آهيو. هيءُ پمفليٽ ڇپيو تہ اوهان کي وري جيل موڪليندا. ڪجهہ ڏينهن آرام ڪيو. پوءِ هيءُ پمفليٽ ڇپينداسين."

ڪامريڊ ڪاوڙجي پيو، چيائين "هن وقت هن پمفليٽ جو ڇپجڻ ضروري آهي. ڇو تہ سنڌ ۾ ڍلن جا اگهہ وڌيڪ پيا وصول ٿين. جي هن وقت انهن کي نہ روڪيو ويو تہ سدائين لاءِ اها مصيبت سنڌ تي نازل ٿي ويندي."

شيخ صاحب وري بہ ڪامريڊ کي ٿڌو ڪندي چيو تہ "ڪامريڊ ٿورو ترسو. پوءِ شايع ڪنداسين" ڪامريڊ ڪاوڙ مان چيو "سچ چوڻ جو وقت هيءُ آهي. جي ڪو بيو نہ ٿو چوي تہ مان تہ چوان. ڪنهن کي تہ سچ چوڻ گهرجي."

۽ ائين ضد ڪري، ڪامريڊ اهو پمفليٽ قسطن ۾ عبرت ۾ شروع ڪرايو. نتيجو ظاهر هئو، يڪدم ڪيس گرفتار ڪيو ويو.

سنڌ جي تحريڪ ۾ شيخ علي محمد ۽ عبرت جو وڏو ڪردار آهي. اونداهي دور ۾ هنن اهي مضمون، ايڊيٽوريل، بيان ۽ خبرون ڇاپيون، جن جو ڇپجڻ ان دور ۾ ذري گهٽ ناممڪن هيو.

ڪامريڊ جو جيل بہ سياستدانن وارو "وڪيشن جو وٿاڻ" Holiday Resort نہ هئو، جو اي ڪلاس يا بي ڪلاس هجي. پنکا، اردلي، گهر جو کاڌو، ۽ سياسي دوستن جو ساٿ هجي. ڪاٿي

بي، اخبارون پڙهي سياست تي بحث ٿين. ڪامريڊ کي سدائين سي ڪلاس ۾ رکندا هئا، ۽ پاڻ ڪڏهن به نه بي يا اي ڪلاس لاءِ ڪوشش ڪيائين، نه ڪڏهن اهڙي درخواست ڏنائين. ايوب خان وَن يونٽ جي مخالفن جو سخت دشمن هئو. ان جي ڏينهن ۾ ڪامريڊ کي سياري ۾ مچ جيل ۾ رکيو هيائون جتي سياري ۾ سخت سردي ٿيندي آهي ۽ جيڪو سخت ڪان سخت جيل آهي. ان زماني ۾ ايوب خان لاڙڪاڻي آيو، ۽ ڪنهن صاحب کيس چيو ته حيدر بخش جتوئي کي بنا ڪنهن ڏوهه ثابت ٿيڻ جي جيل ۾ رکيو ويو آهي ته ايوب خان چيو "حيدر بخش جتوئيءَ جو ون يونٽ جي مخالفت ۾ دماغ گرم ٿي ويو آهي. مون هن جي دماغ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ مچ جيل ۾ رکيو آهي. هن کي به ڪمبل تا ڏين پر هاڻي مان هن کان هڪ ڪمبل کسي وٺندس جيئن سندس دماغ ڪجهه ٿڌو ٿئي."

۽ ائين ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ، مچ جيل جي سخت سرديءَ ۾، فقط هڪ ڪمبل ۾ پنهنجي سزا ڪاٽي.

شروع ۾ "جيئي سنڌ" اسان دوستن- مقبول پٺاڻ، حميد، ناصر، مصطفيٰ قريشيءَ، رشيد پٺاڻ، شمشير ۽ ٻين ننڍين ڪچهرين ۾ چوڻ شروع ڪيو. پر ون يونٽ جي دور ۾ اهو ڪفر جو ڪلمو ڪلئي عام، جلسي ۾ پڙهڻ وارو ڪامريڊ حيدربخش جتوئي هيو.

سڄيءَ دنيا کي خبر آهي ته ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ڪميونسٽ به هئو ته لامذهب به. هو اها ڳالهه لڪائيندو نه هئو پر ان تي فخر پڻ ڪندو هئو. پر اڳتي هلي خبر پئي ته سندس ڪميونزم، ۽ لامذهبيت سنڌ جي پٺيءَ اگهاڙي هاريءَ جي عشق جي اظهار طور هئي. هن کي سنڌ، ان جي ٻوليءَ، ان جي ثقافت، ۽ ان جي پيڙهيل پورهيت سان عشق هئو. ان جي بهتريءَ لاءِ ٿي هو

ڪافر ۽ ڪميونسٽ ٿيو هيو. ڇو تہ سندس ايمان هئو تہ ڪميونزم ئي سنڌ جي اڻ پڙهيل پورهيت جي لاءِ روشن ۽ خوشحال مستقبل آڻيندي.

ڪيترائي سينيئر ڪامريڊ، سنڌ جي قومي مسئلن، ٻوليءَ، ثقافت، صوبائي حقن وغيره کي، پورهيت طبقن جي وچہ ويڇي جو سبب سمجهي، انهن کي ايتري اهميت نہ ڏيندا هئا. پر ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو هميشہ سائن جهيڙو هوندو هئو. هن جي خيال ۾ جيڪڏهن سوشلزم سنڌ جي پورهيت جو آواز نہ ٿي اٿاري تہ ان سان اسان جو ڪهڙو ڪم.

چين جو وزيراعظم چواِن لاءِ جڏهن حيدرآباد آيو، تہ خاص ڪري ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ ڏي نياپو موڪلي ڪيس گهرايائين، ۽ وڏيءَ سِڪ سان سائنس پاڪر پائي مليو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سڄي عمر سنڌ جي پورهيت طبقن لاءِ وقف ڪئي. انگريز جي دور ۾ وڏي نوڪري ڇڏي، ڪل وقتي ڪارڪن ٿي، هاري پارٽيءَ کي قائم ڪيائين. عمر جو وڏو حصو جيل ۾ رهيو. هو جيل ۾ هوندو هئو، تڏهن بہ سندس گهر ۽ اوطاق (جنهن ۾ هاري پارٽيءَ جي آفيس هوندي هئي) هاري ڪارڪنن ۽ غريب هارين لاءِ اجهي جو ڪم ڏيندا هئا. ڇو تہ هارين يا هاري پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي نہ هوٽل ۾ رهڻ جيترا پئسا هوندا هئا، ۽ وري هو ڪنهن وڏيري جي اوطاق ۾ رهي سگهندا هئا. انڪري حيدرآباد شهر ۾ سندن لاءِ ڇپر ۽ ڇانءُ سنڌ هاري آفيس ئي هوندي هئي، جتي کين هنڌ ڪنٽولو وغيره ملندو هئو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي جيل ۾ هجڻ يا غير حاضريءَ جي صورت ۾ ڪامريڊ غلام حسين سومرو يا ڪامريڊ غلام محمد لغاري سندن ڪمن ڪارين لاءِ موجود هوندا هئا.

ايڏيءَ عمر تائين، ايتري خلوص واريءَ ۽ بي لوث خدمت جي باوجود بہ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ پاڻ کي ليڊر نہ سمجهيو. هن سڄي عمر هڪ ڪارڪن وانگر ڪم ڪيو، ۽ ليڊريءَ واري ٺاٺ باٺ، شهرت يا نمائش کان پري رهندو هئو. ڪامريڊ لفظ جي صحيح معنيٰ ۾ ڪامريڊ هئو. چوندو هئو تہ "ڪامريڊ مان ليڊر ٿورئي آهيان. "

ڪامريڊ سنڌ جي دوري تي نڪتو ٦٨ - ١٩٦٩ع جو زمانو هئو. تازو تازو جيل مان ٻاهر آيو هيو. هن دفعي واري جيل سندس صحت ڏاڍي ڪيرائي ڇڏي هئي. سندس سيني مداحن ۽ خيرخواهن کيس جهليو ۽ آرام ڪرڻ جي صلاح ڏني. پر ڪٿي حيدر بخش ڪٿي آرام. هن تہ عمر جي هڪ هڪ گهڙيءَ کي سجايو پئي ڪرڻ چاهيو.

پروگرام اهو بيٺو تہ سکر ۾ جلسو ڪندو ۽ ان کان پوءِ خيرپور ايندو. سکر ۾ جلسو پورو ڪري آيو تہ مون فون ڪئي مانس. پاڻ مرحوم شمس الدين شاهہ وٽ رهيل هئو:

"ڪامريڊ ڇا پروگرام آهي. ؟" مون پڇيو.

"ڪامريڊ سياڻي پهچي ويندس. " ڪامريڊ جواب ڏنو.

"ڪهڙي وقت؟"

"اهو ئي ڏهين بجي صبوح جو. "

"چڱو ڪامريڊ مان نائين بجي توهان کي وٺڻ ايندس."

مون چيو تہ پنهنجي ڪار تي ڪامريڊ کي سکر مان کڻي ايندس - چيائين:

"نہ ڪامريڊ نہ - مان پاڻهي پهچي ويندس - تون تڪليف نہ ڪجانءِ. "

"شمس الدين شاهہ جي ڪار تي ايندوءِ؟" مون پڇيو.

"نہ ڪامريڊ - مان ڪو ليڊر آهيان ڇا جو ڪار تي اچان.

بس پاڻهي وقت تي توهان وٽ پهچي ويندس. "

مون شمس الدين شاهه سان ڳالهايو، هن چيو "ڪار تہ مون وٽ بہ آهي، ڪامريڊ لاءِ حاضر آهي، پر ڪامريڊ اصل نہ ٿو مڃي." شاگردن ۽ ڪارڪنن ڪامريڊ جي آدرياءَ جو وڏو بندوبست ڪيو هيو، ان ڪري انڪل ڪري مون ڪامريڊ ڪان بس جو وقت پڇي ڇڏيم.

پئي ڏينهن شاگرد ۽ ڪارڪن بئنر ۽ جهنڊا کڻي، مقرر وقت تي بس اسٽئنڊ تي گڏ ٿي ويا. هنن بي تابيءَ سان ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو انتظار پئي ڪيو. هو پنهنجي پياري اڳواڻ کي ڏسڻ لاءِ بيتاب هئا. جذباتي نعرا پئي هنيائون. جڏهن مقرر وقت واري بس آئي تہ نعرن جو جوش تهائين وڌي ويو. پر ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ان بس ۾ ئي ڪو نہ هيو. سڀ مايوس ٿي ويا. اسان سوچيو تہ شايد ڪامريڊ کان بس گُسي وئي آهي. انڪري پيءَ بس جو انتظار ڪرڻ لڳاسين.

پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ ڪنهن اچي ٻڌايو تہ هن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کي بزار مان ويندي ۽ قول باغ (جتي جلسو هئو) جو پڇائيندي ڏٺو.

ٿيو ائين جو ڪامريڊ پري کان جو ميڙاڪو ۽ بئنر ڏٺا، تہ ڊرائيور کي چئي، بس بيهاري، اڳئين موڙ کان ئي لهي هليو ويو.

پوءِ تہ وٺ وٺُ ٿي ويئي، ڊوڙندي وڃي بزار ۾ ڪامريڊ کي پهتاسين. هاڻي ڪامريڊ ڪٿي ٿو جان ڇڏائي سگهي.

ڪارڪنن ڪلهن تي کڻي، جلوس ۾ آڻي قول باغ پهچايس. ڪامريڊ جي اهائي وائي "ڪامريڊ مان ليڊر تہ نہ آهيان. سڀ ورڪر آهيون. مان تہ ڪارڪن آهيان. "

آخري عمر ۾ ڪامريڊ پنهنجي گهر واريءَ کي جلسن ۾ آڻڻ شروع ڪيو هيو. هڪ جلسي ۾ تہ سندس موجودگيءَ ۾ مٿس

لکيل نظم "مصطفيٰ ماءُ" بہ پڙهيو هيو. جذبن جي پاڪيزگي ڏسو. سادگي ڏسو. خلوص ڏسو. عمر جي آخر ۾ پنهنجي گهر واريءَ سان عشق جو اظهار. اهو بہ کليل جلسي ۾.

پير حسام الدين حيدرآباد آيو. ڪامريڊ بہ هئو. مان بہ هيس تہ قمر بہ. پير صاحب ڪامريڊ سان چرچو ڪندي چيو "ڪامريڊ پڏو اٿم تہ هن عمر ۾ تو پنهنجي گهر واريءَ سان عشق شروع ڪيو آهي-؟ پلا عشق گهر واريءَ سان ٿيندو آهي ڇا؟- اهو تہ هميشہ پرائيءَ سان ٿيندو آهي."

ڪامريڊ حيدر بخش کي منهنجيءَ قمر جي خبر هئي تہ اسان پيار جي شاد ڪئي آهي. هونءَ بہ قمر شاديءَ کان اڳ بہ ڪيترا دفعا مون سان گڏ ڪامريڊ وٽ ويجي چڪي هئي. انڪري ڪامريڊ يڪدم پير صاحب کي چيو "ڇو نہ؟ صحيح عشق تہ ٿيندو ئي گهر واريءَ سان آهي. تنوير کان پڇي ڏسو-"

مون ڪامريڊ کي چيڙائڻ لاءِ چيو "ڪامريڊ، شاديءَ کان پوءِ خبر پئي اٿم تہ زال سان ٻيو سڀ ڪجهہ تہ ٿي سگهي ٿو، پر عشق نہ ٿو ٿي سگهي."

ان تي سيني حاضرينن جا وڏا ٽهڪ لڳا ۽ ڪامريڊ ڪاوڙجي ويو. چيائين "تنوير- تون بہ ائين ٿو چوين." ڪامريڊ ايڏو سادو، جو ان چرچي کي بہ ساپيا پئي سمجهيائين.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جهڙا ماڻهو ڪٿي؟ سچا، کَرا، جن جي اندر ۾ عشق، عشق سنڌ جو، سنڌ جي پورهيت جو، جن جو خلوص شفاف شيشي وانگر، جن جي حياتي ڏک، ڏولاوا، پر منهن تي هڪ سدا جرڪندڙ مرڪ، اها مرڪ، جيڪا ڪنهن عظيم مقصد لاءِ تڪليف سهڻ کان پوءِ سڪون حاصل ٿيڻ مان ملندي آهي .

پير حسام الدين راشدي

پير حسام الدين راشديءَ ۾ ”پير“ جهڙي ڪا به ڳالهه نه هئي. نه ڊگهي ڏاڙهي، نه عصا نه دستار ۽ نه جُبو، نه تعويذ ڦيٹو ڪري، نه سڳو ڌاڳو ۽ شوڪارو. نه ڪيس خليفو هئو، ۽ نه مريد. سهڻو سيبتو، ڪلين شيو (ڏاڙهي مڇون ٻئي ڪوڙيل)، ذوق سان سبرايل فل سوٽ ۽ ٽاءِ، يا پئنٽ بش شرٽ، ڪڏهن شاندار سلوار قميص ۽ صدري، عينڪ اکين تي، وار سليقي سان سنواريل، بوٽ سدائين پالش ٿيل، شيو هڪ ڏينهن به وڃڻ نه ڏيندو . رنگ ڪٹڪائون، نڪ ڊگهو، قد ۽ بت وچولو، چال ۾ شان، هر ڳالهه ۾ ذوق ۽ سليقو. ڪاڏي خوراڪ، چوڙڻ ماڻڻ توڙي ڪتابن، دوستن، هوٽلن، گهمڻ جي جاين، تان جو نوڪرن تائين سڀ سندس اعليٰ درجي جي ذوق جا مظهر هئا.

مان ڪيس ننڍي هوندي کان ڏٺو. جڏهن منهنجي عمر تيرهن ورهيه هئي جو ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. اين - جي - وي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هيس. گڏ ڪرڪيٽ کيڏڻ وارا هندو دوست لڏي ويا. اين - جي - وي هاءِ اسڪول ۾ فخر الدين شاهه راشدي، (جنهنڪي پيار مان ميرل چوندا هئا.) منهنجو هم ڪلاس هئو. اهو پير صاحب جو ڀاٽيجو آهي. ان سان صلاح ٿيڻي ته سندن جمشيد روڊ واري گهر جي اڱڻ ۾ روز ڪرڪيٽ راند ڪجي.

راشدين جو گهر اسان جي نيوٽائون واري گهر کان فرلانگ ڪن پري هئو. روز شام جو ڪرڪيٽ راند ۾ راشدي خاندان

جا سڀ ڇوڪرا هوندا هئا. پير شاهه. سلطان شاهه. حسين شاهه ۽ اياز. اسڪول بہ ساڳيءَ بس تي وڃبو هئو، ۽ موٽبو بہ گڏ ساڳيءَ بس تي هئو. اهڙيءَ ريت راشدي خاندان جي ننڍن سان چڱي ويجهڙائپ ٿي ويئي.

فخرالدين شاهہ کي خبر هئي تہ مونکي ادب ۽ شعر سان دلچسپي آهي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ لکندو آهيان. هن مونکي ٻڌايو تہ "منهنجو مامو بہ وڏو اديب آهي. ان جي وڏي لائبري آهي."

مون ڪيس زور ڀريو تہ مونکي اها لائبرري ڏيکاري.پير حسام الدين جي موجودگيءَ ۾ تہ اها لائبرري ڏسڻ ممڪن نہ هئي، پر هڪ ڏينهن، جڏهن پير صاحب گهر ۾ نہ هئو تہ ميرل (اڳتي مان فخر الدين شاهہ راشديءَ کي ميرل لکندس) مونکي سندس لائبرريءَ ۾ وٺي ويو. ۽ اسان ان لائبرريءَ ۾ ائين خبرداريءَ سان ۽ ڊڄندا وياسين جڻ ڪي چور چوري ڪرڻ پيا وڃن.

ايڏي وڏي لائبرري ڏسي منهنجون وايون ٻتال ٿي ويون. ميرل سرباٽ ۾ چيو "هي ڏس - هيءُ ڪتاب ماما جا آهن-" مون ڏٺا - جلد ٻڌل ڪتاب، جنهن جي جلد تي سونهري اکرن ۾ لکيل هيو "پير حسام الدين راشدي."

لائبرريءَ گهمڻ کان پوءِ مون ميرل کي چيو تہ مونکي پنهنجو ماما ڏيکار - ۽ هڪ ڏينهن ڪرڪيٽ راند جي وچ مان ميرل مونکي وٺي ويو. ڊرائنگ روم ۾، دريءَ کان ٻاهر بيهي اشاري سان ڏيکاريائين- "هُو - اهو آهي ماما حسام الدين- "

ان وقت پير صاحب جوان پئي لڳو، مونکي سٺو لڳو. ان کان پوءِ، منهنجي اسرار تي ميرل پير صاحب جي لائبرريءَ جا ڪتاب مونکي پڙهائڻ شروع ڪيا - هو پير صاحب کي خبر ڪرڻ بنا ڪتاب آڻي مونکي ڏيندو هيو، ۽ مان ڪتاب پڙهي، ڏاڍيءَ

اشرافت ۽ ايمانداريءَ سان ميرل کي موٽائيندو هيس. ميرل ڊچندو بہ ڏاڍو هيو. پر مان پير صاحب جي ان سرچشمي مان سيراب ٿيندو رهيس، سواءِ ڪيس خبر هئڻ جي. منهنجي اوائلي ادبي تربيت پير صاحب جي لائبريريءَ مان ئي ٿي. ڪهڙو ڪتاب اتي نہ هئو؟ جيڪو گهر سو حاضر. ديوانِ گل، ديوانِ قاسم، ديوانِ فاضل، ڊاڪٽر خليل جو رهنمائي شاعري، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جا ڪتاب، تان جو بهشتي زيور تائين پير صاحب جي لائبريريءَ مان پڙهيم (ان کان اڳ پنهنجيءَ مرحوم نانيءَ جي هٿان الف ليلا، جان عالم، قصص الانبيا ۽ بيا ڪتاب پڙهيا هيم).

راشدين جي خاندان ۾ "وڏن جو ادب" ضرورت کان وڌيڪ هئو. انڪري منهنجا سڀ راشدي دوست ڪڏهن بہ اها همت نہ ڪندا هئا جو منهنجي زوردار خواهش هوندي بہ پير صاحب جي ويجهو وڃن يا مونکي وٺي وڃن. مون تہ حسين شاهہ کي آخر تائين پير صاحب آڏو ڪرسيءَ تي ويهندي بہ نہ ڏٺو، جيستائين ڪچهري هلندي هئي، حسين شاهہ، سلطان شاهہ، تورڙي بيا ننڍا اپين پيرين بيٺا هوندا هئا.

١٩٥١ع ۾ اسڪول جو زمانو گذري ويو. بابا جي بدلي حيدرآباد ٿي. تہ بہ مون ضد ڪري فرسٽ ييئر ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ مان ڪئي، ۽ پوءِ حيدرآباد جي ٿليلي واري ڪاليج ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهائي ڪيم، ان وچ ۾ اڪثر پير شاهہ ملندو هئو. باقي بيا راشدي ڪڏهن ڪڏهن ئي ملندا هئا.

١٩٥٥ع ۾ ٽہ ماهي مهراڻ نڪتو تہ ان ۾ حسام الدين راشديءَ جا مضمون - ڊگها - خشڪ - سي بہ فارسي شاعرن تي - "مير مائل جي بياض ۾ سنڌ جي تاريخ جو مواد- " ٽيهہ چاليهہ صفحا - ان ۾ ڪيترائي فارسي صفحا مير مائل جي ڪلام جا . اسان

هريل افساني ۽ شعر تي. هيءُ خشڪ مضمون هضم نہ پئي ٿيا- رباني‎ءَ، مون ۽ حفيظ ابراهيم، جويي سان جهيڙو ڪيو تہ "ايڏا صفحا خشڪ مضمون تي ڇو ٿو وجائين . ان جي جاء تي ڪي افسانا يا شعر ڏي."

جويو صاحب سنڌ جي تاريخ جي اهميت تي اسان کي وڏا ليڪچر ڏيندو رهيو، پر اسانجي ذهن ۾ اهي ويهي نہ سگهيا. نہ جويي صاحب اسان جي ڳالهہ مڃي، ۽ نہ اسان پنهنجي هوڏ کان هيٺ لٿاسي. اسان کي شيخ اياز جي پٽي پڙهايل هئي تہ "تاريخ جاگرافي وغيرهہ ادب جو حصو نہ آهن" - سو ان ڳالهہ تي کٽي ڳنڍي پڏيسين . شيخ حفيظ تہ اهڙا خط بہ مهراڻ جي ايڊيٽر کي لکيا. پر جڏهن اڳتي هلي اسان انهن مضمونن کي پهرين سرسري، ۽ پوء تفصيل سان پڙهڻ شروع ڪيو، تہ خبر پيئي تہ سنڌ جي تاريخ کي چڱيءَ طرح ڄاڻڻ کان سواء سنڌ جي تحريڪ هلائڻ اجائي آهي، ۽ تاريخ برابر تخليقي ادب جو حصو نہ آهي، پر ان جو اڀياس قومي تحريڪن لاء تمام ضروري آهي.

هڪ پير حسام الدين راشدي، ۽ ٻيو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ - ٻنهي سنڌ جي تحريڪ جي لاء پيڙهہ جو ڪم ڪيو. تاريخ، لوڪ ادب، ۽ ڪلاسيڪي ادب. انهن کان سواء قوم جو تصور ناممڪن آهي.

پير صاحب اسانکي ٻڌايو تہ سنڌ جا سورما ڪير آهن ۽ سنڌ جا غدار ڪير. دولهہ دريا خان، دودي سومري، ۽ هوش محمد جي خبر اسانکي پير صاحب وٽان پيئي. هڪ مضمون لکيائين "شاهہ عنايت شهيد- سنڌ جو پهريون سوشلسٽ -" جيڪو "نئين زندگيءَ" ۾ ڇپيو - اسانکي صوفين جي انقلابي ڪردار جي خبر پير صاحب جي مضمونن ڏني.

پوء خبر پيئي تہ پير صاحب منيلا ويل آهي ڪيس دل جو سخت

دورو پيو آهي. حياتي ۽ موت جي ڇڪتاڻ ۾ آهي.

پوءِ خبر پئي تہ پير صاحب صحتياب ٿي موٽي آيو آهي. اها خبر خوشيءَ جي خبر هئي. دل تان وڏو بار لهي ويو.

رباني ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري هئو، پوءِ سيڪريٽري ٿيو ۽ پير صاحب بورڊ جو ميمبر- ان سلسلي ۾ اسانجي سنگت مان سڀ کان پهرين ربانيءَ جي پير صاحب سان ڏيٺ ويٺ ٿي. هونءَ بہ ربانيءَ جو مزاج اهڙو آهي جو ٿوري وقت ۾ هر ڪنهن کي پنهنجو بنائي ويندو آهي. پير صاحب سان ويجهو ٿي ويو ۽ مون سان اڪثر پير صاحب جون ڳالهيون ڪندو هيو. منهنجي لاءِ پير حسام الدين اهو ئي هيو جيڪو ننڍي هوندي ڏٺو هيم، جنهن آڏو منهنجا راشدي دوست ويندي ڪوءِ ڪائيندا هئا.

هڪ پيري رباني مونکي زوريءَ پير صاحب وٽ رٽز هوٽل ۾ وٺي ويو. ان زماني ۾ حيدرآباد ۾ اها ئي بهترين هوٽل هئي ۽ پير صاحب اتي ئي ترسندو هيو.

بهترين پوشاڪ ۾، وڏي قرب سان مليو. دير تائين ويٺا رهياسين علم، ادب، تاريخ، سياست، سيني تي بحث هليو. مونکي پهرينءَ ئي ملاقات ۾ هو روشن خيال، بي تعصب ۽ وطن دوست لڳو. ان سان گڏ علم جو پندار خلوص ۽ محبت سندس هر گفتي ۽ عمل مان ڦٽي ٿي نڪتا منهنجا الڪا ڌوپجي ويا، جيڪي ننڍي هوندي کان پير صاحب لاءِ هوندا هئا. ٿين ادب لاءِ، سندس ٽهيءَ جي عالمن وانگر نہ فقط نفرت نہ هيس پر محبت پڻ.

ان کان پوءِ اهو معمول ٿي ويو، جو پير صاحب حيدرآباد اچي، ۽ مان سائس ملڻ وڃان. جيترا ڏينهن حيدرآباد رهندو هئو، اوترا ڏينهن سائس ڪچهري ٿيندي هئي. هڪ بہ شام نہ گسائبي. انهن ڪچهرين ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا گرامي،

جويو صاحب، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، رباني، ڊاڪٽر الانا، نياز همايوني ۽ پيڙو فقير هوندا هئا. جي ڪراچيءَ وڃبو هئو، پير صاحب سان نہ ملبو هئو، ۽ ڪيس خبر پوندي هئي، تہ چنڊ ڪڍندو هئو. چئي ”لوفر تي پيا آهيو. هيڏي هوڏي رلندا ٿا وتو.“ ڪراچيءَ وڃجي، ۽ پير صاحب وٽ ماني نہ کائجي، اها اڻ ٿيڻي. جهڙي بہ وقت وڃبو، مانيءَ جي وقت تائين ضرور ترسائي ڇڏيندو. کائڻ جي معاملي بہ پير صاحب وڏي ذوق وارو هئو نہ ته چار طعام تہ ضرور هوندا، پر لذيذ، خوشنما ٿالهين ۾، ويندي آچار جا بہ ٻہ ٽي قسم ضرور هوندا. هر ويلي تي پير صاحب وٽ گهٽ ۾ گهٽ چار پنج مهمان ضرور هوندا هئا. ڪي اردوءَ جا عالم اديب ۽ اسڪالر، تہ ڪي سنڌيءَ جا.

پير صاحب جي ڪاڏي جو ذوق سندس ڪتاب ”هو ڏوٽي هو ڏينهن“ مان ظاهر آهي. ان ۾ لکيو اٿائين تہ سکر ۾ ڪهڙي هوٽل جي ماني لذيذ آهي. مونکي بہ ان جو تجربو ٿيو. جڏهن پير صاحب حيدرآباد ايندو هئو، ۽ ڪو دوست ڪنهن هوٽل جي ڪاڏي جي تعريف ڪندو هئو، تہ يڪدم پير صاحب تيار- تہ هلو ان هوٽل تي، وڪٽوريا پاڙي تي ڪري اتي پهچبو.

تن ڏينهن ۾ حيدر آباد جي واڏن جي پِڙ ۾ هڪ نئين هوٽل کُلي هئي، جنهن کي ”جهوپڙا هوٽل“ سڏيندا هئا. پهريون دفعو ان هوٽل ۾، ڪرسين ميزن بدران کٽولن تي ماني کارائڻ شروع ڪيائون ۽ ماني بہ ”سنگل سالنا“ يا ”قورما“ ”پڳيلا“ ۽ ”نان“ بدران تئي تي پڪل گرم گرم اوڦراٽا ۽ پوڙ- ذائقو ۽ خوشبو اهڙي جهڙي گهرَ جي پڪل ماني. پير صاحب جو تعريف ٻڌي تہ يڪدم تيار ٿيو.

وڪٽوريا تي چڙهياسين. مان، ڊاڪٽر بلوچ، پير صاحب، نياز همايوني، ۽ رباني. ربانيءَ شيطاني ڪري، تلڪ چاڙهيءَ تي گاڏي

روڪرائي چيو تہ "هتي لهو تہ هتان پنڌ ڪندا، هوا کائيندا هلون- " پير صاحب پنڌ جو شوقين. سيئي لهي پياسين. رباني سري گهاٽ کان چاڻي واٽي رستو پلجي پيو، ۽ ابتا سبتا چڪر ڏياريندو، رنگين گهٽين مان ڦيرائيندو اچي واڍن جي پڙ واريءَ جهوپڙا هوٽل ۾ پهتو. پير صاحب سمجهي ويو تہ رباني بدمعاشي ٿو ڪري تہ مرڪي چپ ٿي ويو، باقي ٻئي بزرگ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي.

جهوپڙا هوٽل سَستي هئي - غريب غربو اتي ماني کائڻ ايندو هو، پر پير صاحب معتبري نہ ڏيکاري- ڪتولي تي ويهي، مانيءَ جي تعريف ڪندو رهيو، ۽ ان کانپوءِ، جڏهن بہ حيدر آباد آيو، تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ويلو جهوپڙا هوٽل تي ضرور کائيندو هو.

سندس کاڌي جي ذوق تي هڪ ٻي ڳالهہ ياد آئي- مونکي منهنجي سنڌيءَ، بشير سومري، (جيڪو شڪارپور جو آهي) شڪارپور جو ٺهيل "ڇُهارن جو آچار" موڪليو- (چون ٿا تہ شڪارپور جا سُرهيا ماٺهوءَ کان سواءِ هر شي جو آچار وجهندا آهن.) انهن ڏينهن ۾ مون وٽ پير صاحب آيل هيو- مون اهو آچار سندس حوالي ڪيو. ڪراچيءَ وڃي اهو آچار کاڌائين - ڏاڍو وڻيس- ان جي تعريف ۾ خط لکيائين ۽ ٻئي آچار جي فرمائش ڪيائين- مون پاڻ واري مائٽ بشير تي زور رکيو پر اهو ڇُهارن جي آچار ناهڻ وارو يا تہ لڏي ويو يا تہ مري ويو- ٻيهر اهو آچار نہ مليو - ۽ هر دفعي پير صاحب جي ميار تي ميار- ڇي " تون فضول ماٺهو آهين- ڇهارن جو آچار بہ نہ ٿو پهچائين -" لفظ فضول، پير صاحب جو خاص لفظ هئو، جيڪو پيار مان ڪاوڙ ڪندي ڪتب آڻيندو هيو.

پير صاحب کي ڪنهن غريب دوست قرب سان، ۽ فضيلت سان ماني کارائي، تہ ان سان لنو لڳي ويندس، ترڙي جو ماني سادي ...

غريباڻي هجي- پر ڪارائي پيار، خلوص ۽ فضليت سان جيئن پيڙو فقير يا نياز همايوني ڪارائيندا هئا - هڪ دفعي سکر آيو - اسانجي هڪ لڪاپتي دوست (ان زماني ۾ لڪاپتي ڳوليا به نه ليندا هئا) تفن ۾ ماني گهرائي، پنهنجي آفيس ۾ ميز تي رکائي، بينڙ ڪارائي- سڄي عمر ان کي گاريون ڏيندو رهيو- ”چي هيءَ ڪا فضيلت آهي جو چڪلاين وانگر بينڙ ماني ڪارائجي - “ توڙي جو اها ماني ڏاڍي پر تڪلف هئي.

جي ڪڏهن مون کان ڪو پڇي ته تو پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪهڙا مهذب Cultured ماڻهو ڏٺا -؟ ته مان جيڪي ٻه نالا وٺان: هڪ پير حسام الدين راشدي، ۽ پيو پيڙو فقير. مهذب Cultured ٿيڻ، ۽ تعليم يافته هجڻ ٻه ٻه الڳ شيون آهن- مون ڪيترن اعليٰ تعليم ورتلن کي غير مهذب، ناشائسته ۽ بد تميز ڏٺو، ۽ ڪيترن اڻ پڙهيلن، توڙي گهٽ پڙهيلن کي مهذب ۽ شائسته. ڪيترائي ولايت کان موٽيل ۽ اتي سالن جا سال رهيل اڻ گهڙيل ڪاٺ رهيا- ”خر عيسيٰ اگر به مڪه رود، چه باز آيد هنوز خر باشند“ وانگر.

پير صاحب به رواجي اصولن موجب گهٽ پڙهيل، هئو - ملان جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهي مدرسي کان موڪلايو هئائين، تنهن هوندي به ايترو ته علم حاصل ڪيائين جو ڪيس اعزازي پي. ايچ.ڊي. جون ڊگريون مليون- پي ايچ-ڊي وارن جو سونهون Guide ٿيو پر ڪڏهن به پاڻکي ڊاڪٽر نه لکيائين. بين الاقوامي سيمينارن ۾ سڏ مليس- سندس لکٿيون ۽ تحقيق نه فقط ملڪ ۾ پر سڄي دنيا ۾ سَنَد ٿي ويون.

پير صاحب هر معاملي ۾ مهذب هئو، اٿڻي ويهڻي، کائڻ پيئڻ، ڳوڙڻ ماڻڻ، لکڻ پڙهڻ- جيترو مهذب ۽ شائستو پاڻ هو، بين مان اوتري نه، ته به ڪنهن حد تائين مهذب هجڻ جي اميد رکندو

هئو- پر جي سندس آڏو ڪو تهذيب يا شائستگيءَ جي حد اورنگهي ويندو هيو تہ پاڻ باهہ تي ويندو هئو. ۽ سندس، ”پيراڻي رڳ“ ڦڙڪي پوندي هئي- ان شخص جي پير صاحب جي شستہ ۽ نفيس گارين سان تواضع ٿيندي هئي- گارين جي فن ۾ بہ ماشاء الله يڪتا هئو- ڪي اهڙيون گاريون ايجاد ڪيائين جن جو تعلق ٻڌڻ سان آهي- اهي اسان پارا خوش نصيب آهن جن اهي ٻڌيون ڇو تہ انهن جو عام فيض حاصل ڪرڻ لاءِ لکت ۾ اچڻ ممڪن نہ آهي.

اردوءَ وارا پير صاحب جي علم ۽ فضل جي ڪري سندس آڳو پيڇو ڪندا هئا- ممتاز حسن، ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، جميل الدين عالي، رئيس امروهوي- اردوءَ جو ڪهڙو مشهور اديب يا عالم نہ هئو جيڪو اسان پير صاحب وٽ نہ ڏٺو- ڪنهن کي ڪو حوالو کپي، ڪنهن کي ڪنهن قلمي نسخي جي ڳولا. تہ ڪو ڪچهريءَ خاطر- پير صاحب مهمان نوازيءَ جا سڀ فرض پورا ڪندي بہ ڪين سچ چئي ڏيندو هو- اهو بہ سَتَ سُرين جي نموني، ۽ هو ڦِڪيَ ڪِل ڪِلي لاجواب ٿي ويندا هئا.

هڪ دفعي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ تي ويءَ وارن پاڪستاني ڪلچر، تي هڪ مذاڪرو ڪرايو- سڄي پاڪستان جا دانشور سڏيائون- مون کي بہ سڏ هيو- مون پنهنجي خيال ۾ ڏاڍي زوردار نموني ۾ چيو ”تہ پاڪستاني ڪلچر هڪ نہ پر گهڻا پاڪستاني ڪلچر آهن-“ پر پير صاحب وچائي ڇڏيو- چي ”اهو ڪلچر، جنهن کي هند مسلم ڪلچر يا پاڪستاني ڪلچر ٿا چئو، اهو پيداوار آهي مغل دور جي- جڏهن مغل شهنشاهن هندو عورتن سان شاديون ڪيون، ڪن عالمن جي فتويٰ موجب هند. اهل ڪتاب نہ آهن- انڪري انهن جو اولاد حرام جو اولاد ٿي، ۽ اهو ڪلچر حرامي ڪلچر آهي.“

پير صاحب لفظ اهي نہ چيا، پر شائستہ ٻوليءَ ۾ اهو سيڪجهہ چئي ويو ۽ عجب جي ڳالهہ اها، تہ ان سيمينار ۾ اردوءَ جو شاعر رئيس امروهوي بہ موجود هئو ۽ ان پير صاحب جي شان ۾ ان سيمينار ۾ ويٺي في البديهہ هڪ رباعي لکي پير صاحب کي ڏني.

پير صاحب هر لحاظ کان تڪميل پسند هئو- پوشاڪ هجي، گهر هجي، فرنيچر هجي، ڪتاب هجي، ڪنهن بہ شيءِ ۾ ڪو عيب يا خال نہ ڇڏيندو هئو- پير صاحب جا ڪتاب ئي ڏسو - هر ڪتاب تي ايڏي محنت جو هڪ شخص نہ، پر اداري جو ڪم پيو لڳي- مڪلي نامو ان جو مثال آهي- تذڪره امير خاني ان جو مثال آهي- جي خبر پيس تہ ان موضوع تي هڪ ست جو حوالو ستن والايتن کان بہ پري آهي، تڏهن بہ اهو هٺ ڪندو- ۽ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڏسٽي Index اها بہ پاڻ ٺاهيندو- ايڏو تڪميل پسند هيو پير صاحب حسام الدين. ميرزا قليچ بيگ جي باري ۾ پڙهيو اٿائون تہ هن جي ادبي ڪم ڪرڻ جو وقت مقرر هيو- هو روزانو باقاعدي اهو وقت ادبي ڪم کي ڏيندو هيو. پر مون پير حسام لدين راشديءَ کي اهڙيءَ ريت ڪم ڪندي ڏٺو- روز صبح جو تيار ٿي ٺهي ٺڪي، شيو ڪري، وهنجي سهنجي، پنهنجي پسندجي ذوق وارا ڪپڙا پائي،اچي ڪرسيءَ تي ويهي ڪم شروع ڪندو هئو، جيئن مزدور روزانو ڏهاڙي ڪري ڪرڻ لاءِ ڪم تي چڙهندا آهن- مان ان جو اکين ڏٺو شاهد آهيان.

اسن لوفر ماٺهو. لوفر پائيءَ کان بہ نہ مڙون. پير صاحب سان سنگت تہ نہ هئي. نياز متدي هئي. انڪري جڏهن پير صاحب اسان وٽ ايندو هئو يا ٻاهر ڪٿ فنڪشن تي گڏ هوندا هئاسين، تہ پير صاحب سان رات جو ڪچهري ڪندا هئاسين، ۽

جڏهن هو وڃي سمهندو هئو، تہ مان، رباني، شوڪت جماٽي پنهنجي "لوفر پائي" شروع ڪندا هئاسين- هڪ ڀيرو دفعن کان پوءِ پير صاحب سمجهي ويو - اسان کيس چيو "سائين. توهان جي ننڊ جو وقت ٿي ويو آهي. هاڻي توهان آرام ڪيو-" تہ ٺهہ ٺهہ چيائين "توهان کي لوفر پائي، ڪرڻي آهي تہ ڀلي منهنجي منهن تي ڪريو- مونکي توهانجي لوفر پائيءَ ۾ ڏاڍو مزو ٿو اچي."

۽ پوءِ پير صاحب ۽ اسان جي وچ ۾ "پيڙهي وڇوٽي " ختم ٿي وئي- اسان لوفر پائي ڪندا رهياسين تہ پير صاحب اسان سان گڏ ويٺو هوندو هيو- اسان جيترو، اسان جهڙو اسان سان گڏ هيو- ۽ اسان جيترو پير صاحب، سچو جهان گهميل هيو، شروع ۾ ڏکيا ڏينهن ڏٺائين، جنهنجو ذڪر هو ڏوڻي هو ڏينهن ۾ ڪيو اٿائين، پر پوءِ ٿانيڪو ٿيڻ بعد هميشہ آرام ۾ رهيو- پر تڏهن بہ ڪڏهن بہ مون ڪن کي ڪڏهن آرام پسند نہ ڏٺو- هتي ايندو هئو- تہ سکر جي وڏين هوٽلن بدران مون وٽ رهندو هئو- هن کي "قرب" آرام ۽ عيش کان وڌيڪ پسند هئو. منهنجي پراڻي مسواڙي جاءِ ڇا هئي؟ ننڍو ۸ ۸ فٽن جو ڪمرو، جنهن ۾ هڪ کٽ هڪ ميز - سادو غسل خانو- نہ فلش نہ ايئرڪنڊيشن- پر تڏهن بہ رهندو مون وٽ هئو- جڏهن مون نئين جاءِ ٺهرائي ۽ پير صاحب هتي آيو تہ پلنگ ڪڍرائي ڇڏيندو هئو ۽ واڻ جي کٽ رکرائي، ان تي سمهندو هئو.

اسان کان وڏيءَ عمر جي عالمن ۾ پير حسام الدين ئي هئو، جيڪو اسان سان گڏ فتوائن جو شڪار ٿيو- اهو انڪري جو هو منافقيءَ واري مذهب جي خلاف هئو- مذهب ۾ سياست ملائڻ وارن کان کيس سخت نفرت هئي، ۽ ان جو اظهار هو بنا ڪنهن رک رکاءُ جي ڪندو هئو، هو سچو سنڌ دوست هئو- اسانجي تحريڪ ۾ هو منڍ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين گڏ رهيو جڏهن نالي

وارا اديب عالم فتوا لڳڻ ۽ سرڪار جي ناراضپي جي ڊپ کان اسان سان گڏ وهڻ کان ڇرڪندا هئا. تڏهن پير حسام الدين راشدي، نہ فقط اسان جي همت وڌائيندو هئو، اسان کي صلاحون ڏيندو هو، پر اسانجي ميڙن ۾ بہ شريڪ ٿيندو هئو. ون يونٽ جي ٻوساٽ ۽ ايوب خان جي آمراڻي دور ۾ (ڇوتہ ان دور ۾ سياسي جلسا ممنوع هئا) پير صاحب اسان کي سنڌي سورمن جي شام ملهائڻ جي رٿا ڏني، جنهن موجب هوشوء، دودي، درياهہ خان تي تقريرون ٿينديون هيون- پهرين اسان اها شام ڪراچيءَ ۾ ملهائي ۽ پوء لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾- انهن جلسن ۾ پاڻ شريڪ ٿيو هئو ۽ تاريخي تقريرون ڪيائين.

مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي، ١٩٦٣ع ۾، ايوب خان جي زماني ۾ "شريف ڪميشن رپورٽ" کي نافذ ڪرڻ جا سانباها ٿيا- ان رپورٽ موجب سنڌي ٻولي فقط پرائمري سطح تائين (ڇوٿين درجي تائين) تعليم جو ذريعو ٿي رهي، اڳتي سڀ تعليم اردوءَ ۾ پئي ڏني ويئي- يعني سنڌيءَ ٻوليءَ لاء اهو موت جو وارنٽ هئو. ايوب خان جو زمانو هئو. ان وقت وڏا وڏا فولادي سياست دان ٻرن ۾ لڪل هئا. نہ سياست جي اجازت هئي، نہ جلسي جلوس جي- اسان نوجوان، جن ۾ رباني،حميد سنڌي، شمشيرالحيدري، جمال رند، ناصر، مقبول پٽي، مصطفيٰ قريشي ۽ ٻين دوستن ان خلاف هلچل هلائي- ايوب خان جي ڪنهن قدم جي، ملڪ جي تاريخ ۾ اها پهرين مخالفت هئي- ايڏو ڌهڪاءُ هئو جو ماڻهو وائڙا ٿي ويا- ان ۾ جيڪي بزرگ اسان سان شامل ٿيا، انهن مان پير صاحب ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي اڳرا هئا- ان ڪانسواء مولانا گرامي، سردار علي شاهہ، مخدوم امير احمد، ڊاڪٽر الانا ۽ ٻيا بزرگ بہ شامل هئا. اها تحريڪ هڪ ڌار مضمون لهڻي، پر هتي ڳالهہ ڪُنائڻي، تہ ايوب خان جي حڪومت ان دليريءَ واري

مخالفت کان گهبرائجي وئي ۽ شريف خان فورا ڳالهين ڪرڻ لاءِ هڪ ميٽنگ رکائي، جنهن ۾ سرڪار طرفان سائين غلام مصطفيٰ شاهه، جيڪو ان وقت لاهور ۾ تعليم جو ڊائريڪٽر هيو (اڄڪلهه تعليم جو وفاقي وزير آهي) ۽ پير صاحب - (ٻئي اسان جا) ۽ ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل (جمعيت الشعراء) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد حسين ترڪ (ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار) ۽ مان (پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي سنڌي شاخ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾) هياسين. محمد حسين ترڪ رڪارڊ ڳولهي ڦولهي ڪٽي آيو. بمبئي يونيورسٽيءَ جي زماني کان (سنڌ يونيورسٽي جي قائم ٿيڻ کان اڳ سنڌ جي تعليمي ادارن جا امتحان بمبئي يونيورسٽي وٺندي هئي.) سنڌي، مئٽرڪ بي اي، ۽ ايم اي ۾ تڏهن تعليمي ذريعو تسليم ٿي. اسان آخر ۾ جيڪو دستاويز تيار ڪيو ان ۾ اهو سڀ ڄاڻايوسين- ۽ اهو به ڄاڻايوسين ته ابوالحسن ٺٽويءَ جي زماني (اٽڪل به اڍائي سو سال اڳ) کان سنڌي تعليم جو ذريعو رهي آهي- بهرحال اهو تاريخي دستاويز هيو، جنهن تي سڀني صحيحيون ڪيون. پير صاحب ۽ سائين غلام مصطفيٰ شاهه سرڪاري ميمبرن هوندي به ائين رهيا، ڇڻ اسان مان هجن- رڳو هڪ صاحب صحيح ڪرڻ وقت چيو ته "ٿورو پاهران ٿي ٿو اچان "- ۽ وري نه آيو.

مذهب جي باري ۾ پير صاحب وڏو فراخ دل هئو- بلڪ هن ڪي مذهب جي نالي ڪي غلط استعمال ڪندڙن کان انتهائي نفرت هئي- منهنجو ساڻس ويجهو تعلق رهيو- ساڻس هر مسئلي تي ڪليل دل سان بحث ڪيم. پر ائين به نه ٿو چئي سگهان ته هو مذهبي هئو. ۽ ائين به نه ٿو چئي سگهان ته لا مذهب هئو، پر ٿي ڳالهيون پوري يقين سان چئي سگهان ٿو ته هو سڪيولر هئو. قوم پرست Nationalist هئو ۽ سماج وادي Socialist هئو.

هڪ ڏينهن سائين جي ايم سيد وٽ ويٺا هئاسين. مان، رباني، پير صاحب. اسلام جي تاريخ تي بحث پئي هليو. اهو تہ ڪيئن مسلمانن جي تاريخ خون خرابي ۽ منافقيءَ سان ڀري پئي آهي- ۽ ايئن اوچتو شيخ عبدالمجيد سنڌي لڪڻ مان ٽڪاءُ ڪڍائيندو، "السلام عليڪم" چئي اچي وارد ٿيو- پير صاحب ڏانهنس ڏسي چيو "شيخ، منهنجي ۽ سيد (جي ايم سيد) جي قسمت ئي خراب هئي جو چاواسي مسلمانن جي گهرن ۾، اهو بہ سيدن ۾، پر ترڪي ڪهڙي نانگ ڪاڙو جو پنهنجو مذهب ڇڏي مسلمان ٿئين." ۽ پوءِ اسانجا ٽهڪ هئا، ۽، شيخ صاحب جي ڦڪي ڪل.

١٩٦٢ع ۾ نور محل سئنيما سامهون، ڦليليءَ تي هڪ ننڍي هڪ ڪمري واري اسپتال کولي هيم- اتي پير صاحب ربانيءَ سان اچي ظاهر ٿيو- ڪٿي مان ڪٿي پير صاحب. جنهن جي لائبرري مان چورن وانگر ڏٺي. جنهن سان ملاقات ڪرائيندي سنڌس ياڻيجو ميرل ڪوءِ ڪائيندو هئو، اهو مون وٽ انهي غريباڻيءَ ڪلينڪ ۾ هلي اچي.

ٻئي ڏينهن پٽ شاهہ تي هلڻ لاءِ چيائين. پٽ شاهہ جو اهو ڏينهن ۽ اها رات منهنجي حياتيءَ جي يادگار رات ۽ ڏينهن آهي، هونءَ بہ پير حسام الدين سان گهاريل هڪ هڪ گهڙي يادگار گهڙي آهي. پر پٽ شاهہ ۾ گذريل اهو وقت، پير صاحب ۽ منهنجي وچ ۾ ويڇي ۽ وڇوٽيءَ کي ختم ڪرڻ وارو وقت هئو. ان ڪانپوءِ، پير صاحب کي مان سدائين پنهنجي روح جي پرسان محسوس ڪيو. عقيدت، احترام، ادب پنهنجي جاءِ تي، پر مون انهن سيني شين جي باوجود پير صاحب جي شخصيت جي شفقت، محبت، پنهنجائپ ۽ ويجهڙائپ جو ذائقو چکيو.

سيد ميران محمد شاهہ پٽ شاهہ تي هئو. پير صاحب ماني

ڪائيندي ڪيس چيو تہ ”شاهہ. هاڻي تون ٺئون عشق ڪر ۽ شادي ڪر.“ ميران محمد شاهہ اڳوڻو اسپيڪر، وزير ، سفير، ۽ سڀ ڪان وڌ اديب ۽ ادب دوست هئو. هن ٺهہ ٺهہ چيو ”پير هاڻي مان ڪراڙو ٿي ويو آهيان. شادي تہ ڪيان پر ڪري ڪجهہ بہ نہ سگهندس.“

پير صاحب يڪدم چيو ” ان جو تون فڪر نہ ڪر- هيءُ نوجوان جو آهن (اسان ڏي اشارو ڪري) اهي سڀ فرض ادا ڪندا-“ ۽ پوءِ ٽهڪن جو طوفان!

منهنجي ۽ قمر جي شاديءَ جو مسئلو، ربانيءَ جي ذريعي ڪيس معلوم ٿيو- پاڻ ان ۾ ائين مدد ڪيائين جو چڻ مان سندس ئي اولاد هجان- رحيم بخش سومري جي هٿان ان معاملي کي ٿوري وقت ۾ ئي حل ڪرايائين.

مون مٿي لکيو آهي، تہ پير حسام الدين راشدي وٽ پير جهڙي ڪابہ شيءِ ڪانہ هئي: نہ مريد، نہ خليفا. نہ جبو، نہ دستار. نہ سڳو نہ تعويذ. پر اها ڪهڙي شي هئي، جنهن مونکي سندس عقيدت، احترام ۽ ادب ۾ وانگيي رکيو.؟ مان پيريءَ مريديءَ ۾ يقين نہ رکندو آهيان. پر الائي ڪهڙيءَ ريت، پير حسام الدين مونکي پنهنجو مريد ڪري ڇڏيو. شفقت سان، محبت سان. الائي ڪهڙي سڳي ڌاڳي سان.

مولانا گرامي

۱۹۵۲جو زمانو هو. منهنجي عمر سترهن سال کن هئي. مرحوم شيخ عبدالله عبد، منهنجي شعرن مان کن جي اصلاح ڪري واپس ڏيندي چيو:

"مان توکي اهڙي ماڻهوءَ سان ٿو ملايان، جو هوند مان به ان کان ئي اصلاح وٺان. آئنده تون پنهنجا شعر گرامي صاحب کي ڏيکاريندو ڪر."

مون مٿي نهاريو. خوبصورت ڪاريءَ سونهاريءَ ۾ ڪارين شرعي تراشيل مڇن جي وچ مان، موتين جهڙا اڇا ۽ چمڪندڙ ڏند نمودار ٿيا. هڪ دلفريب مرڪ، عينڪ مان اونهين اکين مون ڏي نهاريو، گهڙي پل لاءِ مون پنهنجي وجود مٿان، انهيءَ خوبصورت مرڪ کي هڪ هلڪي ۽ ٿڌي ڦوهاري جيان محسوس ڪيو. پوءِ مون گرامي صاحب جو جائزو ورتو. پريل بت، سادو سنڌي لباس، سانورو رنگ ۽ مٿي تي ڪراڪلي ٽوپي. مون گرامي صاحب کي چيو: "اوهان منهنجا شعر ڏسندا؟"

ساڳي مرڪ سان وراڻيائين: "ضرور، پر هتي مصروف آهيان، ڪو وقت ۽ جاءِ مقرر ڪيو، اچر مناسب ٿيندو."

مون اتاوليءَ مان پڇيو: "منهنجي گهر ايندا؟"

مونکي اميد نه هئي ته گرامي صاحب "ها" چوندو، پر منهنجي اميد خلاف چيائين : "اچبو." ان رتيءَ جي رهاڻ اهڙو جيءُ اڙايو، جو اڄا تائين اڙيل آهي.

مون کان ائڊريس ورتائين، مون موڪليو، پر پڪ نہ هيم تہ ڪو گرامي صاحب مونوٽ ايندو.

گرامي صاحب جو نالو اڳ ۾ئي ادبي حلقن ۾ گرامي صاحب ۽ خليل جي ادبي ڏي وٺ ان وقت. مشهور هئي. اها بہ خبر هيم تہ نہ رڳو وڏو شاعر ۽ نقاد آهي، پر هو وڏو سچاڻ عالم پڻ. ان ڪري اعتبار ئي نہ آيو، تہ مون پاري جيتامڙي شاعر جي گهر اهڙو مشهور عالم ايندو.

آچر جي ڏينهن سندس اچڻ جو پڪ نہ هوندي بہ سخت انتظارڪيم. حيرت جي حد نہ رهي، جو مقرر وقت تي گرامي صاحب منهنجي جاءِ تي اچي ويو. مان کيس پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آيس، پنهنجا شعر ڏيکاريم. گرامي صاحب منڍ کان پڄاڙيءَ تائين شعر پڙهيا، تان جو منجهند جي مانيءَ جو وقت ٿيو.

مون کيس دستوري صلاح ڪئي، پاڻ قبول ڪيائين. ان ڏينهن اسان جي گهر پلو چاڙهيو هئائون. مون وت آهر خدمت ڪئي. گرامي صاحب جي خوش خوراڪيءَ جو پهرئين ڏينهن ئي قائل ٿي ويس.

مانيءَ ڪانپوءِ مون سگريٽ جو پڇيو. پانيم تہ مولوي چا سگريٽ پيئندو، پر ساڳيءَ دلفريب مرڪ سان" ڪئنچي "جي پاڪيٽ جي فرمائش ڪيائين. پاڪيٽ آيو، ۽ جڏهن سگريٽ دکايائين تہ ان وقت ائين محسوس ٿيو، تہ ننڍڙي ڪاري خوبصورت ڏاڙهي ۽ سگريٽ جو ميرانجهڙو دونهون، ٻئي ڪيڏا نہ سهڻا لڳي رهيا هئا.

اوپارين لهوارين ڳالهين، ادب فلسفي مذهب ۽ نفسيات تي بحث ۾ ئي شام ٿي وئي. گرامي صاحب فرمايو تہ هاڻي هلي ڪراچي هوٽل تي ڪا چهر ڪجي. اتڙ کان اڳ ۾، ڪاغذ ۽ سر گهريائين ۽ چيائين تہ اجوڪي ملاقات جي ياد ۾ ڪا تحرير

لکجي، ۽ پوءِ لکيائين:
"شعر جي مطالعي مان محسوس ٿو ٿئي تہ هيءُ اڳتي هلي سنڌ جو تمام وڏو شاعر ٿيندو."

منهنجي دل ٺرڻ پئي. اها سنڌ دل ۾ سانڍي اٿم، پر اڄ ڏک ٿو ٿئي تہ اها سنڌ فائيل ۾ ڇونہ رکيم. ان ڪانپوءِ ڪراچي هوٽل آياسين. ڊاڪٽر ورانڊو گرامي صاحب جي مستقل بيٺڪ هئي. اتي اڌ رات تائين چانهہ ۽ ڪباب جا دور هليا ۽ ڪچهري هلي، پوءِ موڪلايوسين.

منهنجو دلبر دوست رباني ۽ مان ان وقت فرسٽ ييئر سائنس ۾ هئاسين. انهن ڏينهن ۾ زولاجي پڙهندي، ٻئي ٽپرس ۾ پئجي ويندا هئاسين. ڪڏهن ڪاڪروچ جي مرڪب اک Compund Eye - اسان لاءِ عجب جو سبب هو، تہ ڪڏهن ڊارون جي ارتقا جو نظريو. پڙهندي پڙهندي بحث ۾ پئجي ويندا هئاسين، پوءِ ڪورس ۽ ڪتاب ڇٽا. فسلفو، مذهب ۽ نفسيات اسان جا موضوع ٿي ويندا هئا. جڏهن پاڻ ۾ نہ نهندا هئاسين، تہ پوءِ سڏا ايندا هئاسين گرامي صاحب جي ڪراچيءَ هوٽل واري ڪچهريءَ ۾. اتي ويٺي ويٺي اسر ٿي ويندو هو، پر اهي ڦورا نہ ڪلندا هئا. گرامي صاحب رات جو ڏهين ڪان صبح جي ڇئين تائين، هر موضوع ۽ مسئلي تي ڳالهائيندو هو. چڙ درياهہ جو بند ٽٽي پوندو هو. جڙ ڪو آبشار وهي نڪرندو هو. اها ئي دلفريب مرڪ، اهوئي ڪئنچيءَ جو سگريٽ. چانهہ جا دورن تي دور، تان جو اچي صبح ٿيندو هو. اسان جوان ٿڪجي پوندا هئاسين پر ڪڏهن بہ گرامي صاحب جي منهن تي ٿڪ جا نشان نہ ڏٺاسين. اها ئي تازي ۽ شگفتہ مرڪ، سندس منهن تي صبح تائين موجود هوندي هئي.

انهن ڪچهرين ۾ اسان سان گڏ سرائي اميد علي (مرحوم)،

سردار علي شاهه (جيڪو پڻ فوت ٿي ويو آهي)، يوسف (مرحوم) (جنهن مولانا عبدالله سنڌيءَ سان ڪم ڪيو، مون سي ڏٺا ماءُ جنين ڏٺو پرينءَ کي) ۽ ٻيا علم جا پانديئڙا، اسان جا واقف ٿي ويا. ڪڏهن ڪڏهن مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌي، پنهنجي پر وقار شخصيت سان لڪڻ ڪٽي اچي اسان سان گڏ ويهندو هو. هوٽل جو مالڪ مرحوم عبدالرحيم عباسي بہ دخل ڇڏي اچي انهن بحثن ۾ شامل ٿي ويندو هو. اڪثر هلي اهي ڪچهريون اسان جو روزانو معمول ٿي ويون. رات جي ماني ڪائي سڌو ڪراچي هوٽل جي وراندي ۾ وڃبو هو. گرامي صاحب جي ڪچهريءَ ۾ ايترو محو ٿي وڃبو هو، جو خبر ئي نہ پوندي هئي، تہ وقت ڪيئن ٿو گذري وڃي! جڏهن ڀر پاسي جي مسجد مان اذان جو آواز ايندو هو، تہ معلوم ٿيندو هو، تہ هاڻي صبوح ٿي ويو آهي، ڪچهري برخواست ٿيندي هئي.

منهنجي ۽ ربانيءَ جي حيرت جي حد نہ هئي، تہ هي سادو سپاجهو، انگريزي نہ ڄاڻندڙ عالم، آئن سٽائن جي اضافيت جي نظريي ۽ ڊارون جي ارتقا جي نظريي تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائيندو هو. هو ارسطو ۽ افلاطون تي بہ ساڳئي طريقي سان ڳالهائيندو هو، جهڙي طرح غزالي ۽ فارابيءَ تي. ڪارل مارڪس، هيگل، برڪلي ۽ هيوم، تان جو برٽنارڊ رسيل بہ سندس علم ۾ هئا. هڪڙو عربي ۽ فارسي خواندو مولوي، ۽ جديد فسلفي ۽ سائنس جو ايڏو اپياس، اسان لاءِ عجب جهڙي ڳالهہ هئي.

ان وقت ۾ منهنجو ۽ ربانيءَ جو وڏو مسئلو هو "ڪائنات جي تخليق." ور ور ڪري گرامي صاحب کان پڇندا هئاسين، تہ "ڪائنات جي تخليق جو مقصد ڇا آهي؟" ۽ گرامي صاحب سنجيدگيءَ سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ، اسان جي اڻ گهڙيل سوالن ۽ دليلن کي ٻڌندو بہ هو، تہ پنهنجا رايا ۽ دليل بہ ڏيندو رهندو

ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ منهنجو بزم خليل سان واسطو ٿي ويو هو ۽ هو گرامي صاحب جا مخالف هئا، پر ان هوندي به نه ڪو گرامي صاحب جي شفقت ۽ قرب ۾ ڪمي آئي ۽ نه وري منهنجي ادب ۽ عقيدت ۾ فرق آيو.

ته ماهي "مهراڻ" نڪتو ته ڏينهن به ڪچهري، ۽ رات به ڪچهري. ميڊيڪل ڪاليج ويندي مهراڻ آفيس (جتي اڄڪلهه ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال آهي) ۾ ليٿو پائي، گرامي صاحب جو سلام ڪبو هو. موٽندي پڻ ساڳي ريت سلام ڪبو هو. هاڻي شمشير به اتي هو. ٿورن ڏينهن لاءِ سراج به. جي ڪاليج ويندي مهل ڪو دلچسپ موضوع ڇڙي ويندو هو، ته اتي وينئي وينيوقت گذري ويندو هو ۽ اڳيرن ۽ ڪتاب ڪٽي، گرامي صاحب وٽان ئي واپس گهر هليو وڃبو هو.

"مهراڻ" سان اسان جي ادبي تحريڪ اڳتي وڌي. نئين ادب سان چاهه هوڻ ئي هو، پر ان جي همت افزائي ڪرڻ ۾ مهراڻ ۽ گراميءَ جو وڏو دخل هو. اسان کان اڳينءَ ٿهيءَ مان فقط حسام الدين راشدي، گرامي صاحب ۽ ڏيپلائي هئا، جيڪي اسان کي نه فقط همٿائيندا هئا، پر اسان سان گڏ فتوائن جو نشانو پڻ بڻبا هئا. (جويي صاحب ۽ چاچي گدائيءَ کي مان منڊ کان وٺي پنهنجي ٿهيءَ جو پائيندو آهيان، توڙي جو عمر جو فرق آهي) جڏهن ادبي تحريڪ زور ورتو، ته بيا سڀ پراڻا اسان جا مخالف ٿي بيٺا. اخبارن ۾ گاريون ڏنائون. سرڪاري ڪامورن وٽ چغليون هنيائون، مذهبي جنون جي ذريعي، اسان جي خلاف نفرت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. اتي بين ٿورن همدردن سان گڏ، گرامي صاحب اسان سان هر مرحلي ۾ گڏ هوندو هو. ادبي سنگت هجي، جشن روح رهاڻ هجي، سنڌي شام هجي، بزم صوفياءَ هجي يا ڪو بيو پليٽ فارم. گرامي صاحب جي تقرير شروع ٿي، ته ڇڻ

وڏ ڦڙو وسيو. لفظ لفظ لڙيءَ ۾ پويل، جملو جملي سان جڙيل ۽ جڪڙيل، منطق، تاريخ، فلسفو، مذهب، ادب ۽ شعر سڀ علم سندس تقرير ۾. هر زاويي کان سنڌ جي تحريڪ جي لاءِ دليل هونداهئا. سندس تقرير جو انداز شايد ئي ڪنهن کي حاصل ٿي سگهي. باوقار بيهڪ، آواز ۾ تمڪنت ۽ لفظن جي خوبصورت چونڊ، ٻوليءَ جو اڻ کٽ ڀنڊار، ڳالهائيندو هو ڄڻ ساوڻيءَ جو درياهہ اٿلي پوندو هو.

مهراڻ جي آفيس ۾ جتي سنجيده گفتگو ٿيندي هئي، اتي کل ڀوڳ پڻ ٿيندو هو. گرامي صاحب اسان نوجوانن آڏو بناوٽي وقار يا شخصيت جو نقاب پائي نہ ويهندو هو. اسان سان ائين رلمل ٿي ويندو هو، جو ويڇوٽيءَ جي وڇوٽي محسوس ئي نہ ٿيندي هئي. ڪڏهن اسان سان چرچو ڪري وٺندو هو، ڪڏهن اسين ساڻس ڀوڳ ڪندا هئاسين. گرامي صاحب جي طبيعت جو ظريفانہ پهلو غالب ۽ چرچل جي ظريفانہ موضوع وانگر هڪ ڌار موضوع ٿي سگهي ٿو. گرامي صاحب ايڏا تہ چرچا ڪيا ۽ ساڻس ايڏا چرچا ڪيا ويا، جو اهي سانڍڻ جهڙا آهن. ڪڏهن بہ چرچي تي چڙيو ڪونہ. جي چرچو وٺندو هيس تہ ان کي پسند ڪندي کلندو هو، ۽ جي چرچو اجا بہ ڪجهہ سخت هوندو هو، تہ هلڪيون نندڙيون وٺندڙ گاريون بہ ڏيندو هو. هتي مثال طور هڪ چرچو لکان ٿو، جيئن گرامي صاحب جي خوش خلقيءَ جو يادگار رهي:

گرامي صاحب هاضمي جي خرابيءَ سببان اڪثر يوناني دوائون کائيندو هو. هڪ دفعي سندس آفيس ۾ ويس، تہ آڏو ٽيبل تي سينڌي لوڻ جو ڳنڍو پيو هو. جيڪو شايد ڪنهن يوناني حڪيم جي مشوري موجب استعمال لاءِ خريد ڪيو هئائين. مون ان سينڌي لوڻ جي ٻاري ۾ ٻڌايو، تہ حڪراچيءَ جي گانڌي

گارڊن ۾ اڪثر جانورن جي آڏو، اهو لوڻ پيو هوندو آهي. ان لطيفي تي وينل دوست وڏا ٽهڪ ڏئي کليا. گرامي صاحب به کلندي هڪ هلڪڙي گار مون کي ڏئي ڪڍي. ايتري ۾ ٻاهران ڊيپلائي صاحب آيو ۽ ٽهڪڙو ٻڌي پڇيائين، ته ڇا تي ٿا کلو؟ گرامي صاحب پنهنجي آڏو سينڌي لوڻ جو ڳنڊيو ڪٺي ڊيپلائي صاحب جي آڏو رکيو ۽ پوءِ مون کي چيائين، ته هاڻ ٻڌائينس ته ڇا تي کلياسين، ان تي منهنجي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي، سيئي دوست ٻيهر ٽهڪ ڏيڻ لڳا. پر هن دفعي ٽهڪن جو نشانو گرامي صاحب نه هو، پر ڊيپلائي صاحب هو. ڊيپلائي صاحب اڃان واتڙو هو، ته هي ڇا تي ٿا کلن، پوءِ جڏهن مون ٻيهر جانورن جي باغ جي ڳالهه ٻڌائي ته ٽهڪن جو ٽيون دور شروع ٿيو.

مان خيرپور آيس، گرامي صاحب ۽ منهنجي وچ ۾ مفاصلو ته وڌي ويو، پر قرب جو مفاصلو ڪڏهن به نه وڌيو. ڪڏهن مشاعرو ڪڏهن محفل، هر بهاني سان ساڻس ملاقات ۽ ڪچهري ٿيندي هئي. درازن جي ادبي ڪانفرنس ۾، هر سال منهنجي سنڌ تي اچڻ حاضر ٿيندو هو. ١٩٧٣ع ۾ درازن کان موٽي، خيرپور جي ريسٽ هائوس ۾، اسر جي چئين وڳي تائين اسان جي ڪچهري هلي، ان وقت گرامي صاحب پنهنجي اندر جا حال اوريا. هيڏو وڏو عالم ۽ سندس ڳڀهار ٿوري، جو ٻار ٻچا ته ڇا پر پنهنجو به گذارو مشڪل ٿئيس! مٿان نوڪريءَ جون پابنديون جيڪي هڪ عالم ۽ شاعر لاءِ روحاني اذيت جو باعث آهن. اسان جي سنڌي سماج گرامي صاحب کي ڇا ڏنو؟ هڪ اڻ پورو ڳڀهار، هڪ ننڍي نوڪري، هڪ اڻپورو گهر ۽ عمر ڀر جون ٻڪريون، پريشانيون، تڪليفون. هو بس ۾ سفر ڪندي ٿابڙجي ڪريو، منڊڪائيندو رهيو. سنڌ جو ادب منڊڪائيندو رهيو، اڄ به منڊڪائيندو ٿو رهي. سنڌ جي علم ادب ۽ فن کي ڪڏهن سنڌ سنئون هلڻ

نصيب ٿيندو؟ مرڻ کان پوءِ گراميءَ جي اولاد لاءِ وظيفا مليا ته چڱو، پر اسان جيئري جاڳندي گراميءَ جي کهڙي خدمت ڪئي، سندس کهڙو قدر ڪيو؟ ڪيس کهڙيون سازگار حالتون ڏنيون، جو هو لکي پڙهي ۽ سوچي سگهي. ۽ ڇا سنڌ جو علم ادب ابد تائين منڊڪائيندو رهندو؟

شوڪت جماڻيءَ چيو: "يار هڪ بري خبر آهي، هاڻي الطاف شيخ جي فون آئي ته گرامي گذاري ويو."

مون ان خبر کي ائين ٻڌو ڄڻ ڪوڙي خبر هجي. الطاف شيخ وٽ منجهند جي ماني کائڻ وياسين، ته هن ٻڌايو ته "گرامي صاحب فوت ٿي ويو." خبر تي يقين آيو، پر گرامي صاحب جي "مرڻ" جي ڳالهه مون کي مشڪل لڳي. ڪراچيءَ پهتس، ته الطاف (منهنجي ياءُ) ٻڌايو ته گرامي فوت ٿي ويو. هن اهو به ٻڌايو ته هن کي جڏهن نياز همايونيءَ خبر ٻڌائي، ته ان تي اعتبار نه ڪيائين.

مون کي ايترن ماڻهن ٻڌايو آهي ته گرامي صاحب فوت ٿي ويو آهي، دل نه ٿي مڃي. دل ٿي چوي، ته سيني کي چوان، ته عالم نه مرندا آهن. گرامي صاحب جيئرو آهي. اها اڄن موتيءَ جهڙن ڏندن واري مرڪ جيئري آهي، جيڪا وجود تي، ٿڌي ڦوهاري جيان وسي هئي. ڏسو، گرامي صاحب جيئرو آهي، جي اعتبار نه ٿو اچيوَ ته منهنجو هي مضمون پڙهي ڏسو.

مقبول پٺي

سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تحريڪن ۾، اڪثر ڪيترائي اهڙا مٽيادار ماڻهو ٿي گذريا آهن، جن جي محنت ۽ قربانيءَ سببان سنڌن دور کي اهم تاريخي موڙ نصيب ٿيا. پر هو ڪنهن کي ياد به نه رهيا. اڻ ڄاتا ۽ اڻ ڳاتائي رهجي ويا. مقبول پٺي به اهڙن مٽيادار ماڻهن مان هئو. مقبول پٺيءَ جي شخصيت گهڻ پاسائين Multi Dimensional هئي. هن جا مون سان تعلقات به گهڻ پاساوان هئا. ذاتي دوستي، ادبي ۽ سياسي تحريڪن ۾ ساٿ، ليکڪ ۽ ناشر جو رشتو. اهي هئا اسانجي ساٿ جا مختلف پهلو. انهن سڀني ناتن جي ڪري، مقبول پٺيءَ جي گوناگون شخصيت کي ويجهو کان ڏسڻ جو موقعو مليو.

مقبول سان پهرين واقفيت ان دور ۾ ٿي جڏهن هو ٻارن جو رسالو "گلستان" ڪڍندو هئو. هڪ خوبصورت، ذوق سان سينگاريل، ٻارن جي ڏانو وارين تصويرن سان سينگاريل رسالو. ڪلٽو ملٽو، مظبوط هانءَ وارو، بي تڪلف، روشن خيال، محنتي جوان. ائين لڳو مقبول.

ان کان پوءِ، ۱۹۵۵ع ڌاري، جڏهن ون يونٽ جا سانباها پئي ٿيا. ته "يوٿ فرنٽ" ۾ شامل ٿي ويو، جنهن جو صدر ذوالفقار علي پٺو هئو، ۽ ون يونٽ جي مخالفت ۾ عملي ساٿ ڏنائين. انهن ڏينهن ۾ هفتيوار اخبار "وطن" ڪڍيائين، جنهن ذريعي سنڌ جي ماڻهن ۾ حب الوطني، ۽ ون يونٽ جي مخالفت جا جذبا جاڳائيندو

رهيو. ان وقت جي هفتيوار اخبارن ۾ گيٽ اپ، مواد توڙي ٻوليءَ جي خيال کان، مقبول پنهوَرَ جي ”وطن“، سيني کان نمايان هئي. منهنجي خيال ۾ اهڙي هفتيوار اخبار اڄان تائين نہ نڪتي آهي، جيڪا مقبول جي ”وطن“ جو مقابلو ڪري سگهي، سواءِ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ اخبارن جي. اها هفتيوار اخبار سنڌ جي ماڻهن ۾ ايتري تہ مقبول ٿي، ۽ ايتري تہ اثرائتي هئي، جو سنڌ سرڪار کي ان کي بند ڪرڻو پيو.

ون يونٽ خلاف عملي جدوجهد ۾ بہ مقبول پنهوَر اڳي کان اڳرو هئو. جنهن ڏينهن حيدرآباد ۾ ون يونٽ جي فائدي ۾ سنڌ اسيمبلي اجلاس ڪري، ٺهراءُ پاس ڪرڻ واري هئي، ۽ کهڙي وزارت ڏهڙ ڏونس سان اهو ٺهراءُ پئي پاس ڪرايو. اسان ان ڏينهن اسيمبلي جي ٻاهران مظاهري ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو. سنڌ ۾ تعليم ان وقت ايتري هئي، جو ڪاليج رڳو حيدرآباد، ڪراچي، شڪارپور ۽ سکر ۾ هئا. شاگرد گهٽا ڪراچيءَ توڙي حيدرآباد ۾ غير سنڌي. بهرحال مظاهري جو پروگرام ٺاهيو ويو. رات جو حيدرآباد جي ديوارن تي ”سنڌيوٽ فرنٽ“ جا ڇپيل ”احتجاج“ جا پوسٽر هڻڻ شروع ڪياسين ۽ اڌ رات ڌاري، اهي پوسٽر هڻندي گرفتار ٿياسين. حيدرآباد جي مارڪيٽ ٽاٽي تي بند رکياٿون. مان، قمر صديقي، مظفر حسين شاهہ، غلام سرور ڇڇڙو، سڄي سنڌ مان انڪل ٻارنهن شاگرد گرفتار ٿيا، اُهي بہ حيدرآباد ۾. (سنڌ ۾ ان وقت سڄاڳي بہ گهٽ هئي تہ تعليم بہ گهٽ.) صبوح جو سويل مقبول پنهوَر کي گرفتار ڪري آيا. مقبول پنهوَر سنڌجي انهن ٿورن اوائلي، سچاڻ ۽ بهادر سياسي ڪارڪنن مان هئو، جن ون يونٽ خلاف قيد قبوليو.

انهن ڏينهن ۾، ١٩٥٦ع ڌاري، حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي انجمن نالي هڪ جماعت هئي، جيڪا ترقي پسند لاڙن جي ترجمان هئي. ان جماعت ۾ سرائي اميد علي، (سنڌيءَ جو اوائلي افسانہ نگار،

سنڌ جو اوائلي ائڪٽر (فلم پرديسيءَ ۾) ۽ مشهور اداڪار، اي. آر. بلوچ جو پيءُ) ڊيپلائي، ع. ق. شيخ ۽ سنڌيءَ جو سچاڻ دانشور، محمد ابراهيم جويو، نوجوان ليکڪن جي ادبي تربيت ڪندا هئا. مقبول پنهنجي به ان ۾ شامل هئو. ساڳئي دور ۾، سنڌ جي، ڊار ڊار شهرن ۾ "سنڌي ادبي سنگتون" پڻ قائم ٿيون، جن جو مقصد پڻ ساڳيو "سنڌي ادبي انجمن" وارو هئو. مقبول پنهنجيءَ "انجمن" کي سنگت ۾ تبديل ڪيو، ۽ سنگت جي تنظيم لاءِ وڏي جدوجهد ڪيائين. ڪي موقعا ته اهڙا به آيا، جو بسنت هال جي پاهر واري چبوتري ۾ جتي سنگت جي ميٽنگ رکندا هئاسين،) رکو به يا ٽي ڄڻا، انتظار ۾ به ٽي ڪلاڪ ويهي، موٽي ويندا هئاسين ۽ اهڙا موقعا لاڳيتا ۽ بار بار ايندا هئا، پر مقبول ڪڏهن به همت نه هاري. اسان مايوس ٿيندا هئاسين، پر مقبول اڳي کان اڳرو. چوندو هئو "پرواهه ناهي، ٻئي هفتي محفل ضرور مچندي." ۽ مقبول جي اها محفل اڄ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ متل آهي.

جڏهن سڄيءَ سنڌ جي ادبي سنگتن کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئڻ جي ضرورت ٿي، ته ان ڏس ۾ پڻ مقبول پنهنجيءَ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

"ون يونٽ" ۾، جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش سٽي ويئي ته اسان صحيحن جي مهم جي رٿا ناهي. لک کن ماڻهن کان صحيحون ورتيون ويون ته سنڌيءَ کي اولهه پاڪستان جي سرڪاري زبان تسليم ڪيو وڃي. ان اسڪرول تي، شيخ مجيب الرحمان ۽ جوش مليح آباديءَ ۽ ٻين ڪيترن مشهور شخصيتن جون صحيحون هيون. ڪراچي هوٽل سامهون، سرائي اميد عليءَ جي بنا مسواڙ ڏنل سنگت آفيس هئي. مقبول، مان شمشير، مصطفيٰ قريشي (مشهور فلم ائڪٽر)، ممتاز مرزا ۽ ٻيا دوست، نه رات نه ڏينهن، اوڊر تي مانيون کائي، اوڊر تي ـ نهيون ٻي پيا ڪم ڪنداهئاسين. مهم ان لحاظ کان ڪامياب

ويئي تہ سنڌ ۾ ٻوليءَ جي باري ۾ ڀھرين سجاڳي پيدا ٿي. ان مهم جو اڳواڻ مقبول هئو. سڄيءَ سنڌ جو دورو ڪيائين. ڪارڪن پيدا ڪيائين. انهن کي ڪم ڪرڻ جي تربيت ڏنائين. ان وقت سنڌ ۾ سڀ مايوس هئا. ون يونٽ ڌڪڙ دونس سان ٿاهي ويا. سنڌ جي ماڻهوءَ کي ڪا واٽ ئي نہ پئي سجهي. پر مقبول اهڙي لاٽ ٻاري جو روشن ٿي ويئي. شمشير جو نظم "اي همسفرو" ان دور جي تخليق آهي.

ان مهم دوران، مهم جي مقبوليت ڏسي، ڪيترائي سڌڙيا opp-ertunist سياسي اڳواڻ، هزارين رپيا امداد لاءِ کڻي آيا، پر مقبول سيني کي موٽائي ڇڏيو. ۽ اسان سان گڏ اوڏر جي چانهہ ۽ مانيءَ تي گذارو ٿيندو رهيو. انڪري جو متان اهي سنگت کي سياسي طور استعمال ڪن.

مهم جي پوري ٿيڻ بعد، فارمن کي سارٽ sort ڪري انگ اکر ڏيٽا هئا، تہ گهڻن هارين، گهڻن مزدورن، گهڻن سياستدانن، گهڻن ڊاڪٽرن وغيره صحيحون ڏنيون آهن. اهو ڪم مقبول جي حيات ادب لئبرريءِ (دينوءَ جي پڙ ۾، سندس گهر هيٺان) ۾ ٿيندو هئو. ونگار جو پٽُ مقبول آٿيندو هئو ۽ اسان ڪم ڪنداهئاسين.

صحيحن وارو اهو اسڪرول، اڄ بہ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ مقبول پنيءَ، ۽ ٻين ڪارڪنن جي قربانيءَ، محنت، خلوص، سنڌ دوستيءَ، ۽ سنڌ ۾ ون يونٽ کان پوءِ "ڀھرين سجاڳيءَ جي لهر" جي يادگار طور رکيل آهي.

ان دور جو هڪ اهم واقعو، جيتوڻيڪ منهنجي ذات سان تعلق ٿو رکي، پر ان مان مقبول پنيءَ جي همت، هوشياري، بردباري، توڙي قرباني ۽ دوستن سان محبت جي ثابتي ٿي ملي. ان ڪري ئي اهو واقعو هتي بيان ڪريان ٿو:

هي واقعو ١٩٥٦ع جو آهي. تن ڏينهن ۾ مخدوم امير احمد

اسان کي هير آباد واري اورئينٽل ڪاليج ۾ سنگت جي ڪچهرين ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. گرمي هجڻ سبب ٻاهر ڇپر تي ٿي ويٺاسين. اندران پلگ مان تار ڇڪي، ٽيبل لئمپ ٻاهر لان تي رکيوسين، جيئن شعر يا افسانو پڙهڻ واري کي روشني ملي. ميٽنگ پوري ٿي ته مون ٽيبل لئمپ کي هٿ ۾ کنيو، جيئن ته ٻين سيني ٻنپڙ پٺي سهيڙيا، مجاڻ پلاسٽڪ واريءَ تار جي پلاسٽڪ ڪا ڏريل هئي، ان مان منهنجي ساڄي هٿ واريءَ چيچ کي ڪرنٽ اچي ويو. اٿين ٻانيم ته ان چيچ کان وٺي، پيرن جي ترين تائين، جهٽڪن جو ڪو سمنڊ آهي جنهن جون لهرون منهنجي جسم مان ٿينديون زمين ۾ گهڙنديون ٿيون وڃن. ايترو هوش ئي نه هئو جو لئمپ ڦٽي ڪريان. ڏٺم ته سڀ دوست چوڌاري گول ٿاهي بيٺا آهن. ڪي سئچ بند ڪرڻ لاءِ ڀڳا، پر سئچ انڪل اسي فوٽ کن پري هئو. مقبول ڀٽيءَ کي ڏٺم، تمام پري هليو ويو، پوءِ ڪنهن فاسٽ بالر وانگر ڊوڙ پاتائين، تيز رفتار سان ڊوڙيو، ۽ اچي مون سان ٽڪريو. ٽڪر لڳڻ سان ئي لئمپ هڪ پاسي، مان ٻئي پاسي، ۽ مقبول ٽئين پاسي. منهنجي ساهه کڄڻ جو انداز اهو هئو، جو عام طرح ساهه کڻڻ سان ڇاتي جيتري ڦنڊندي آهي ان کان ٻيڻي ٿي ڦندي، دل جي رفتار ٽيڻي. بچي ويس، پر ايترو ڪمزور جو هفتو کن هلي نه سگهان. ٻئي ڏينهن فرسٽ پروفيشنل جا امتحان هئا. (امتحانن جي دور ۾ به سنگت جو ڪم ۽ ڪچهريون نه ڇڏيون هيون) فيل ٿيس- پر مقبول اها سياڻپ نه ڪري ها، اهو خطرو نه کٽي ها. ته نه رهي ها بانس، نه وڃي ها بانسري. نه تنوير هجي ها، نه هيءُ مضمون لکي رهيو هجي ها (ان وقت تائين اڃا منهنجو پهريون مجموعو به نه ڇپيو هئو.) شايد مقبول ڀٽي هجي ها، جيڪو تنوير جي موت تي تعزيتي مضمون لکي رهيو هجي ها.

درازن ۾ محفلن کي مچائڻ جي شروعات، سردار بهادرمحمد

بخش ڪوجهيءَ جي ڪوشش سان ٿي، پر عملي ڪم هادي بخش لاڙڪ ۽ مقبول پنيءَ جو هئو. حيدرآباد مان اديب ۽ فنڪار، شاميانا وغيره درازن تائين پهچائڻ، محفل مچائڻ، اناؤنسمينٽ ڪرڻ مقبول جي ذمي هوندا هئا. ان وقت درازن ۾ نه ريسٽ هائوس هئو، نه آڊيٽوريم، نه بجلي، ۽ نه سرڪاري مدد. سردار بهادر محمد بخش، ۽ پوءِ فقير رحيم بخش هڙان خرچ ڪندا هئا، ته مقبول پنّي ۽ هادي بخش لاڙڪ وڙ ڪندا هئا.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ وڏو خال پئجي ويو. ليکڪ ته هئا، پر پبلشر ۽ پڙهندڙ گهٽ. مقبول پنيءَ همت ڪري "گلستان" کڏيو. ان کان پوءِ سِنڌيءَ جا اهم ڪتاب "روح رهاڻ ۽ لطيفي سير" بيهر ڇپارايائين. ان کان سواءِ جڳ مشهور ڪتاب "الف ليليٰ" جديد نموني ۾ تصويرن سان ڇپايائين. منهنجو پهريون مجموعو "رڳون ٿيون رباب" تمام خوبصورت نموني ۾ شايع ڪيائين. ان وقت چيو هيائين ته "ايندڙ پنجويهن سالن تائين ههڙو خوبصورت ڪتاب نه ڇپبو". مقبول جي اها دعويٰ توڙي اڳڪٿي بلڪل صحيح ثابت ٿي.

سنڌي ڪتابن جي اٿاث ڏسي هن حيدرآباد جي اهم جڳهه تي "سنڌي ڪتاب گهر" قائم ڪيو. ان ڪتاب گهر ۾ هن ڪوشش ڪري سڀ نوان پراڻا، هند ۽ سنڌ جا ڪتاب رکيا. سنڌيءَ جو ڪوبه ڪتاب جي سنڌي ڪتاب گهر ۾ نه هوندو، ته سمجهبو هئو ته اهو ڪٿي به نه ملندو. اهو فقط ڪتاب گهر نه هئو پر اديبن جو مرڪز پڻ.هر آيو ويو اتي ضرورڪن پل لاءِ ترسندو هئو. ڊاڪٽر خليل، ڏيپلائي، مظفر حسين جوش، منظور نقوي، سرور علي سرور، غلام محمد گرامي، عبدالله خواب جو ته دڪان ئي مٿان هئو، عبدالقيوم صائب. نوجوانن ۾ شمشيرالحيدري نياز همايوني، ممتاز مرزا، مصطفيٰ قريشي. ڪو ٻاهر جو اديب دوست جي حيدرآباد ايندو، ته سنڌي ڪتاب گهر تي ضرور ايندو.

ڪتاب بہ ملي ويندس تہ اديب دوستن سان بہ عليڪ سليڪ ٿي ويندس.

سنڌي ادب ۾ خال ڪي پرڻ، ۽ سنڌي جي ماڻهن ۾ ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌي ادب ڪي پڙهڻ جو شوق جا ڳائڻ ۾ تہ ماهي مهراڻ (جيڪو ان وقت محمد ابراهيم جويي جي ادارت ۾ نڪرندو هئو) ۽ سنڌي ڪتاب گهر جو وڏو هٿ آهي.

مقبول پنّي سنڌ يونيورسٽي پريس جو مئنيجر ٿيو. سنڌيءَ ۾ پهرين مونوٽائيپ مشين هن قائم ڪئي. پرنٽر جي حيثيت ۾ هن سنڌي طباعت کي هڪ قدم اڳتي وڌايو. مقبول جي ڇاپيل ڪتابن مان هڪ هڪ ان فن جو شاهڪار آهي. سهڻائي صفائي، سٽرائي ۽ بيهڪ، اهڙي جو اڄ بہ جديد آفيسٽ جي سهوليتن هوندي بہ اهڙا سهڻا ڪتاب نہ ٿا ڇپجن جهڙا مقبول پنّيءَ ڇاپيا.

پريس مئنيجريءَ دوران بہ اسان جي دوستي قائم رهي. تقريباً هر شام گڏ هوندا هئاسين. جڏهن امتحاني پيپر ڇپبا هئا، تہ مقبول کي اها رات پريس ۾ گذارڻي پوندي هئي. ٻئي ڏينهن جڏهن امتحان هال ۾ پيپر ورهائبو هئو، تڏهن کيس ٻاهر ڪڍندا هئا. انهن ڏينهن ۾ مان ميڊيڪل جو شاگرد هيس. منهنجا تقريبا سڀ پيپر مقبول ڇپيا. پر کهڙو نہ سچائيءَ جو زمانو هيو. اسان ٻنهي کي اها ڳالهہ خواب خيال ۾ بہ نہ هئي، تہ ڪو چڪر هلائجي. نہ مون ان کي ممڪن ۽ صحيح سمجهيو تہ مقبول کي ان ڳالهہ لاءِ چوان، ۽ مان سمجهان ٿو تہ مقبول بہ ائين محسوس ڪيو هوندو. ڪڏهن پاس ڪڏهن فيل. پر دوستي ساڳي قائم، اها ڳالهہ ذهن ۾ ئي نہ اچي، تہ ڪو بي ايماني ڪجي.

مقبول پنّيءَ جي لائبرري، "حيات ادب لئبرري" سندس گهر جي هيٺان هئي. هر اخبار موجود. هر ڪتاب مهيا. سنڌي، اردو، انگريزي. ٽنهي ٻولين ۾ بهترين ڪتاب. سنڌيءَ جو تہ وٽس

ناياب ذخيرو هيو. ورهاڱي کان اڳ ڇپيل ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو. ورهاڱي کان اڳ ڇپيل اخبارن ۽ رسالن مان اڪثر اخبارن ۽ رسالن جا مڪمل فائيل. الائي ڇا ٿيو ان خزاني جو.

مقبول هڪ ماهر لائبريرين هئو. ان وقت اڃا لائبرري سائنس جا ڪلاس شروع نہ ٿيا هئا. پر مقبول جي لائبرريءَ جي سڄا لاجواب هئي. ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جي فائيلن جي ترتيب اهڙي هئي جو جيڪا شيءِ گُهر اها منٽ ۾ حاضر.

مقبول هڪ سنو شاعر هئو. اها خبر ٿورن کي هوندي. هن ادبي سنگت ۾ ڪجهہ شعر پڙهيا هئا. سندس تخلص "دانش" هيو. شعر سٺا، جذبات سان پريل، ۽ پختا هئا. هن هڪ ٻہ افسانا بہ لکيا.

ريسرچ اسڪالر جي حيثيت ۾، مقبول پٽيءَ ڪافيءَ جي بادشاهہ، مصري شاهہ تي جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو يادگار آهي، اڃا تائين مصري شاهہ تي ان کان بهتر ڪم ڪو ڪري نہ سگهيو آهي: مصري شاهہ جي ڪلام کي هٿ ڪرڻ ۾، مقبول پٽيءَ جيڪا محنت ڪئي، ۽ مصري شاهہ جي سوانح کي جنهن طريقي سان هن محفوظ ڪيو آهي، اهو سنڌي ادب ۾ هڪ يادگار ڪارنامو آهي، جنهن کي اسان جا ادبي تاريخ نويس ۽ نقاد سدائين وساريندا آيا آهن.

مقبول پٽي، سنڌيءَ جي هڪ وساريل مگر اهم شاعر محمد موسيٰ راز جو پٽ هئو، جنهن جو حيدرآباد جي قلعي تي لکيل نظم سنڌي ادب جو شاهڪار آهي. سنڌيءَ جو نماڻو، سپاجهو ۽ استاد شاعر، عبدالله خواب سندس چاچو هئو. جيڪو جميعت الشعراءَ جي غزلگو شاعرن ۾ گهڻن کان اڳرو هئو پر پنهنجي نماڻائيءَ ۽ نهٻائيءَ ڪري اهو مرتبو ماڻي نہ سگهيو جنهن جو هو مستحق هئو.

جڏهن مان خيرپور آيس تہ مقبول سان ملڻ جا موقعا گهڻا

ويا. پڇم ته مقبول بيروزگاريءَ جي ڪري تڪليف ۾ آهي. پر پڪ اٿم ته ان تڪليف جي دور ۾ به مقبول اهو ئي ڪلڙو ملڙو هوندو.

پوءِ هن کي نئشنل بڪ ڪائونسل ۾ نوڪري ملي. ان دوران ڪراچيءَ ۾ ساڻس آخري ملاقات ٿي. ساڳيو قرب ساڳيو پيار. پلا قرب کي مفاصلو يا وقت گهٽائي سگهي ٿو.

مقبول ڀٽي هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هئو. محب وطن، اهو به انتها پسند. عوام دوست، اڻ ٽڪ ۽ ايماندار سياسي ڪارڪن، ريسرچ اسڪالر، پرنٽر، پبلشر، بڪ سيلر، آرگنائيزر، ايڊيٽر، اناؤنسر، ڪمپيئر، شاعر، افسانه نگار، ۽ سڀ کان وڌيڪ هڪ پُرخلوص، پيارو دوست. مقبول ڀٽيءَ جي شخصيت تي سوچيندي، شاهه لطيف جي هڪ سٽ دل تي تري ٿي اچي.

جي ماسو مڙيئي مال، ته پوڇارا پُر ٿئين،
مقبول کي ماسو نه، پر سير مليو.

رشيد ڀٽي

الائي مان ڳالهائي سگهان يا نہ، الائي ڪيترو ڳالهائي سگهان. بهرحال، رشيد ۽ منهنجو ساٿُ، توهان سڀني کي خبر آهي ١٩٥٣ع کان شروع ٿيو. ١٩٥٣ع کان ١٩٨٨ تائين وڏو عرصو آهي. چوٿائي صديءَ کان بہ وڏو، ۽ اسانجو ساٿُ ڪو رواجي ساٿ نہ هو. ڏينهن جا ڏيهن،راتين جون راتيون گڏ رهياسون. مونکي پهريون ڏينهن ياد آهي، ٥٣ - ١٩٥٥ع ۾ اسان ٽي دوست هياسي پاڻ ۾ ٽئي هڪبئي کي ويجها. رباني، مرحوم حفيظ ۽ مان. انهيءَ زماني ۾ ون يونٽ ٺهڻ جا سانباها پئي ٿيا ۽ مان ان جي باري ۾ بہ نظم لکيا ها، سسئيءَ ۽ مارئي تي. اهي بہ نظم هڪڙي اخبار هوندي هئي "الوحيد " (جنهن کي پوءِ کهڙي بند ڪري ڇڏيو هو) ان ۾ ڇپيا ها. تنهن کانپوءِ هڪڙي ڏينهن رشيد ڀٽيءَ جو نظم انهيءَ اخبار ۾ پڙهيوسين، جيڪو اڄ هتي نياٽين پيش ڪيو تہ:

"سنڌڙي رهي اسين نہ رهياسين تہ ڇا ٿيو!" تہ انهيءَ نظم پڙهڻ سان ئي اسان ٽنهي دوستن سوچيو تہ اِنهيءَ ماڻهوءَ سان ملڻ گهرجي، اهو جيڪو مڙس ماڻهو آ. ۽ ائين، مدرسي جي هاسٽل ۾ رشيد رهندو هو. وڃي هن جو درکڙڪايو سي. معصوم!، صفا معصوم!! جهڙو اڄ ڇايو هجي. اهڙيون معصوم اکيون مان عمر ۾ نہ ڏٺيون. مان جو ڀٽيءَ جي اکين ۾ نهاريو تہ ائينءَ لڳيون تہ اهي ايتريون شفاف آهن جو منهنجون نظرون انهن مان پار لهي ويون ۽ هن جي دل تائين پهچي ويون. تنهن کانپوءِ هن جو قرب...

محبت... ۽ پيون جيڪي هن جون حاضر جوابيون ۽ ٺٺين بي تڪلفي. صبح جو هن سان ملياسين ۽ شام جو يارهين ٻارهين وڳي ائين ٿي وياسين ڄڻ جڳن کان هڪٻئي جا دوست هاسين. هڪڙي ڏينهن ۾ اسانجي ايڏي دوستي ٿي وئي ۽ تنهن ڪانپوءِ هو جيڪو چوندا آهن تہ "رتيءَ جي رهاڻ جيءُ اڙايم جت سين" تہ اها رتيءَ جي رهاڻ هئي. پوءِ ان سفر ۾ اسان گڏ رهياسين. ساٿي ايندا ويا. مقبول ڀٽي مرحوم جنهن جو نالو ههڙن ميڙن ۾ نہ کڻڻ وڏي نا انصافي آ. مقبول ڀٽي هو جنهن سنڌي ادبي سنگت جي پيهر تنظيم شروع ڪئي، اسان سان انهيءَ ساٿ ۾ ساڻ رهيو. هن جي "وطن" اخبار نڪرندي هئي، جنهن کي پوءِ ڪيو ويو. ون يونٽ ٽهڻ کان ٿورو اڳ ۾ ، هو ڪافي مخالفت ڪندو هو ون يونٽ جي. تنهن ڪانپوءِ ٻيا دوست ايندا ويا. حميد آيو، ناصر آيو، جمال رند آيو، سليم خواجو آيو ۽ پوءِ ائينءَ اسانجو ميڙو مچندو ويو. تہ رشيد ڀٽيءَ کي مان جيترو ويجهو ڏٺو ۽ جيترو هو وڏيڪ ويجهو ٿيندو ويو اوترو هن سان وڌيڪ پيار ٿيندو ويو، اوترو مونکي وڌيڪ وڻندو هو. ڪي ماڻهو جيترا ويجها ايندا آهن تہ انهن جون ڪمزوريون ۽ خاميون بہ آڏو ايندئون آهن. پر خير فرشتو تہ ڪونہ هو پر تنهن هوندي بہ هن ۾ ڪا محبوبيت هئي. اها محبوبيت هڪڙي تہ هُئي هن جو خلوص. ايترو خلوص! ايترو خلوص!! جو ڪوبہ دوست جي هن جي در تي هلي ويندو هو تہ هن جي وت آهر نہ، پر وت کان وڌيڪ (پئسو تہ ايترو ڪونہ هوندو هوس) خدمت ڪندو هو. جڪڏهن ڪو دوست نہ ايندو هو هن وٽ تہ ڪاوڙجي ويندو هو ۽ گاريون ڏيندو هو. جيڪڏهن بہ ٽي ڏينهن پئجي ويندا ها مونکي ۽ مان سکر نہ ايندو هوس تہ فون ڪندو هو تہ "تون ڇو نہ ٿو اچين؟ مان اچان يا تون اَچُ". تہ ايڏو قرب هوندو هوس ۽

پي ڳالهه جيڪا مان توهان کي هن جي شخصيت جي خوبي ٻڌائي، اها هئي ته اندر ۽ ٻاهر هڪجهڙو هو. هاڻي جيئن ته ونيونٽ ٺهي ويو هو ١٩٥٦ع ۾ ۽ مارشل لا لڳي ١٩٥٨ع ۾. سياسي جلسن تي پابندي، سياسي جماعتون بند، اسيمبليون ختم. سنڌي ٻوليءَ تي اهڙو وقت اچي ويو جو شريف ڪميشن رپورٽ آئي ١٩٦٣ع ۾ ته چوٿين درجي تائين سنڌي پڙهايو تنهن کانپوءِ اردو پڙهائڻ شروع ڪيو. هاڻي اسان ڇا ڪيئون؟ ڪيئن جدوجهد هلايون؟ ڪيئن وڙهئون؟! سياستدان جيڪي اسانجي سنڌ جا سڀ يا ته ٻرن ۾ لڪي ويا يا ته پرمٽن يا پلاٽن جي پويان پاڻ کي وڪڻي ڇڏيئون ته رشيد ڀٽي هو يا اسان جا ٻيا سڄاڻ دوست ها، ته اسان اهو طريقو شروع ڪيو ته لطيف جو ڏينهن ٿا ملهايون، سنڌي شام ٿا ملهايون يا جشن روح رهاڻ ٿا ملهايون. ته اها سڄي تحريڪ اسان ادبي پليٽ فارم تان هلائي سنڌ جي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي.

ان وقت سنڌ ۾ پنج يا ڇهه ڪاليج هئا ۽ انهن ۾ به سنڌي اڌ کان گهٽ هوندا ها. تنهن کانپوءِ آهستي آهستي اها تحريڪ اڳتي وڌي. ته بهرحال مون رشيد ۽ انجي محبوبيت جي باري ۾ پئي ڳالهايو ته هڪڙي پيري مونکي ياد آ ته رشيد اسان سيني دوستن سان اچي ڪاوڙيو، اسان ڪا حرڪت ڪئي هن سان ۽ مذاق به خطرناڪ حدتائين ڪئي سين. ڇهه، مهينا اسان هنکي منٿون ڪندا رهياسين. هٿي ڳهر اچئونس، ايلازمنٿون ڪيئونس. بابا هاڻي پرچي وڃ. پر اصل نه! ڇهن مهينن کانپوءِ هڪڙي ڏينهن ڏسان ٿو ته پاڻ منهنجي آفيس ۾ لنگهي آيو. مان ٻين ماڻهن کي ٻاهر ڪڍيو ۽ در ڏياريو. پاڻ مونکي ڀاڪر پائي ۽ ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ رشيد ڀٽيءَ جا ٽهڪ جن دوستن ٻڌا هوندا ته انهن اهڙا ٽهڪ زندگيءَ ۾ نه ٻڌا هوندا. کلندو هو

تہ دل سان. ائين ڪلندو هو جڻ تہ ڪو درياهہ وهي پيو آ، ۽ هن جي ٿهڪن جو سلسلو هلندو هو تہ بس بند نہ ٿيندو هو. هڪڙو گيٽر، بيو گيٽر، ۽ پوءِ چوندا هاسين تہ پڻي هاڻي گيٽرن ۾ ٿو ڪلي. ۽ وري جيئن اسانجي دوست ناصر ٻڌايو تہ شل نہ ڪو دوست ناراض ٿئيس تہ پوءِ سڏڪندو، روئندو، عينڪ لاهي اکيون اگهندو ۽ پرچائيندو. هاڻي زيادتي بہ اسان جي ۽ پرچائيندو بہ وري اسان کي. تنهن ڪانپوءِ ٽئين ڳالهہ رشيد پڻيءَ جي هئي. اصول پرستي. مرحوم حافظ عبدالحميد پڻي اسان ڏٺو. اسانکي سعادت حاصل آهي ان سان ٿورو گهڻو تعلق هجڻ جي. اصول پرست ماڻهو. سائين برڪت آزاد کي خبر هوندي تہ ڪنهن خلافتي، ڪنهن وهابي ۽ ڪنهن ڪانگريسي هو. اصول پرست ۽ مذهبي طرح سان بلڪل پڪو يعني اندر ٻاهر هڪڙي. ڪڏهن بہ منافقت نہ ڪيائين، چوندو "مان هن ڳالهہ ۾ يقين رکانٿو، هن ڳالهہ ۾ يقين نہ ٿو رکان." هاڻي رشيد پڻي جو هن جي گهر ۾ پيدا ٿيو ۽ رشيد پڻيءَ کي ننڍي هوندي جڏهن ٿوري گهڻي ترقي پسنديءَ جي هوا لڳي تہ رشيد کي ويهاريائين. ٽيڙهيءَ جي مدرسي ۾. هاڻي سائين، ڪاڏي رشيد پڻي، ڪاڏي ٽيڙهيءَ جو مدرسو. سائين ڇا ٿيو جو رشيد ٿوري گهڻي بغاوت ڪئي. ڇو تہ رشيد پڻي ۾ بہ اندر هڪڙي ۽ ٻاهر ٻي يا منافقي ڪونہ هوندي هئي. پيءُ ۾ بہ ڪونہ هئي، پٽ ۾ بہ ڪونہ هئي، تہ پڻيءَ پنهنجا خيال پيءُ کي صاف چئي ڏنا تہ بابا مان انهن ڳالهين ۾ اعتبار ڪونہ ڪندو آهيان.هاڻي هو بہ سخت اصول پرست ۽ هي بہ سخت اصول پرست. ٻنهي ۾ ٿي پيو ٽڪر. تہ انهيءَ ٽڪر ۾ ڇا ٿيو جو مولوي صاحب رشيد تي ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين تہ تون گهر ڇڏي وڃ. رشيد پڻي سئنيمائن جي اشتهارن جا جيڪي ڳاڏا ٿيندا آهن اهي هلائي پنهنجو پيٽ گذر ڪندو هو. مونکي ياد آ تہ

ڪراچيءَ ۾ جڏهن رشيد پڙهڻ آيو ۵۵ - ۱۹۵۴ع ۾ ۽ جڏهن "نئين سنڌ" ۾ سب ايڊيٽر هو ته مولوي صاحب رشيد تي ڪاوڙجي پيو ۽ پئسا موڪلڻ بند ڪري ڇڏيائينس، رشيد پنهنجا اهي افسانا "هڪ روپئي نوٽ" ۽ ٻيا انهيءَ دور جي ياد آهن. ته اتي اخبارن ۾ ڊبل شفٽ ۾ ڪم ڪري پر ڪڏهن به پيءُ آڏو پيش نه پيو ته بابا تنهنجا خيال مان هاڻي قبول ٿو ڪيان ۽ نه مولوي صاحب ئي چيس ته بابا تون ٺيڪ آن. پر پيار ٻنهي ۾ هو. ٻنهي ۾ نظرياتي اختلاف، اصولي اختلاف ۽ ذهني اختلاف به هو پر وري ٻنهي پيءُ پٽ جو پيار جيڪو اسان ڏٺو ان جا به عجيب ڪرشما ته پٽ پيءُ ڪانسواءِ پريشان ۽ پيءُ پٽ ڪانسواءِ وائڙو ۽ ويچارو. ۽ پوءِ وري ٻنهي جو ملڻ ۽ ٻنهي جو نا هه ٿئي...! ته رشيد بغاوت پنهنجي گهر کان شروع ڪئي. تنهن کان پوءِ هو بهترين ليکڪ. پر ليکڪ جيڪو چوندا آهن Entertainer يا وندرائيندڙ نه پر هن جو ادب اصول پرستيءَ سان هو، هن جو ادب ڪنهن نه ڪنهن افاديت وارو هو.

تنهن کانپوءِ سياسي ڪارڪن جي حيثيت ۾ اٿيو. مان هن کي ايڏو بهادر ڏٺو. جڏهن هنکي ۱۹۷۱ع ۾ گرفتار ڪيو ويو ته مونکي نياپو پهتو ته هن کي ۱۰۴ بخار ٿي ويو آهي، هن جي شگر وڌي وئي آهي، هنکي پرهيز جو کاڌو نٿو ملي ۽ جيل ۾ دوائون نٿيون ملنس، هتي ويچاري کي سول اسپتال سکر ۾ ڪٺي آيا. اتي مان چوريءَ رات جو وڃي مليو مانس. ظاهري طرح ته ملڻ ڪونه ڏيندا ها. مونکي خبر آ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ ته بلڊ ۾ شگر وڌي وڃي ۽ ۱۰۴ بجار هجي ۽ پرهيز جو کاڌو نه ملي ۽ دوائون نه ملن ته مريض جي ڇا حالت هوندي آ. مان سمجهو ته هو مايوس هوندو، پريشان هوندو، پر اتي مان پريشان ۽ مايوس هجان پر هو مونکي پيو سمجهائي ته "يار ڊڄبو آ ڇا، يار پيو ڪجبو آ ڇا، اهي

تڪليفون تہ ايندڙيون ويندڙيون آهن، تون خيال نہ ڪر، مان ٺيڪ آهيان.“ يعني مونکي پيو آٿت ڏي. جڏهن ١٩٦٥ع جي جنگ ۾ هنڪي جيل ۾ وڌائون ۽ جيل ۾ مان ۽ اياز هن سان ملڻ ويس تہ هنڪي مان هميشہ اڳي کان اڳرو ڏٺو. ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مان هن جو دوست بہ هيس تہ جڏهن بہ ڪا ڳڻتي تڪليف ٿيندي هيس تہ مونکي فون ڪندو هو. هڪڙي دفعي آيس، تڏهن هن جي پير جي آڱوٺي ۾ انفيڪشن ٿي پيو هو. انهيءَ وقت هن سان اها حالت تہ ١٠٧ بخار تنهن ڪانپوءِ شگر وڌي ويئي. تہ انهيءَ ڏينهن جڏهن مان هن سان مليس تہ مان ائين محسوس ڪيو تہ عزرائيل جو پاڇو هن جي مٿان آهي. مون هنکي چيو تہ ڪراچيءَ وڃ. ڪراچيءَ وڃي آڱوٺو ڪٽايائين پَيرَ جو، مونکي آيو ۽ چيائين ”ڏس عزرائيل کي آڱوٺو ڏئي آيس سو بہ پير جو“ تہ ايڏو بهادر هو. مان امرجليل کي ساڻ ڪري هن سان ملڻ آيس، هن جي وفات کان هفتو کن اڳ ۾، تڏهن حالت اها هئي جو هن جي دل صفا ڪم ڪرڻ کان جواب ڏئي وئي هئي ۽ ہ قدم بہ پنڌ نہ ڪري سگهندو هو، هڪڙي جاءِ تي ويٺو هوندو هو. مان ۽ جليل جڏهن اندر آياسي هن جي ڪمري ۾ تہ انهيءَ وقت بہ هن ڪو ڪتاب ترجمو پئي ڪيو. انهيءَ حالت ۾ بہ هن چاهيو پئي تہ زندگيءَ جي هڪڙي هڪڙي گهڙي مان سجائي ڪيان. منهنجي خيال ۾ رشيد ڀٽي هڪڙو ماڊل هئڻ گهرجي سنڌي اديب جي لاءِ تہ ڪيئن پنهنجي ضمير کي قائم رکي ۽ ڪيئن مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجي قوم کي ڏي، ڪنٽريبيوٽ ڪري. هن کي قوم ڇا ڏنو؟ جيل، مصيبتون، تڪليفون. پر رشيد ڀٽي پڇاڙيءَ تائين قوم کي ڏيندو رهيو، مون سنڌ جي هڪ وڏي آرٽسٽ کي چيو تہ ”تون ڪم ڇو نہ ٿو ڪرين؟ ڪجهہ پينٽنگون وغيره ٺاهہ“. چيائين ”سنڌ اسانکي ڇا ڏيندي.“ تہ اهو نہ سوچيو تہ سنڌ اسانکي ڇا

ڏيندي، پر رشيد وانگر اهو سوچيو تہ اسان سنڌ کي ڇا ڏنو آ.مونکي افسوس آ تہ اڄ جو نوجوان جڏهن يونيورسٽيءَ مان نڪري ٿو تہ چوي ٿو: "مونکي سترهين گريڊ جي نوڪري کپي، سائين مونکي ڪسٽم ۾ نوڪري وٺائي ڏيو، سائين مونکي پوليس ۾ صوبيداري وٺرائي ڏيو." ائينءَ نہ تہ بابا اوهان پنهنجيءَ وانگر ٥٥ سالن جي عمر تائين سنڌ کي ڏيندا رهو، جڏهن توهان هڪ دفعو ائين ڪيو تہ توهان جي ايندڙ نسل کي سنڌ ڏيندي. توهان کي نہ ڏيندي. اهو دور اسانجي حياتيءَ ۾ نہ ايندو جو سنڌ ڪجهہ ڏئي سگهڻ جهڙي ٿي سگهي، ها البتہ جيڪڏهن هڪڙي اسانجي نسل پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪئي تہ پوءِ ممڪن آ تہ سنڌ اسانجي ايندڙ نسل کي ڏي. تنهن ڪري وقت نہ وڃايو، رشيد پنهنجيءَ ڪان سبق سکو. رشيد کي سياسي ڪارڪن بہ هڪڙو ماڊل سمجهن. جيئن تہ اسان انهيءَ چڪر ۾ ١٩٥٣ع کان پياسين تہ اهو زمانو اهڙو هو جو "سنڌڙي تنهنجو نانءُ وٺو ڪاريهر تي پير پيو" وادي مهراڻ سڏيندا ها سنڌ کي. "حيدرآباد سنڌ" لکڻ تي بہ اعتراض ڪندا هئا تہ "حيدرآباد سنڌ" نہ لکو، حيدرآباد رکو لکو يا "حيدرآباد پاڪ". سنڌ ٿا لکو تہ پليت ٿي پوندو. تہ انهيءَ عرصي ۾ مختلف دوست هوندا ها، مختلف خيال هوندا ها. اسانجا ليفٽيسٽ دوست جن سان اسانجا ويجها رستا بہ ها پر سنڌ جي مسئلي تي ڪجهہ گڙ ٻڙ ٿي ڪيائون، ڪو ٺهراءُ پاس ڪيئون تہ مخالفت ڪن تہ "هاري مزدور ڪا چڪر چل جائي گا، لساني ڪشمڪش ٿي ويندي، هنئين ٿي ويندو هونءَ ٿي ويندو." تہ رشيد انهن کي صاف، سڌو ۽ ڪليل لفظن ۾ چوندو هو "توهان چمچا آهيو، توهان بدمعاش آهيو، توهان منافق آهيو." بہ ماڻهو هوندا ها سڄي سنڌ ۾ هڪڙو رشيد پنهنجي ۽ ٻيو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، جيڪي انهيءَ مسئلي تي هڪڙو اصول ٺاهي

وينا تہ جيڪو سنڌ جو دشمن آ اهو ترقي پسند ٿي نٿو سگهي. ۽ ٻيو وري هي جيڪي اسانجا رجعت پسند مُلان فتوائون ڏيندا ها تہ رشيد انهن کي بہ چئي ڏيندو هو ڪُلر ڪلا. اسان هن کي چوندا ها سون تہ بابا ڪجهہ خيال ڪر آخر رهڻو آ اسانکي انهن سان، پلا گاريون تہ نہ ڏين. جيڪي چوڻو آ اهو لڪائي چئو يا رومال ۾ ويڙهي هڻُ. پر پاڻ چوندو هو ڳالهہ ڪبي سڌي سنئين، نہ تہ توروئي سڌرندا هي." اصل لکڻ ۾ بہ ائينءَ. جيڪو لکيائين "سنڌي ادب ۾ مارشل لاءَ" يا "جديد سنڌي لغات" تہ: "دُکو دماغ، پاڻ ٻُچان برابر سردار علي شاهہ." اڙي بابا ائينءَ تہ نہ لک. هاڻي وري ڇا ٿيو آ تہ انهيءَ سردار علي شاهہ جي اخبار "مهراڻ" ۾ اهي لفظ هڪڙي خبر ۾ لکيا آهن. جيڪا اخبار اسانکي روز گاريون ڏيندي هئي. تہ ائينءَ هوندر هو تہ ڪڏهن بہ رک رکاءُ نہ ڪيائين ٻيو وري هن جي طبيعت جو عجيب رجحان اوهان کي ٻڌايان. هي فوٽا ڇپيا آهن "المينار" ۾ رشيد جا تہ هاڻي هڪڙي فوٽو ۾ ڏسو تہ ڏاڙهي مڇون ٻئي ڇٽ، ٻي فوٽو ۾ ڏاڙهي ڇٽ مڇون اٿس، ۽ ٽئين فوٽو ۾ ڏاڙهي بہ اٿس، مڇون بہ اٿس تہ اهي هن جا رنگ هوندا ها. ڇئونس تہ اڙي بابا ائينءَ ڇو ٿو ڪرين. چوندو تہ، اهو دشمن تي داغ آ جو ڏاڙهي رکيون ٿو گهمان. هتانجو لنگهندو آهيان ٿاور وٽان ۽ هنيئن جو هٽ لاهيندو آهيان ڏاڙهيءَ کي تہ فلاڻا فلاڻا سڙندا آهن.

مارشل لا لڳندي هئي تہ وري ڏندي ڪٽندو هو. اڙي بابا هيءَ ڏندي ڇوڪنئي اٿئي. چوندو "هي دشمن تي داغ آ، هو ميجر ٻيجر ڪٽن ٿا باقي اسان نہ ڪٽئون! اسان هنن کان گهٽ آهيون ڇا؟" تہ اها هئي شخصيت رشيد ڀٽيءَ جي. تہ مان اوهان کي ٻڌايو تہ مان رشيد ڀٽيءَ کي عزرائيل سان Face to face (منهان منهن) ڏٺو. پر عزرائيل کي بہ جيڪو آڱوٺو ڏئي ويچي، اهو ڪيڏو نہ

بهادر هوندو.

منهنجي خيال ۾ اڄ جيڪي ڳالهيون ٿيون آهن، تہ ڳالهہ ڪرڻ چڱائيءَ جي، اهو بہ هڪڙو عمل آ. اسان جا ڪجهہ دوست ان خيال جا آهن تہ هتي ويهڻ سان ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو ٿئي. تہ ڳالهہ ڪرڻ ڪنهن جون چڱايون ڳالهائڻ، انهن کي ڳائڻ ۽ انهن کي ٻڌڻ اهو سچو ثواب جو ڪم آ. مونکي ياد آ تہ هڪڙي پيري علامہ آءِ. آءِ قاضي پنهنجي تقرير پئي ڪئي انهيءَ وقت بانگ آئي تہ يونيورسٽيءَ جا ڪجهہ پروفيسر نماز لاءِ اٿيا، اجان اوستائين پهتائي نہ تہ علامہ چيو:"Look at those fools, they are going for prayer, as if this is not prayer.?"

(انهن بي وقوفن ڏانهن ڏسو، هو عبادت ڪرڻ ٿا وڃن. ڇڻ هيءَ عبادت ڪونهي.) تہ، رشيد ڀٽي تي ڳالهائڻ، يا رشيد ڀٽيءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ عبادت آهي. منهنجي نوجوانن کي اها گذارش آهي تہ هو رشيد ڀٽيءَ جي زندگيءَ مان اهو سبق سکن تہ اسان سنڌ کي ڇا ڏنو آ، اهو نہ تہ اسانکي سنڌ ڇا ڏنئي. هڪڙو نسل اوهانجو اها قرباني ڏئي تہ توهان جي سنڌ ايندڙ صدين تائين محفوظ ٿي ويندي، ڪوبہ ڪالاباغ ڊئم نہ ٺاهيندو، ڪي بہ بهاري نہ ايندا، رڳو هڪڙو نسل توهانجو قرباني ڏئي. مان توهانکي پڪ ٿو ڏيان ۽ اها منهنجي ڳالهہ لکي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن هن تي اعتبار نہ اچيو تہ ڪري ڏيکاريو.

توهان جي وڏي مهرباني!

(رشيد ڀٽيءَ جي پهرينءَ ورسيءَ تي ڪيل تقرير)

نسيم احمد ڪرل

شڪل شبيهہ، قد بت ۾ بيهڪ ۾ جهڙو ملهہ. اصل شير مير بحر جو جٽ ٿو لڳي، رڳو ڏڳهن شهپرن جي ڪسر آهي. عادتن، اطوارن ۽ طور طريقن ۾ سنڌ جو وڏيرو. ڪير ڏسندس، تہ پيو سڀ ڪجهہ سمجهندس، پر اديب يا ڪهاڻيڪار ڏي ڪنهنجو بہ گمان نہ ويندو. شڪل شبيهہ ۽ قد بت جي ڪري هوند پار هن ڪان ڏجي پڇي وڃن، پر جي ڪو پار هڪ دفعو ويجهو آيس، تہ پيار سان اهڙو هيرائي وجهندس، جو وتندو: "چاچانسيم، چاچانسيم ڪندو."

ڪاڻڻ جو بہ مڙس ماڻهو تہ کارائڻ جو بہ مڙس ماڻهو. ڪهڙي بہ دعوت هوندي تہ ڏونگو اڳم سيري، پنهنجي پليٽ ۾ خالي ڪندو ۽ جي دعوت ڪندو، تہ اهڙي جو ڪائڻ وارا ڏينهن تائين پيا سندس لذيذ ۽ نفيس کاڌي کي ياد ڪندا ۽ چسڪا وٺندا، پر ڪندو دعوت چئي چماهيءَ.

نسيم ۽ نفاست اهو ڪوڙو لڳڻ تہ نہ ڪپي، مان پاڻ حيران ٿيس، جڏهن ڏٺم تہ ٿلهي قد بت وارو نسيم، هر معاملي ۾ ايڏو نفاست پسند آهي، جو عجب ويٺو وجي. سندس هڪ هڪ شي چونڊ هوندي. ڇا فرنيچر، ڇا ڪپڙا، ڇا ڪراڪري، چانهہ پيئندو تہ ڪنهن سهڻي ۽ نفيس ڪوپ ۾ نہ تہ چانهہ نہ وٺندس. جي ڪتاب وٺندو تہ اهڙي ريت رکندو، ڄڻ پڙهيو ئي ڪونہ اٿس. مجال آهي جو ڪتاب تي داغ لڳي، يا ڪتان ڪو ڪتاب ڇپو

ٿئي. مان پاڻ کي بہ ان معاملي ۾ گهٽ سمجهندو آهيان، پر هي يار مون کان بہ ٽپي ويو. شايد انکري جو زمينداريءَ ۾ واندڪائي گهٽي اٿس.

ڪهاڻيون لکندو آهي، اهو گمان نہ، پر پڪ ياٿجو. پهرياڻين مان بہ نسيم کي ڇوڪري سمجهندو هوس، پر اٿين نہ سمجهو تہ ڪو سندس ڪهاڻيون پڙهي، ٻين اديبن وانگر ساڻس رومانوي لکپڙهہ شروع ڪيم. پاڻيندو هوس تہ ڇوڪري آهي ٻلي لکي. ٻلي ڇوڪرين ۾ اهو چاهہ پيدا ٿئي.

جڏهن "روح رهاڻ" ۾ هن جو "ادبي ٽوڪون" پڙهيم، هر اديب تي طنز نہ، پر اجائي طنز هئي، ويتر جو پڙهيم تہ، "توکي ڪهڙي اديبہ وڻي؟" ۾ مون ڏنڊڙا ڪڍي چيو، "فلاڻي." تہ باهہ وٺي ويم. اهڙو هلڪڙو ليکڪ، وڏيڪ ڪاوڙ حميد تي آئي، جنهن اهو مضمون ڇپيو هو.

ان ڪان اڳہ منهن جي دلبر دوست رباني‌ءَ ساڻ ادبي ڏي وٺ ٿي هيس. ادبي ڏي وٺ چڱي ڳالهہ آهي، پر هن بہ ڳالهہ کي ڪجهہ ڪسائيءَ سان ڪيو تہ ربانيءَ بہ ان کي دليئون ورتو، ٻئي هڪ ٻئي جي خلاف ٿي ويا. اها چڱي ڳالهہ نہ هئي. اجان تائين ٻئي ڪجهہ پاسيرا آهن، سال گذريا، پر ڳالهہ آئي وئي نہ ٿي. اوچتو سچل جي ميلي تي ١٩٦٣ع ۾ هادي بخش لاڙڪ هن سان ملايو. ڏٺم تہ ڇهہ فٽو جانٺو جوان. سوچيم: "مارا! هنکي ڇوڪري پئي سمجهيم." چيائين، "ڏاڍي ڪم ۾ آهيون، وري ملئون ٿا." پوءِ جو گم ٿيو تہ وري نظر نہ آيو. لاڙڪ مرڪي چيو: ڪم "ڪار ڪوبہ ڪونہ ڪندو آهي، هيءُ رڳو رعب رکندو آهي." ٿيو بہ ائين، ادبي ڪانفرنس جو سڄو ڪم لاڙڪ ۽ ٻين دوستن پئي ڪيو، ۽ نسيم ڪانفرنس شروع ٿيڻ وقت ٺهي ٺڪي ائين اچي ويٺو، جيئن تہ سمورو ڪم ڪار پاڻ ڪيو هجائين.

ڪراچيءَ ۾ پيرحسام الدين راشديءَ وٽ ويٺو هوس. ادبي ڳالهه ٻولهه ڪندي، پيرحسام الدين صاحب نسيم جي ڪنهن ڪهاڻيءَ جي تعريف ڪئي، ٻانيم: پيرصاحب تاريخ نويس، شايد ڪهاڻيءَ جي پوري خبر نه اٿس، پر جڏهن خيرپور ۾ ادبي سنگت جون ڪچهريون متيون ۽ اتي نسيم پنهنجي ڪهاڻي "ڪافر" پڙهي ته نڪاءُ نڪري ويم. پيرصاحب جي افسانه شناسي ۽ نسيم جي افسانه نويسي هڪ وقت ٻنهي جو قائل ٿي ويس. ان کان پوءِ نسيم ڪهاڻيون آڻيندو ويو. هونءَ مهينن جا مهينا گم، دگ پند تي مليو ته خوش خير عافيت ڪبي. چئبو، "ڏاڍي ڪم ۾ آهيون." پر جي اوچتو فون جي گهنٽي وڳي، ۽ هن پاسي نسيم ڳالهايو، ته پڪ سمجهندس ته ڪهاڻي لکي اٿائين. هر دفعي ائين ٿيو آهي. پوءِ هو ڪهاڻيءَ سوڊو جيپ ڪاهي، ايندو سڌو مون وٽ. چانهه به پيئندو، پر سٺي چانهه، ۽ نفيس ڪوپ ۾. هڪ وقت به ڪوپ ۽ ڪهاڻي به ٻڌائيندو. هڪ ٻئي پٺيان چڱيءَ وقت جي وٿيءَ سان ڪي ئي ڪهاڻيون لکيائين.

سندس اباڻو ڳوٺ ڪڇي ۾ آهي، جتي نئين تهذيب يافته سوسائٽيءَ جو پاڇو ئي ڪونهي، جتي جي ٻولي نج، ماڻهو نج، ڪير مکڻ نج، اتي هن ٻوليءَ ۽ ڪردارن جو وڏو پندار هٿ ڪيو آهي. وڏيرا، صوبيدار، اوڏ، چور، اهي سندس ڪهاڻين جا ڪردار آهن.

انهن ڪردارن جي واتان ٻولي ۽ مڪالما اهڙا ته حقيقي ۽ جنسي ٿو چورائي، جو اڄ تائين سواءِ جمال ابڙي، رباني يا عبدالقادر جوڻيجي جي، ڪنهن به اهڙي فنڪاريءَ سان نه پيش ڪيا آهن.

تازي مجموعي ۾ "پهرين مراد" هن جي چوٽ جي ڪهاڻي آهي. چوراڻا اصطلاح، چوراڻيون رويتون، ريتون رسمون ۽ سندن پنهنجا

Ethics. اها خبر سنڌ جي عام ماڻهوءَ کي خير ڪا هوندي تہ اهي مهانڊا پنهنجي ليکي پنهنجا قدر (Values) تہ رکن ٿا ۽ انهن کان ڦري وڃڻ هنن ۾ نامناسب آهي ۽ بداخلاقي تي ليکي وڃي.

ڪي ڪهاڻيون، جديد سوسائٽيءَ جي پوري ۽ مصنوعي ماحول تي پڻ لکيون اٿائين. انهن ۾ وڏن ماڻهن جي مصنوعي حياتي، ۽ سندن اخلاقي پستيءَ جو سهڻو نقشو چٽيو اٿائين. نسيم هڪ پاسي ٻهراڙيءَ جي سماج جي اونهاين تي وڃيو پهچي تہ ٻئي پاسي وري ڪاموري شاهي (Beaurocracy) جي اندر ۾ ليئو پائي. ٻئي سماج هڪ ٻئي کان پري، پر تڏهن بہ ٻنهي جي ٿهڪندڙ تصوير چٽڻ ۾ هيءُ ڪمال ڪيو ڇڏي.

شايد وچيري ڪلاس جو هيءُ پهريون ليکڪ آهي، جيڪو پنهنجي ڪلاس جي خامين ۽ ڪمزورين کان شعوري طور ۽ پوريءَ ريت واقف آهي، ۽ ان کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ کُلي طرح پيش ڪيو اٿائين.

عابده پروين

سنڌي موسيقي، هر موسيقيءَ وانگر، لوڪ گيتن سان شروع ٿي. لوڪ گيتن جي موسيقي، سادي ۽ سنئين سڌي آهي. ان ۾ ڪوبہ تصنع يا ڪوبہ سينگار ڪونہ آهي. اها غار جي دور جي انسان جي تصوير وانگر آهي جنهن ۾ رڳو خاڪا آهن، ۽ تفصيل آهي ئي ڪونہ. سنڌي موسيقيءَ ۾، اڄاتائين لوڪ گيتن جون ڪي مصراعون ڳايون ٿيون وڃن، جن ۾ رڳو ٻہ، ٽي، يا چار سُر لڳن ٿا.

انهن بنيادن تي، سنڌي موسيقيءَ جي تعمير ٿي، ۽ ارتقا ڪندي اڄ جي موجوده صورت ورتائين. هندوپاڪ جي ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي برعڪس، سنڌي موسيقيءَ کي مذهبي ادارن، ۽ حڪومتن جي سرپرستي حاصل نہ رهي. درٻاري موسيقار، سنڌ جي تاريخ ۾ ذري گهٽ اڻ لڀ آهن. هندوپاڪ جي ڪلاسيڪي موسيقيءَ کي اُڀرڻ لاءِ درٻارن ۽ مندرن جو سهارو مليو، انڪري ان جي ارتقا گهڻو ڪري وڏن شهرن ۾ ٿي. سنڌي موسيقي، درٻارن، مذهبي ادارن، ۽ وڏن شهرن کان پري، ٻهراڙين ۾ نپجندي رهي، انڪري اها ٻهراڙيءَ جي ماحول وانگر خالص، سادي، غير متڪلف، ۽ سڀاجهي رهي. سنڌي موسيقي، پنهنجي فطرت ۾ سادي، ۽ پنهنجي آهنگ ۾ سهڻي آهي.

ان کان پوءِ وقت آيو، جو سنڌ جي عظيم صوفي شاعرن، موسيقيءَ کي خدا ۽ انسان جي وچ ۾ وسيلو سمجهيو، ۽ جهوڪ،

بلڙي، پٽ شاهه، درازا، ۽ روهڙيءَ ۽ ٻين مرڪزن تي صوفياٹيءَ موسيقيءَ جا مڪتبهء فڪر شروع ٿيا، جن جو انداز گهڻو ڪري رندي ۽ ڪورس جو هو.

انهن سڀني مرڪزن تي، عورت شنجر ممنوع هئي، سماجي ۽ مذهبي ماحول جي سببان، عورت کي اسانجي مردانين محفلن کان ٻاهر رکيو ويندو هو. تنهن هوندي بہ عورتون، موسيقيءَ جي اُڃ، شادين ۽ ٻين ڪاڄن تي ڳيچ ۽ سهرا ڳائي اجهائيندي يون رهيون. اهڙن محفلن ۾ مردن کي اچڻ جي منع هئي.

اسانجي موسيقيءَ جي ارتقا جي شروعاتي دور ۾، مرد ۽ عورتون جون بہ پورو چوٽ (Parallel) پٽڙيون هيون، جن جو ملڻ ناممڪن پئي لڳو. صوفياٹين محفل ۾ بہ عورت کي شامل نہ ڪيو ويو، جيتوٹيڪ صوفي، وڏيڪ ڪليل دل جا هئا، ۽ قدامت پرستن جي تنقيد جو نشانو پڻ.

سچل سرمست وٹ، سنڌيءَ جي رندانہ موسيقيءَ جي چوٽ تي. اها موسيقي، عرفان ۽ وجداني ڪيفيت جو والهانہ اظهار هئي. سنڌي ڪافيءَ جي شروعات ٿي، ۽ ان ۾ پڻ سادگي برقرار رکي ويئي.

ساڳين ليڪن تي هلندي هلندي، سنڌي موسيقي يڪسانيت جو شڪار ٿيندي ويئي، ۽ ضروري ٿي پيو، تہ ان ۾ نئون روح ڦوڪجي، جيئن اها بدلجندڙ سماج سان ساٿ ڏيئي سگهي، انهن ماڻهن جي لاءِ پسند جي شي ٿي سگهي، جن ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو رچاءُ ٻڌو هو.

اهو سيڪجهہ تڏهن ٿيو، جڏهن ڪلاسيڪي گواليار گائڪي جو هڪڙو خاندان لڏي سنڌ ۾ آيو. شادي خان، گواليار اسڪول جو مشهور گويو، سنہ ١٨٣٠ع ۾ خيرپور ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو.

سندس پونئير مان، مراد علي خان ۽ بيبو خان ٿيا، جن ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان گڏ هن سرزمين تي مروج موسيقيءَ جو بہ اڀياس ڪيو ۽ ان جو اثر قبول ڪيو. هنن ڪافيءَ کي هڪ مختلف ۽ نئين انداز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. سچل سرمست جي دور کان وٺي، ڪافي جي گائڪي هڪ ڪَري ٿي رهي. استائيءَ کان پوءِ، هر انترو ساڳئي انداز ۾ ڳايو ويندو هو. هنن ٻن ماهر ڳائڻ هڪ نئون تجربو ڪيو، ۽ ڪافيءَ جي گائڪيءَ ۾ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو امتزاج ڪيائون. ان تجربي سان، سنڌي ڪافيءَ جي گائڪيءَ ۾ وڏيڪ وسعت آئي ۽ رچاءُ پيدا ٿيو.

استاد الهڏني نوناريءَ، استاد عاشق علي خان کان ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي سکيا حاصل ڪئي، ۽ پئي، شاگرد ۽ استاد ڪلاسيڪي رنگ ۾ سنڌي ڪافي ڳائڻ لڳا.

گائڪيءَ جو هيءُ انداز، تڏهن عروج تي پهتو، جڏهن استاد منظور علي خان اُن کي اختيار ڪيو. هن نہ نقط ان انداز کي قائم رکيو، پر ڪيترائي نوان تجربا ڪري، ان ۾ وڏيڪ ندرت ۽ نکار پيدا ڪيائين، ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳائي، ان کي عوام ۾ مقبول ڪيائين، ۽ ان جون پاڙون پختيون ڪيائين.

اهو پس منظر هو، جنهن مان عابده پروين اڀري. جڏهن هن اکيون کوليون تہ نہ نقط هيءَ ڪلاسيڪي ڪافي رنگ جي امتزاج واري موسيقي فضائن ۾ هئي، پر پنگت ڪنور جي ڀڳتي انداز، ماسٽر چندر جي ان وقت جي "پاپ ميوزڪ"، هلڪا ٿوڙي نيم ڪلاسيڪي فلمي گانا، ۽ اردو غزل جو خاص ۽ منفرد انداز فضا ۾ گونجي رهيا هئا.

هن کي سريلو ۽ سونهري آواز، قدرتي ذات طور مليو. ۽ موسيقيءَ جو ماحول، گهر ۾ ئي موجود هيس. سندس والد ماسٽر

غلام حيدر موسيقيءَ جو اسڪول هلائيندو هو، ۽ سندس والده، مائي ممتاز بيگم هڪ سٺي فنڪار هئي. عابده پروين، لاڙڪاڻي ۾ سنه ١٩٥٦ع ۾ ڄائي. خيرپور، مٽياري، ۽ سکر مان لڏيندي، آخر حيدرآباد ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائين.

هن کي والدين جي طرفان، ننڍي هوندي کان ئي موسيقيءَ جي سٺي تعليم ملي.

١٩٧٣ع کان هن حيدرآباد ريڊيو تان ڳائڻ شروع ڪيو، ۽ ميدان ماري ورتائين. سندس پهريون مقبول نغمو هو مولانا عبدالغفور همايونيءَ جو هيءُ ڪلام:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا،
زندان هزارين مان نه رکو.

هن کان اڳ، اهو ڪلام، سنڌيءَ جي ذري گهٽ هر ڳائڻي ڳايو هو، پر عابده جو انداز نرالو هو. ٻڌندڙ دم بخود ٿي ويندا هئا. هن ان ڪلام کي وڏيڪ خوبصورت بنايو. ان ۾ ڪلاسيڪي انداز جي ملاوٽ ڪيائين. اهي مصرعا، جيڪي هن کان اڳ سڌا سنوان ڳايا ويندا هئا، انهن ۾ مينڊن ۽ مرڪين جو ميلاپ ڪري، انهن ۾ ڪشش پيدا ڪيائين. آلاپ جي ڪري، ان ڪلام ۾ نکار ۽ وسعت پيدا ٿي وئي. ان ڪري ان ساڳي ڪلام جو تاثر ئي ٻيو ٿي ويو.

هوءَ ساڳي انداز ۾ ڳائيندي رهي، ۽ هڪ ٻي مقبول عام ڪافي ڳايائين. اها هئي صاحب ڏني جي ڪافي:

من گهرئي مشتاق سان،
جيئري جدايون ڪيم ڪر.

هن انهن تجربن کي جاري رکندي شاهه لطيف، سچل سرمست، خواجه غلام فريد، بلها شاهه ۽ ٻين جا ڪلام ڳايا ۽ ڏينهون ڏينهن مقبوليت حاصل ڪندي رهي.

هن سنڌي ۽ سرائڪيءَ جي گهڻن ۽ مشهور شاعرن کي ڳايو آهي. هن انهن ڪلاسيڪي شاعرن کي بہ ڳايو آهي، جن جي ڪلام تي ڪنهن بہ مشهور ڳائڻي جي نظر نہ پئي آهي. جيئن خليفو نبي بخش قاسم.

سندس ڪلام جي چونڊ عاليشان آهي. هن جي نظر ۾ ڪلام ۾ شاعرانيون خوبيون هجڻ گهرجن، معنيٰ خيز ۽ اونهو هجي. هلڪو ۽ بازاري نہ هجي. ڳائڻ وقت، هوءَ هر لفظ ۾ جان وجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ ادائگيءَ وقت، ان لفظ جي مفهوم کي موسيقيءَ ۾ ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. هوءَ شاعري جي جذبن کي سُرن جي رنگ ۾ آڻيندي آهي. هوءَ اڪيلي ڳائڻي آهي، جنهن لطيف، سچل، بلهي شاهہ، فريد، نبي بخش قاسم، خيرمحمد هيسباڻي، شاهہ نصير سانگي، پدڙي فقير، ۽ ٻين گهڻن ئي ڪلاسيڪي شاعرن کي ڳايو آهي.

هوءَ اُچارن جي چٽني ۽ صحيح هجڻ تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندي آهي. ورلي ڪو اهڙو فنڪار هوندو، جنهن جا اُچار چٽا ۽ صيح هوندا.

هن جي شادي، موسيقيءَ جي مشهور ماهر شيخ غلام حسين سان ٿي.شيخ غلام حسين جي ساٿ، سندس فن کي وڌيڪ جلابخشي ۽ ان ۾ رچاءُ آندو.

عابده پروين سنڌي غزل ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي. هن سنڌي غزل کي سينگاري ۽ سنواري، انکي لطافت ۽ نزاڪت بخشي آهي. هوءَ جديد توڙي ڪلاسيڪي شاعري، ساڳيءَ آسانيءَ سان ڳائي ٿي سگهي. هوءَ سنڌي روايتي سازن ، توڙي ڪمپوز ٿيل موسيقيءَ تي ساڳيءَ ئي مهارت سان ڳائي سگهندي آهي.

هن گيت ڳائڻ تي طبع آزمائي آهي، پر منهنجي راءِ ۾ سندس انداز ۽ آواز گيت ۽ هلڪيءَ موسيقيءَ لاءِ نہ آهن.

تمام ٹورن ماٹهن کي خبر آهي، تہ هوءَ بهترين انداز ۾ ٺمري بہ ڳائيندي آهي، پر اهو فقط محدود محفلن ۾.

استاد منظور علي خان کان پوءِ، هوءَ پهرين فنڪار آهي، جيڪا ڳائڻ دوران اهڙي تہ وڻندڙ انداز ۾ سرگم ڪندي آهي، ۽ اهڙا تہ خوبصورت پلٽا هڻندي آهي، جو ٻڌندڙ داد ڏيڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن.

راڳي، سورٺ، ۽ پيروي ۽ ڳائڻ وقت، پيچيدہ ڪلاسيڪي گائڪيءَ سان هوءَ سادن سهاجهن لوڪ موسيقيءَ جي انگن کي اهڙيءَ تہ مهارت سان ملائيندي آهي، جو موسيقيءَ جا ٻہ مختلف انداز هڪ ئي تاجي پيٽي ۾ خوبصورتيءَ سان اُٽيل لڳندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن هوءَ اسٽيج تي تجربا ڪندي آهي، جيڪا ڳالهہ خطرناڪ آهي. ڪڏهن ڪڏهن، عوام جي فرمائش تي، هوءَ اهڙا ڪلام بہ ڳائيندي آهي، جيڪي شاعرانہ معيار جا نہ هوندا آهن. پر اجڪلهہ هن ايئن ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي.

عابده پروين جي مقبوليت جو راز آهي مسلسل تخليقي عمل. مون هن کي، هڪ هڪ ڪلام تي هفتا محنت ڪندي ڏٺو آهي. ان کي هوءَ مختلف طريقن سان ڳائيندي. ان جي هڪ هڪ باريڪ تفصيل کي ڌار ڌار انداز ۾ ڳائي ڏسندي، انهن مان هر مختلف انداز تي غور ڪندي. مشورو ڪندي ۽ جڏهن ڪو انگ پوريءَ ريت کپي ويو تہ ان کي اختيار ڪندي. اها ڳالهہ هر ڪلام جي ڌن (سر) ميندي، مرڪيءَ ۽ آلاپ سان لاڳو آهي.

تازو، هن منهنجي آڏو مفتون هايونيءَ، ۽ صاحب ڏني جا ڪلام ڳايا، جيڪي پندرهن سال اڳ ڳايا هيائين. پر هن دفعي ڳالهہ ئي ٻي هئي. انهن ڪلامن ۾ هن ايترين تہ ندرتون آنديون آهن، جو انهن ۾ وڌيڪ پختگي ۽ رچاءُ اچي ويو آهي. منهنجي خيال ۾ هڪ عظيم فنڪار لاءِ هر بلندي ڪنهن ٻيءَ بلنديءَ تي پهچڻ

لاءِ ڏاڪو آهي. اها سخت محنت، ۽ اها تخليقي قوت عابده پروين کي اچا بہ بلندين تي پهچائيندي.

هوءَ تنقيد جو نہ فقط مرڪندي آدرياءُ ڪندي آهي، پر ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي فن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش پڻ ڪندي آهي.

عام فنڪارن وٽ اها ڳالهہ آهي ئي ڪونہ. پر اها ڳالهہ پڻ فن جي بلندين تائين پهچڻ لاءِ ضروري آهي.

عابده پروين موسيقيءَ جي اونهاين ۾ ويندي آهي. سندس فن، نقاشيءَ وانگر ٻہ- پاسائون (Two Dimensional) نہ آهي، پر سنگتراشيءَ وانگر ٽہ- پاسائون(Three dimensioal)آهي. مصوريءَ ۾ رڳو هڪ زاويو ئي نظر ايندو آهي، پر سنگتراشيءَ جي فن جي خوبصورتي، هر زاويي کان ماڻي سگهجي ٿي. عابده، سنگتراشيءَ وانگر، سرن جا مختلف پهلو ڏيکاريندي آهي.

پيروي، جنهنکي ڳائڻ تمام آسان آهي، اها عابده پروين وٽ اچي صفا مختلف ٿيو وڃي. هوءَ، ان راڳ کي هر مختلف زاويي کان چيڙيندي آهي ۽ ان جي رنگن جا ڏار ڏار شيڊ (Shade) ڏيکاريندي آهي . مٿان کان هيٺ، هڪ پاسي کان ٻئي پاسي، ۽ مٿاڇري کان عميق اونهاين ۾.

عابده پروين جي فن کي ڏسندي ٻہ شعر دل تي تريو اچن، انهن مان هڪ وردس ورٿ جو آهي:

Blit he new comer, I have heard
I hear thee and rejoice
O Cuckoo shall I call thee bird,
Or but a wandering Voice.

ٻيو شعر شاهہ لطيف جو آهي:

رُڃن ۾ رڙ ٿي، تہ ڪر ڪوول جي ڪوڪ،
رلوڙو ۽ وُوڪ اِيءُ تان آهي عشق جو.

ڏاڏو شاهہ

۱۹٦۴ع ۾ خيرپور پهچڻ سان ٻن شين جي مشهوري ٻڌم، هتان جون اصيل ڪارڪون، ۽ ٻيو ڏاڏو شاهہ. ڪارڪن ۾ مِٺاج ضرورت کان وڌيڪ هو پر ڏاڏي شاهہ ۾ مِٺاج ۽ ڪڙاڻ جو توازن هو. ڪي چوندا هئا تہ ڏاڏو مٺو آهي جهڙو ماکي، ۽ ڪي چوندا هئا تہ ڏوهہ جهڙو ڪڙو آهي. ٻنهي پاسي انتها (Extreme) پر توازن ٻنهي جو هڪ جهڙو هو. مان منهجي پيس تہ هيءَ متنازع شخصيت آخر هوندي ڪهڙي طرح، جنهن کي جو چاهي، تہ هزار دلين سان ۽ جي ڪو ڌڪاري تہ بہ هزار دلين سان. "ڏاڏو دلبر دوست آهي." "ڏاڏو اڙدو آهي." "ڏاڏو مڙس ماڻهو آهي." "ڏاڏو اڙبنگ آهي." "ڏاڏو دل جو درياهہ آهي." "ڏاڏو ظالم آهي." اهي هئا ماڻهن جا رمارڪ، سوچيم تہ اِن همراه سان ملجي پر ايڏو سستو (Cheap) بہ نہ ٿيڻ گهريم جو ساميءَ تي وڃان.

قائم علي شاهہ سان ڪاليج جي زماني کان واقفيت هئي، ان جي ذريعي ملاقات ٿي، ڪنهن مريض جي علاج ۾، جاويد سئنيما جي ٻاهران. ايڏو تہ قرب وارو ڀاڪر پاتائين، جو ٻيءَ گهڙيءَ نہ هو اجنبي، نہ مان اجنبي - ٿهڪ - سي بہ وڏا ۽ بي ساختہ. جڻ دل مان نڪتا هجنس، انهن سان آجيان ڪيائين.

پوءِ ڏاڏي جي ڪا محفل نہ هئي، جتي مان نہ هجان. راڳ جو نہ فقط شوقين، پر ماهر. مون کي بہ راڳ سان ٿورو گهڻو شوق، جي ڪنهن راڳ جو ذڪر نڪرندو تہ ٽيبل کي طبلو ڪري،

ان راڳ کي آلاپيندو. پوءِ تانون هڻندو- پلٽا هڻندو- سرگم کندو- تان جو بلمپت کان درت تائين وڃي پهچندو. آواز ساٿ ڏئي يا نہ- کنگهي، نڙي صاف ڪري، وري ڪوشش ڪندو. فن جو چاهيندڙ هو. آسڪروائلڊ چيو آهي تہ "جنهن تي موسيقي اثر نہ ٿي ڪري ان جي انسان هجڻ ۾ مون کي شڪ آهي." جي ان چوڻيءَ تي اعتبار ڪجي تہ ڏاڏو نہ فقط انسان پر سپر انسان هو.

ڏاڏي جو پيار بہ انتها تي هو، تہ نفرت بہ انتها تي. ڪاوڙيو تہ ماءُ پيڻ کان شروع ڪندو ۽ پرچندو تہ بابا، سائين، لالا، مٺا سان مخاطب ٿيندو. سيني دوستن سان ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪٿي نہ ڪٿي ڪاوڙيو پر مون کي سندس ڪاوڙ ياد نہ آهي.

سندس خاص لفظ هو "يهودي". جنهن کي يهودي چيائين، سمجهو تہ سندس ساهہ ۾ سمايل آهي. وفات کان ٿورا ڏينهن اڳ مليو. شوڪت جماڻي ان عرصي ڏاڏي کان ڪجهہ پري پري هو، نياپو موڪليائينس تہ "ان يهوديءَ کي چئو تہ منهن تہ ڏيکاري." شوڪت جو يهوديءَ جو لفظ ٻڌو تہ ڪاوڙ ٿي ڪافور ٿي ويس.

مڙس ڏيا وارو هو. سنگت ۾ سر بہ حاضر، ۽ جي بگڙيو، تہ پنهنجي چوائيءَ ان جا لاهہ ڪڍي ڇڏيندو. ڪرڙو ٿيو، هر ڪو ڪاٿس ڪوءِ ڪائيندو، ڇو تہ منهن تي چوڻ کان ڪڏهن بہ نہ ڪتائيندو هو.

هڪ پيري، هڪ ڊپٽي ڪمشنر کي پري ڪورٽ ۾ "تنهنجي ماءُ" "تنهنجي پيڻ،" چوندي پيپر ويٽ وهائي ڪڍيائين. مٿس ڏکيا وقت آيا. خونن جا ڪيس ٿيا. آنيسرن جا دڙڪا مليا. پر ڏاڏو اهوئي ڏاڍو. نہ ڪڏهن ٿهڪ ڏيڻ کان وانجهو ٿيو، نہ ئي سندس ڏيا، رعب تاب ۾ فرق آيو. ساڳيا لاٽون ساڳيا چڳهہ.

دنيا بدلجي وڃي پر ڏاڏو نہ بدلجي. پئسي جو اصل دشمن. چار ڏوڪڙ هڙ ۾ ٿيا، تہ سنگت کي سڏبو، فونيون ٿينديون، ماٺهو پچندا، نياپا ويندا. اوري پري جا دوست يار گڏ ٿيندا. بوتلون اينديون ڪڪڙيون روسٽ ٿينديون، ڪونہ ڪو گويو يا فنڪار هوندو. راڳ ٿيندو ۽ ڏاڏو سڄي رات نہ ٿڪبو. ڪڏهن ڪڏهن فنڪار بدران دوستن کي ڏاڏي جو راڳ بہ ٻڌڻو پوندو هو.

ماٺهو "شاهہ خرچ" ٿيندا آهن پر ڏاڏو "شهنشاهہ خرچ" هو، ان ڪري سدائين قرض ۾ ورتل. ڪنهن کي قرض ڏيندو هو تہ موٽائي نہ وٺندو هو. ان ئي اصول تي جي ڏاڏو پاڻ ڪنهن کان قرض وٺندو هو تہ موٽائڻ مناسب نہ سمجهندو هو. اهڙوئي هڪ شخص مونوٽ آيو تہ مان ڪيس سفارش ڪيان تہ ڏاڏو سندس قرض موٽائي. ڏاڏي وڏو ٺهڪ ڏيئي چيو، "لالا، ٻئي ڪنهن کي (ڳار) قرض موٽايو اٿم جو هي دل ۾ ٿو ڪري."

ڏاڏي جي رڳ رڳ ۾ راڳ هو. ان باري ۾ سندس فني باريڪين جي ڄاڻ سنڌ جي تمام ٿورن ماڻهن وٽ هوندي. ان ڪري هو راڳ جي معاملي ۾ بدذوقي هرگز برداشت نہ ڪندو هو. سنڌ جا توڙي ورهاڱي کان اڳ هند جا مشهور ۽ مکيہ ڳائڻا سندس آڏو ڳائي چڪا هئا. ڏاڏي جي ان ذوق جي انتها جي خبر هيٺين ڳالهہ مان پوندي.

ڏاڏي ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي راڳ جي دستوري محفل ڪئي ۽ ان ۾ چند باذوق دوستن کي سڏيو. هڪ ڳائڻي ڏاڏي جي معيار تي پوري هئي، پر ٻڌندڙن ۾ ايڏو ذوق نہ هو جو هو فني باريڪين کي سمجهي سگهن ۽ کيس داد ڏين. ان کانپوءِ ٻي ڳائڻي آئي جيڪا ڏاڏي جي لاءِ قطعي طور گهٽ درجي جي هئي پر عام پسند جي هئي. محفل جي حاضرين مان ڪن ان کي

وڏيڪ دادا ڏنو. ان تي ڏاڏو باهہ ٿي ويو ۽ انهن کي محفل مان اٿاري ڇڏيائين. چيائين، ”فلاڻا فلاڻي جا پٽ، توهان کي کهڙي خبر راڳ جي.“

ڏاڏي جي هڪ سئنيما بہ آهي. هن انگريزي فلم هلائڻ شروع ڪئي تہ اسان کي فون تي دعوت ڏئي سڏائيندو هو تہ ”فرسٽ ڪلاس فلم اٿو، مارننگ شو تي ضرور اچجو.“ پوءِ دوست وچي پهچندا، قرب سان باڪس ۾ ويهاريندو. گهران بجليءَ جو پکو موڪليندو. ٿڌيون بوتلون موڪليندو ۽ فلم پوري ٿيڻ تي پاڻ ايندو ۽ راءِ پڇندو.

اسان اڳ ۾ ئي صلاح ڪري ڏاڏي کي چوندا اسين، ”ڏاڏا ردي فلم هئي تو اسان جو اجايو ٽائيم خراب ڪيو.“ پو تہ ڏاڏي جي حالت ڏسڻ وٽان هوندي هئي. چئي: ”سڏيون بہ، بوتلون بہ پياريون، پوءِ بہ فلم ردي هئي، مفت جي هئي نہ. جي پئسا پري ڏسو ها، تہ سٺي لڳيوَ ها.“

هڪ دفعي مون وٽ آيو تہ مون پارس کي (جيڪا ان وقت چئن پنجن سالن جي هئي) سمجهائي ڇڏيو. جيئن ڏاڏو اسان وٽ آيو تہ پارس چوڻ شروع ڪيو، ”چاچي جي سئنيما ڪني.“ ان تي ڏاڏي وڏا ٽهڪ ڏنا ۽ چيائين، ”چو نہ بابا، مفت جي سئنيما جو اٿو.“

فلم سان بہ ڏاڏي جو ڏاڍو لڳاءُ هو. فلم ايڪٽر زيبا، محمد علي، نورجهان الائي پيا کهڙا. ڏاڏو ساڻن ياري ضرور رکي. مانيون کارائين، گهمائين ڦيرائين. سندن ذاتي ڪم ڪري. هو بہ موٽ ۾ ڏاڏي کي اوترو ئي قرب ڏيندا هئا.

فلم ڏاهڻ جو شوق بہ ٿيس (مومل راڻو پئي ٺاهيائين). مون کي حڪم ٿيو تہ گانا لکان.

ميوزڪ ڊئريڪٽر سڏائي، رات جو محفل مچائي، ڏن

هارمونيم تي وڄائي چوندو هو، تہ لک ۽ ان ماحول ۾ منهنجي قلم بہ وهي ويو. گانا پورا ٿيا، رڪارڊ ٿيا. چي، هاڻي اسٽوري ۽ ڊائلاگ لک. مان سستي ڪرڻ لڳس، اوچتون فون ايندي، ڏاڏي جي طبيعت ڏاڍي خراب آهي، اچي ڏسي وڃينس، ۽ ٽڪرڙو ٽڪرڙو پهچندس، تہ ڏاڏو ٺهڪ ڏئي ملندو. ڪمري جو در بند ڪري، ڪاغذ قلم ڏئي چوندو: "اسٽوري لک" ۽ ائين شايد هفتي ٻن ۾ سڄو ڪم پورو ڪرايائين. پوءِ آيا ڊئريڪٽر، هڪڙو، ٻيو، ٽيون. هوٽلن ۾ ڪمرا رزرو، خدمتون چاڪريون، ڪم ڪجهہ بہ نہ. ڏاڏي ان فلم تي ايترو تہ خرچ ڪيو جو ٽي فلمون تہ واهہ جون ٺهي وڃن ها. هر ڊئريڪٽر اچي اسٽوري پڙهي، ائڊوانس وٺي، سيٽن لاءِ هدايتون ڏئي گم ٿي ويندو هو، وري ڏاڏو ٻئي ڊئريڪٽر جي تاڙ ۾.

فون ايندي: "فلاڻي تاريخ لاهور ۾ پهرين سيٽ تي شوٽنگ ٿيندي، تنهنجي هوائي جهاز ۾ سيٽ رکائي اٿم، تو ڪانسواءِ سيٽ تي نہ ويهبو. ضرور هلجانءِ." ۽ مان سامان ٻڌي وينو آهيان. ڏاڏو گم. هڪ دفعو . ٻيو دفعو. ٽيون دفعو. آخر مان بہ سمجهي ويس. ڏاڏو پروگرام ڏيندو هو تہ ان ڏينهن مان ڪونہ ڪو ٻيو پروگرام رکي ڇڏيندو هوس. ڏاڏي کي مومل راڻي جو ايڏو خفت هو، جو هر آئي وئي کي شروع ڪان جو اسٽوري ٻڌائڻ شروع ڪندو هو تہ آخر تائين ٻڌائي ويندو هو. اها بہ ائڪشن سان:

هاڻي راڻو اُٺي تي، مومل جي آڏو بيهي ٿو ۽ چوي ٿو "مومل." پوءِ مومل فلاڻو گانو چوي ٿي، پوءِ ٽيبل تي طبلو وڄائيندو سر سان شروع ٿي ويندو. "جيءَ کي ڏنئي جهوري." ڏاڏي شاهہ کي مومل راڻي جي اسٽوري، ڊائلاگن ۽ گانن سميت برزبان ياد ٿي وئي هئي.

مومل راڻي جي سلسلي ۾ ڏاڏي ائڪٽر بہ پرتي ڪيا هئا. اهو هڪ وڏو قصو آهي تہ هن هوٽل ۾ چار پنج ڪمرا رزرو ڪرايا.

ڊئريڪٽر، پاڻ ۽ مان انٽرويو وٺڻ وارا هئاسي، رڳو انٽرويو وٺڻ تي خرچ ان سستائيءَ جي زماني ۾ پندرهن ويهه هزار آيو. آخر ۾ هيرو هيروئن، جيڪي چونڊيا ويا، تن جي شادي نه مومل راڻي جي ڪلاسيڪي ڪهاڻي ۾ ممڪن هئي، نه ئي وري فلم اسڪرين تي، پر حقيقت ۾ انهيءَ "مومل" ۽ انهيءَ "راڻي" شادي ڪري ڇڏي ۽ فلم ۾ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيائون.

ڏاڏو ايترو ته فرئنڪ هو جو لکي ٿو سگهان. هر اها ڳالهه، جيڪا اسان توهان رڳو پنهنجي زال يا رازدان دوست سان ڪيون، سا پري ڪچهريءَ ۾ چئي ڏيندو هو. پنهنجي هجي يا پرائي، گهرو نازڪ مسئلو هجي، يا پنهنجي ڪنهن تازي عشق جو.

مون سان ته راز سليندو هو، اهي جيڪي سندس ان فرئنڪ ڪچهريءَ کان به اونهان هئا. آخر تائين حسن پرست هو. گوڏا ڪم ڪرڻ کان جواب ڏئي بيٺا، ته به همراهه جي دل جوان هئي. وجع مفاصل Rheumatisim سندس گوڏن تي به حملو ڪيو، پر سندس دل ۽ دماغ جو وار به ونگو ڪري نه سگهي. ڏاڏو سدا بهار، سدا جوان، شخصيت هو.

ڪي چون ٿا ته ڏاڏو، قائم علي شاهه جي ڪري ئي ٺهيو. اها اسان کي خبر آهي ته ڏاڏي جو سياست سان پري جو واسطو به نه هو. اليڪشنون وڙهيائين، جُيل مان به اليڪشن کٽيائين. سياست ۾ به آيو پر "سياسي جانور" نه هو. سڌو سنئون انسان هو. قائم علي شاهه وزير ٿيو ته به اهو ڏاڏو ۽ جي قائم علي شاهه لٽو ته به ڏاڏي شاهه جا ساڳيا رنگ ساڳيا روپ.

چياڻون ڪراچيءَ اسپتال داخل آهي Serious آهي. سوچيم ٻئي هفتي ڪراچيءَ وڃان ٿو، ملي ايندو مانس، مهلت ئي نه ڏنائين. هتي موٽي آيو بنا ساهه جي، بنا حياتيءَ جي. ماٺهو گڏ ٿيا. غريب، نادار، وڏا ماٺهو ٿورا، سي به مصلحتاً. پرويز ۽ جاويد

اوچنگارون ڏئي رنا. مون به سڏڪا روڪي ڪين چيو، "مڙس جا پٽ آهيو، مڙس ٿيو."

اجان به لڳي ٿو ته ڏاڏو، وارن بنا متي، سنهين ڪتريل مڇن، پيريل منهن، سنهڙن چپن ۽ موهيندڙ مرڪ سان مون ڏي نهاري چوي ٿو:

"يهودي ڪاتي آهين، ملين ئي ڪونه ٿو."
پلا، پڏايو ته مان ساٽس ڪيئن ملان!

مائٽ لعل

١٩٦٣ع جي آخر ۾ خيرپور اچي وَسايم. هتي ڪي ادبي دوست ئي نه مليا. حيدرآباد جهڙي ادبي مرڪز مان لڏي اچڻ ڪان پوءِ هتي جڻ سڄ پٽي نظر آئي. غياث جوٹيجو ممتاز ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿي آيو. ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ ايندو هئو ته ڪجهه ادبي اچ لهندي هئي، نه ته سکر وچي شيخ اياز، رشيد ڀٽيءَ ۽ فتاح ملڪ سان ڪچهري ڪري، ادبي اڄ جو بلو ڪبو هئو.

هڪ ڏينهن غياث مون وٽ هڪ سهاجهڙي، گهنڊي وارن ۽ ڍگهي وريل نڪ واري نوجوان کي وٺي آيو، ۽ واقفيت ڪرايائين، "هيءُ آهي مائٽ لعل محمد". ڳالهه ٻولهه ٿي. منڙو لهجو . وسيع ۽ ڪليل دماغ آزاد خيال. ادب جو سٺو اپياس. جديد ادب جو شوقين. جڻ جنهن ساٿيءَ لاءِ خيرپور ۾ ڀاڙيو وينو هيس اهو ملي ويو. غياث کي چيم، "ڪمال آهي. هيترا ڏينهن تو ههڙي دلبر ماڻهوءَ کي مون سان نه ملايو. هاٽي اها تنهنجي ڊيوٽي آهي. ته هن کي روز مون وٽ وٺي اچين."

غياث اها ڊيوٽي پوري ڪئي الائي نه، پر لعل سان ملڻ روزانو معمول ٿي ويو. هو پاڻ جي جوٹيجن مان هئو، جن سان اسانجي "انين پيڙهي اٺ جي ماڪوڙو ماسات" واري لِڄَ لڳي. انڪري پئي هڪ ٻئي کي "مائٽ" ڪري چوندا هياسين.

ان وقت جي خيرپور اجا "رياستي" ماحول جي اثر هيٺ هئي.

ماڻهو سرڪار جي مخالف ڪي ائين عجب مان ڏسندا هئا جڻ ڪو پولار مان ماڻهو آيو هجي. سياست ۾ جديد ادب منع ٿيل ميوو هئا. پر مائٽ لعل هر معاملي ۾ مون سان گڏ. ادبي سنگت جي تنظيم هجي، اياز جي ڪتاب تان بندش لاهڻ لاءِ مهم هجي. جشن روح رهاڻ هجي، يا سچل سرمست جي ورسي. هر معاملي ۾ مون سان گڏ. بلڪ مون کان بہ اڳتي. سيني ادبي دوستن جو لاڏلو ٿي پيو.

رشيد ڀٽي، رباني، فتاح، اياز، امداد، نياز همايوني، حميد سنڌي، الطاف سڀ دوست وٽن "مائٽ لعل" "مائٽ لعل" ڪندا. هيءُ بہ سيني کي وٽي "مائٽ" "مائٽ" ڪندو. تان جو الياس عشقي بہ جڏهن وچوس تہ پڇندو "مائٽ ڪهان هي."

روزانو صبح جو مونوٽ ايندو. منهنجي ٽيبل پرسان رکيل آرام ڪرسيءَ تي ويهندو. ڳالهيون ٻولهيون بہ هلنديون تہ مان مريض بہ ڏسندو ويندس. وزٽ تي ويٽو پوندو تہ ڪيس بہ ٽانگي تي وهاري وٺي ويندس. ايتري جدائي بہ نہ سهي سگهبي. اها ڪچهري اڌ رات تائين هلندي.

خيرپور ۾ هادي بخش لاڙڪ، مائٽ لعل، ۽ باقر شاهہ نہ ملن ها، تہ مان چِتو ٿي پوان ها.

۽ اهڙيءَ طرح، لعل اسانجي گهر جو ڀاتي ٿي ويو. قمر سان شادي ٿي. ٻاڀي امير، شاهد، ۽ ارشد (لعل جا پٽ) جيڪي ان وقت ٻار هئا، جڻ اسانجي ڪٽنب ۾ شامل ٿي ويا. اسانکي اجا ٻار نہ ڄائو هئو، انڪري ننڍڙن ٻارن جي سڪ لعل جي ٻارن مان لهندي هئي. ۽ لعل ۽ مان سڄو ڏينهن، ويندي اڌرات تائين گڏ هوندا هئاسين. ادب، سياست، ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ، جيئي سنڌ تحريڪ، ادبي سنگت، بزم صوفيائي سنڌ؛ سيني معاملن ۾ گڏ.

مائٽ لعل جي ڪري ئي، پاپيءَ امير جي پائرن سان تعلق ٿيو. جيڪو اڄ تائين قائم آهي. شوڪت جماڻي، اڄ تائين چڻ اسانجي گهر جو ڀاتي آهي. سندس ڀائر، نصير، مظهر ۽ لياقت، سندس پيڻ نسيم، سڀ چڻ پنهنجا آهن. لعل جا پنهنجا ڀائر، باز محمد، نظر محمد ۽ تاج محمد ڏاڍا پيارا آهن.

مائٽ لعل نہ فقط سچو سنڌ دوست هئو. پر هڪ پرخلوص ۽ خاموش ڪارڪن پڻ. سندس خدمتون اڻ ڄاتيون ۽ اڻ ڳاتيون رهجي ويون آهن جو هن کي شهرت جي شوق کان وڌيڪ سنڌ سان محبت هئي.

هن جي طبيعت ۾ ڏاڍي Sharpness هئي. اهڙو حاضر جواب هئو جو هر ماڻهوءَ کي لاجواب ڪري ڇڏيندو هئو. کلندو ۽ کلائيندو هئو. هڪ دفعي هڪ اردوءَ جي صحافيءَ ٺٺاڪ هڻندي تہ "ٻہ دفعا پير پاڳاري ڪار موڪلي تہ مون وٺان ٿي وڃ. مون ٻئي دفعا موٽائي ڇڏي." ان تي لعل محمد ٻانهون ٻڌي چيس تہ "منهنجو هڪڙو ڪم آهي. اهو تہ ڪرائي ڏي."

ان صحافي ڏاڍيءَ وڏائيءَ مان چيو تہ "ٻڌو ڪهڙو ڪم آهي." "مونکي فنانس منسٽري وٺي ڏي." لعل محمد سنجيدگيءَ مان چيو ۽ ان تي ويٺلن وڏا ٽهڪ ڏنا، ۽ ٺٺاڪي صحافي چپ ٿي ويو.

لعل جي اها کلمک فطرت سڄي عمر قائم رهي. گهڻو عرصو بيروزگار رهيو. عمر جي آخري حصي ۾ موتمار بيماريءَ جو شڪار ٿيو. پر کِلڻ ۽ کلائڻ جي پنڇر نہ ڇڏيائين.

هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ذاتي معاملن کي هميشہ اڻ گنڀير Non Serious ڪري ورتو، ۽ انهن کي ڪلي لنوائي ڇڏيندو هئو. بيروزگاري هجي، موتمار بيماري هجي، خانداني جهڳڙا هجن. انهن سيني معاملن ۾ هو ڪڏهن بہ سنجيدہ نہ ٿيو. پر جي ڪوبہ

قومي معاملو هوندو، سنڌ ۾ ان جي ماٺهن تي ڪا مصيبت آئي، تہ ماٺث لعل جي ننڊ ڦٽي پوندي. مونکي ياد آهي تہ اهڙن وقتن تي هن راتين جون راتيون اوجاڳو ڪيو.

خيرپور ۾ جنهن بئنڪ ۾ ملازم هئو، اها ڪُٽي پيئي. پاڻ بي روزگار ٿي ويو. برطانيہ ويو تہ اتان ڪا اڪائونٽنسي ۾ ڊگري وٺي اچي. اتي حالتون بہ ناسازگار رهيون، ۽ پاڻ بہ اڻ گنڀير هئو، (جيئن سندس خطن مان ظاهر آهي). انڪري ائين ٿي، بنا ڊگري وٺڻ جي موٽي آيو. برطانيہ ۾ سمورو وقت افراتفريءَ ۾ گذاريائين. اتي بہ ڪيس سنڌ جو ڏاڍو اونو هئو. (جيئن سندس خطن مان ظاهر آهي.) برطانيہ ۾ رهندڙ سنڌين ۾، لعل پهريون هيو، جنهن جيئي سنڌ تحريڪ کي برطانيہ ۾ شروع ڪيو. برطانيہ ۾ سندس وقت تنگدستيءَ ۾ گذريو. هٿ جو سخي هئو. شاهہ خرچ. دوستن يارن توڙي تحريڪ تي سڀ ڪجهہ لُٽائي ڇڏيائين. سڄي عمر سواءِ محبت جي ٻي موڙي نہ ڪمايائين. قرض ڇڏي ويو. سندس سالي، شوڪت جماڻيءَ سندس اولاد جي پرگهور لڌي، جيڪو هاڻي اچي پاڻ پرو ٿيو آهي.

ڪتابن سان عشق هيس. ڪو نئون ڪتاب بازار ۾ آيو ناهي، لعل خريد ڪيو ناهي. سنڌي هجي. اردو هجي، توڙي انگريزي. ۽ ڪتاب پڙهي بہ جلدي وٺندو. راتين جون راتيون جاڳندو ، پر ڪتاب پڙهي پورو ڪندو. نہ تہ اڻ تڻ ٿي پوندس. ڪتاب نہ رڳو پڙهندو هئو پر "هضم" بہ ڪندو هئو. سڄي عمر ڪتابن ۾ پڙهيل ڳالهين کي ياد رکيائين ۽ ڪنهن بہ وقت، گهڙي بہ ڪتاب تي بحث ڪري سگهندو هئو. اهڙو تيز ۽ ديرپا حافظو مون ٿورن ماڻهن ۾ ڏٺو.

ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ سانديندو ڪونہ. زوريءَ هِن هُن، تو مون کي ڏيندو تہ پڙهي ڏسو. ڏنائين تہ پوءِ موٽي مليس تہ واهہ نہ

تہ گھرندو بہ نہ.

برطانيہ کان موٽي آيو. وري بي روزگاري. خوشامد يا منٿ ميڙ ڪرڻ وارو هيءُ ڪونہ هئو. خودداري منجهس حد درجي جي هئي. وٽس پيار، محبت ۽ ذهن کان سواءِ ٻي ڪا وٿ ڪونہ هئي. پهريائين ٺيڪا ڪنيائين. ان ۾ ٺيڪيدارن واريون "اٽڪلون" ڪم نہ آڻي ڪري ڪامياب ٿي نہ سگهيو. ٽرانسپورٽ ۾ نوڪري ڪيائين. اتي ڪجهہ ڏينهن ٽڪاءُ ٿيس. پر هئو سڪيءَ پگهار تي.اسسٽنٽ مئنيجر.نہ رشوت نہ بي ايماني. مڇي مانيءَ ۽ اڇي ڪپڙي وارو گذر.

لعل پهريون اديي شخص هئو جيڪو حساب ڪتاب جو ماهر هئو. هونءَ تہ اديب ۽ ادب دوست حساب ڪتاب کان ونءُ ويندا آهن، ۽ حساب ڪتاب جا ماهر ادب کان. پر لعل ۾ ٻئي ڳالهيون هڪ وقت موجود هيون. ڪجهہ سال ضياءَ الله غلام عليءَ سان انڪم ٽئڪس جي پرئڪٽس پڻ ڪيائين، سيمابي طبيعت اتي بہ ٽڪاءُ ڪرڻ نہ ڏنس.

پيپلز پارٽي چڙهي، تہ قائم علي شاهہ وزير ٿيو. لاڙڪ هادي بخش ۽ قائم علي شاهہ، توڙي غوث علي شاهہ، ٽئي منهنجا ۽ لعل جا دوست هئا. سياست هنن کي الڳ ڪري ڇڏيو. هڪ پاسي لاڙڪ ۽ قائم علي شاهہ پيپلز پارٽيءَ ۾ تہ ٻئي طرف غوث علي شاهہ مسلم ليگ ۾. پر مائٽ لعل سڀني سان هڪ جهڙو. ڇو تہ هو پڪو قوم پرست هئو. هن لاءِ اهي ٻئي پارٽيون ڪا معنيٰ نہ رکنديون هيون. انڪري سياست لاءِ سنگت ڇڏڻ هن لاءِ اجايو هيو.

قائم علي شاهہ لعل کي پنهنجو Private Secretary ڪري رکيو. اهو زمانو هيو، جو لعل سياسي ميدان ۾ اپري ها، تہ الائي ڪٿي ڇيهہ ڪري ها. سندس ذهن، قابليت ۽ دانش هر وزير

ڪان گهٽو گهٽو اڳتي هئي. پر هن مصلحت پسنديءَ ڪان پري رهي، رڳو نوڪري ڪئي. سندس انگريزي ڊرافٽنگ ڪمال جي هئي، جنهن جي ڪري قائم علي شاهه جو گهڻو بار ڏرو تي ويو.

ان زماني ۾ هو ڪروڙ ٿاهي پئي سگهيو. پر نه زمين ٽڪرو، نه بنگلو، رڳو هڪ پلاٽ (جيڪو ملازمت دوران پوءِ بئنڪ ڪان قرض ڪٽي ورتائين، جنهن جون قسطون فوت ٿيڻ تائين به ادا نه ڪري سگهيو هيو.)

١٩٨٠ع ۾ مائٽ لعل کي هاضمي جي تڪليف شروع ٿي. جون ١٩٨١ع ۾ انگلنڊ وڃي آپريشن ڪرايائين. ڳڪيءَ Oesophagus ۾ ڪجهه خرابي هئي، ۽ رپورٽ آئي ته ڪئنسر نه آهي. آپريشن ڪرائي موٽي آيو. ڪجهه ڏينهن طبيعت بهتر هيس. ان ڪان پوءِ وري تڪليف شروع ٿيس. سخت ڪنگهه ۽ بلغم. ان سان گڏ ڪمزوري. هيءُ هٽو ڪٽو جوان ويو ڳرندو. رڳو چمڙي ۽ هڏا وڃي بچيو. ماس غائب. پر تڏهن به خوش طبعي هٿان نه ڇڏيائين. جڏهن به ملندو، کلندو ۽ کلائيندو. آخر تائين ڪتاب ۽ موسيقي، بنهي شوقن سان نڀايائين. خيرپور ايندو ته ڪو نه ڪو تازو ڇپيل ڪتاب ساڻ هوندس. يا ڪا نئين نڪتل سنڌي ڪئسيٽ. ڪافي دير مون وٽ ويٺو رهندو. يا ڪتاب تي بحث ڪندو، يا ڪئسيٽ لڳائي موسيقيءَ جو مزو ماڻيندو. مائٽ لعل انهن ٿورن ماڻهن مان هئو جن کي موسيقيءَ جو نه رڳو سلجهيل ذوق هوندو هئو، پر چڱي ڄاڻ پڻ هوندي هئي.

ڊسمبر ٨١ ۾ ٻيهر لنڊن ويو. ۽ آپريشن ڪرائي موٽي آيو.

١٩٨٢ع جي جون ۾، ڪراچيءَ ڪان موٽندي، دل چيو ته لعل وٽان ٿيندو وڃان. اڳئين دفعي مليو هيو، ته سپاجهي ۽ نماڻي لهجي ۾ چيو هيائين "مائٽ؟ حيدرآباد اچين ته ضرور منهن ڏيکارجانءِ." هونءَ به اهو ناممڪن هيو، ته مان حيدرآباد وڃان ته

مائٹ لعل سان ملڻ کان سواءِ موٽي اچان. پر هن دفعي لعل جي لهجي ۾ ڪا ٻي معنيٰ سمايل هئي. سو جڏهن ڪراچيءَ مان موٽندي حيدرآباد لعل جي گهر ويس، ته ڏٺم ته چڻ وڃڻ جي تيارين ۾ هئو. اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيون. ڳل، جي اڳي ڀريل هئا اهي اندر پيهي ويا هيا. هڏن جي پڃري مٿان کل چڙهيل هئي. ماس جو نالو ئي نه هئو. ڊرپ چڙهيل هيس. ان حال ۾ به ٺهڪڙا لڳائي ويٺو هيو. هن سان چرچو هن سان پوڳ. مونکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پهرين سوچيو هيم ته گهڙي کن ملي خيرپور هليو ويندس. پر اها حالت ڏسي به ٽي ڪلاڪ ترسي پيس. ڳالهين ڳالهين ۾ چيائين ته "مائٹ تنهنجو "خير محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام" ڇپيو آهي. ان جي ڪاپي ته ڏيندو وڃ". اهو ڪتاب ادبي بورڊ وارن ڇپيو هيو. سچل جي ميلي تي ان جو مهورت به ٿيو هيو پر مان ان سال ميلي تي نه وڃي سگهيو هيس، جو سرمد، گوڏي جي فرئڪچر سبب اسپتال داخل هئو، ۽ مان ساڻس ڪراچيءَ ۾ رهيل هيس. اهو ڪتاب ڇپيل حالت ۾ اڃان تائين مون به نه ڏٺو هيو. لعل جي خواهش ڏسي، مون کيس چيو "مائٹ اجهو ٿو تو لاءِ آٹيان". سڌو ڄام شوري ادبي بورڊ جي آفيس آيس. هنن چيو "ڪجهه ڪاپيون اسان درازن موڪليون هيون. اهي اتي ورهائجي ويون. باقي اڃا تلڪ چاڙهيءَ تي پريس ۾ بائنڊنگ ۾ پيل آهن." اتان تلڪ چاڙهيءَ بورڊ جي پريس تي آيس. انهن کان يڪدم ٽي چار ڪاپيون بائينڊ ڪرايم، ۽ آليءَ بائينڊنگ سان ڪاپي مائٹ لعل کي ڏنم.لعل کي ڪتاب ڏيڻ وقت ڏٺم، ته سندس نيڻ منهن تي خوشيءَ جي ريکا جهلڪا پئي ڏنا. مان به مطمئن ٿي ويس. ڇو ته ان ننڍڙي خوشيءَ ڏيڻ سان مون مائٹ لعل جي وڏي . ميار ڏان پاڻ کي اجو ڪيو.

خيرپور موٽي يس ... من ۾ اڻ ترڻ هئي اهو چائندي ب، ته

مائٹ لعل جا هيءُ آخري ڏينهن هئا، من ۾ هڪ آس ڪَرُ پئي ڪنيو تہ نہ، مائٹ لعل بچي ويندو. بچي سگهي ٿو. ڪوڙا خيال. ڪوڙا آسرا. ٽئين چوٿين ڏينهن فون آئي تہ مائٹ لعل آهي ئي ڪونہ.

صبوح جو وقت هيو جو فون آئي. منجهند ڌاري نڪتاسين. ٽين چئين بجي حيدرآباد پهتاسين. اسان کان اڳ۾ ئي مائٹ لعل مٽيءَ جو ملڪ وسايو. منهن ڏسڻ بہ نصيب نہ ٿيو. ٻئي ڏينهن صبح جو موٽي آياسين. شوڪت، جيڪو آمريڪا هئو، ٻئي ڏينهن پهتو. ان فون تي روئڻهارڪي آواز ۾ چيو. "مائٹ. منهنجي اچڻ تائين بہ نہ ترسيئو."

مون چيو "مائٹ، منهن ڏسڻ بہ نصيب نہ ٿيو. هاڻي ڪنهن جي لاءِ ترسئون؟" لعل هيو تہ قائم علي شاهہ جو سابق سيڪريٽري، پر غوث علي شاهہ بہ سندس قبر تي اوچنگارون ڏئي پئي رنو.

مائٹ لعل جيڪي خط مونکي ۽ ٻين دوستن کي لکيا انهن لاءِ نہ سندس خواب خيال هئو، ۽ نہ مونکي ئي پڪ هئي تہ شايع ٿيندا. اهو اسانجي پياري دوست شوڪت جماڻيءَ جو وڏ آهي، جو هيءَ ڊائري خط اشاعت هيٺ اچي رهيا آهن. شوڪت، لعل جي حياتيءَ ۾ سوڙي ڪانئس پوءِ پئي هڙان ۽ وڙان سندس پيار جي موٹ، ۽ پنهنجي پيار جو ثبوت پئي ڏنو آهي.

هيءُ خط ۽ ڊائري بنا ڪنهن تصنع جي آهن ڇو تہ هيءُ شايع ٿيڻ لاءِ لکيل ناهن. انڪري هنن ۾ جيڪو ڪجهہ بہ لعل لکيو آهي، اهو هن جي اندر جو اڌمو آهي. اهو اڌمو جيڪو ڪنهن بہ ناهہ نوهہ يا مصلحت آميزيءَ کان پاڪ آهي.

هن ڊائريءَ جو شروعاتي حصو طارق اشرف جي "سهڻيءَ" ۾ ڇپيو هئو، ۽ ڏاڍو پسند ڪيو ويو، پر لعل پوءِ وڌيڪ ڇپرائڻ

نہ چاهيو. هاڻي بہ ڏاڍيءَ ڪوشش ڪان پوءِ سندس ڪاغذن مان ڳولي هيءَ ڊائري هٿ ڪئي ويئي آهي.

برطانيہ ويندڙ اديب دوستن مان ذري گهٽ هرڪو ڊائري يا سفرنامو لکندو آهي، ۽ ذري گهٽ هر هڪ انگريزن ڪي بي غيرت ۽ بي حيا، ۽ پاڻ ڪي جَتو سَتو ظاهر ڪندو آهي. ايئن لکندو آهي تہ مان شراب ۽ عورتن کان پري رهيس. پر لعل اها منافقي نہ ڪئي آهي. اتي جي هرشي جيئن آهي تيئن پيش ڪئي اٿس،۽ پاڻ ڪي بہ ان جو حصو بنايو اٿس. ان لحاظ کان هيءُ ڪتاب نہ فقط اهم آهي پر وڏو ڪتاب پڻ آهي. انگريزن جي باري ۾ سندس اڪثر رمارڪ هڪ طرفي سوچ جو نتيجو آهن، جيڪي هن Furstration جي حالت ۾ ڏنا آهن. مون اها ڳالهہ ڪيس سندس زندگيءَ ۾ بہ چئي هئي، جنهن جو پاڻ هڪ خط ۾ بہ ذڪر ڪيو اٿائين.

هيءُ ڪتاب منهنجي لاءِ تہ ڏاڍو قيمتي آهي، جو اهو منهنجي هڪ پياري ۽ مٺڙي دوست جي مٺڙي ياد آهي، پر پڪ اٿم، تہ سنڌي ادب ۾ اهو ڪتاب هڪ اهم اضافو ٿيندو، ڇو تہ سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪتاب تمام ٿورا آهن جن ۾ خالص جذبا آهن، ۽ جيڪي ڪنهن مصلحت آميزيءَ ۽ منافقيءَ کان پاڪ آهن.

(لعل جوڻيجي جي ڪتاب انگلنڊ ۾ ادائي سال جو مهاڳ)

ڊئزي

ميڊيڪل ڪاليج جي زندگيءَ ۾ نرسون هڪ اهم شعبو آهن. اسان جي شاگرديءَ جي زماني ۾ اهو شعبو تهائين اهم هو جو ڇوڪرين جو تعداد تمام گهٽ هوندو هو. هر ڪلاس ۾ اٺن يا ڏهن کان مٿي ڇوڪريون نہ هونديون هيون. انهن تائين پهچڻ ۽ رهائي رسائي ڪرڻ تمام ٿورن جو ڪم هو. گهٽي تعداد ۾ ڇوڪرا نرسن سان خوشگوار تعلقات پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش وٺندا هئا. نرسون بہ اهڙيون پٿر دل نہ ٿينديون آهن، هميشه مرڪڻ سندن عادت هوندي آهي. ڊاڪٽر سان ڳالهائڻ ۽ سندس ويجهو پوڻ سندن لاءِ فخر جي ڳالهہ هوندي آهي ۽ نوان نڪتل هائوس آفيسر تہ سندن لاءِ نعمت هوندا آهن، ڇو تہ هائوس جاب ڪانپوءِ ڊاڪٽر شادي ڪرڻ ۽ گهر وسائڻ لاءِ آتا هوندا آهن. نرسن جي Species ۾ بہ هر قسم جا نمونا هوندا هئا. ڪي سهڻيون من مهڻيون، گلاب جي گل جيان رنگ، تہ ڪن جي مرڪ ۾ رابيل جي مهڪ، ڪن جي چال ۾ وڄ جا وارڪا تہ ڪن جا وار ڪڪرن جان ڪارونيار، ڪن جي اکين ۾ سچن موتين جو جرڪو، تہ ڪن جو قد صليب جو قد. ڪي اهڙيون ويچاريون ڪوجهيون بہ هونديون آهن جن ڏانهن ڪو نهاريندو بہ نہ هو.

انهن جون مايوس دليون ”اگڻ ٻهاريان“ ۽ اکيون ”واٽون نهاريان“ جو مثال هيون. انهن مان هڪ ڊئزي بہ هئي.

ڊئزي ڇا هئي، رنگ پراڻي بورچيخاني جي دونهاتيل ڀت جيان، جنهن تي ڏاڍيءَ فراخديءَ سان پائوڊر جو استعمال ائين

لڳندو هو، جڏهن ان تي چوني جو هڪ هٿ (ڪوٽ Coat) چاڙهي، ٻيو هٿ چاڙهڻ وسري ويو هجي. وار گهنبيدار پر ضرورت کان وڌيڪ ۽ ٻنهي ڪلهن تائين پکڙيل جيئن جن ڪڏهڻ وارا خطرناڪ ٻوپا وارن کي ڪلهن تائين پکيڙي ڇڏيندا آهن. اکيون جڏهن پيٽ ۾ ٻه سوراخ، بت ضرورت کان وڌيڪ ۽ قد ضرورت آهر. چيلهه جي ور (Curve) جي بدران سڌي سنئين ليڪ.

صبح جو بس مان ڇوڪرا لهندا ته آسائتيون اکيون ڪٽي بيٺي هوندي، ته من ڪو مونڏي نهاري، وارڊ ۾ جنهن هائوس آفيسر جي ڊيوٽي هوندي، ان تي حد کان وڌيڪ مهربان.

چانهيون پيارڻ، سندن هر حڪم جي پوئواري ڪرڻ (مريضن جي چارٽ تي لکيل ڊاڪٽر جي هدايتن کي اسپتال جي محاوري ۾ حڪم Order چيو ويندو آهي) ڊاڪٽر کي سرديءَ ۾ هيٽر گرميءَ ۾ پکي جي پرسان جاءِ ڏيڻ کان وٺي، سندن ڪپڙن، وارن اکين جي تعريف ڪرڻ تائين وڃي پهچندي هئي. هوءَ سڄو سال اها ڪوشش ڪندي هئي ته هائوس آفيسر کي پنهنجي سمارٽ ۽ Efficient هجڻ جو يقين ڏياري.

هر سال، سندس وارڊ ۾ مقرر ٿيل هائوس آفيسر جي تعريف، پنهنجي هاسٽل ۾ ميس ۾ شروع ڪندي هئي، اتان نرسن ذريعي هلي، سڄي اسپتال جي ڊاڪٽرن ۽ ٻئي اسٽاف تائين پهچندي هئي ۽ هر سال اهو اعلان ٿيندو هو ته ڊئزي فلاڻي تي عاشق آهي، سندس رمارڪ ڪجهه اهي هوندا هئا:

”فلاڻو ڪيڏو نه سمارٽ آهي.“ ”ڪيڏو نه سٺو آهي.“ ”ڪهڙا نه سهڻا ڪپڙا ٿو پائي.“ ”ڪيڏو نه ڪم ۾ ماهر آهي.“ وغيره. پوءِ ان کان اڳتي هلي، ”فلاڻو مون کي ڏسي ٿو.“ ”فلاڻو مون کي

پسند ٿو ڪري.“ تائين وچي پهچندا هئا، تان جو وري ٿئين آيل هائوس آفيسر جو ٽرم پورو ٿي ويندو هو، ۽ ڊئزي وري ٻئي تي طبع آزمائي ڪرڻ شروع ڪندي هئي ۽ اڳئين لاءِ چوندي هئي، ”هو بيوفا هو.“ ”هوفلرٽ هو.“ ”هن کي ڪپڙن پائڻ جي بہ تميزا ڪانہ هئي.“ ”هن کي ميڊيسن جي ڪا خبر نہ هئي.“

جنهن سال اسان فائينل پاس ڪري هائوس سرجن ٿياسين (١٩٦٠ع) ان سال سندس حصي ۾ هڪ سادو، ڊگهو ۽ شرميلو ڇوڪرو آيو،جنهن کي اسان ڊبل خان چوندا هياسين ڇو تہ هن جي نالي ۾ اڳيان ۽ پٺيان خان هو. ڊئزيءَ معمول مطابق هن تي ڏورا وجهڻ شروع ڪيا پر هو ايترو تہ سادو ۽ شرميلو هو، جو ڊئزيءَ اڳيان ڳالهائي ئي نہ سگهندو هو ۽ جي ڊئزي ساڻس ڳالهائيندي هئي تہ سندس منهن تي شرم کان ڳاڙهاڻ اچي ويندي هئي. ان تي ڊئزي ويتر وڌيڪ ڏانهس ڇڪجي ويندي هئي.

دوست يار ڊبل خان کي ڪيترائي داوپيچ ۽ ڊائلاگ سيکاريندا هئا پر هيءُ همراهہ صفا چٽ هو، ڪوبہ پوتو پاري نہ سگهيو، آخر هن جا اهي پرڪار ڏسي يار دوست صلاح ڪري هڪڙي پروگرام تي بيٺا.

ڊئزيءَ کي ڊبل خان جي غير موجودگيءَ ۾ پٽيون پڙهائڻ لڳا تہ ويچارو ڊبل خان ڏاڍو شرميلو آهي، ۽ توسان سنئون سڌو ڳالهائي نہ ٿو سگهي، ان ڪري هاڻي اسان جي ذريعي نياپا ايندا ويندا، پوءِ اڳ اڳ ۾ هڪ ٻئي سان پيار جو اظهار ٿيو، پلا نياپا آڻيندڙ ۽ نيندڙ بہ اسان جا يار سو ڊبل خان جا ڊئلاگ دليان ئاهي کيس ٻڌائيندا هئاسين. ڊبل خان کي بہ ان تي راضي ڪري ڇڏيوسين گهٽ ۾ گهٽ اسان جيڪو ڪيون، ان جي آڏو نہ اچي ۽ ان جي ترديد نہ ڪري. هلي هلي ڊئزيءَ کي پڪ ٿي ويئي تہ

ڊبل خان سندس آخري منزل آهي، جنهن لاءِ هوءَ سالن کان نهاريندي رهي آهي. هاڻي ڊبل خان بہ سندس آڏو مرڪڻ ۽ خاموش ويهي رهڻ شروع ڪيو. ڳالهائي سگهڻ اڃا سندس وس ۾ ڪونہ هو. جڏهن ڳالهہ اتي پهتي تہ يارن پنهنجو اصلي پروگرام شروع ڪيو. ڊئزيءَ ڪان چاءِ بسڪوٽ وغيره سان تواضع تہ هميشه ٿيندي هئي ۽ ان ۾ ڊبل خان ۽ ٻيا دوست حصيدار هوندا هئا پر هي پروگرام ڪجهہ اڳيرو هو.

هڪ شام، هڪ دوست ڊئزيءَ کي چيو "ڊبل خان اڄ سڄو ڏينهن ماني نہ کاڌي آهي." "ڇو؟" ڊئزيءَ جا ترا ئي نڪري ويا. "ان ڪري جو اڃا مني آرڊر نہ پهتو اٿس، ميس ۾ ماني بند ٿي وئي اٿس." "اسان دوستن بہ منٿون ڪيون اٿس پر هو مڃي ئي نہ ٿو، اسان جي ماني نہ ٿو کائي." "دوستن ۽ منهنجي مانيءَ ۾ فرق آهي مان پنهنجي هٿ سان مرغي ٺاهي ايندس، ڏسجو ڪيئن نہ ٿو کائي." "منهنجي هوندي هو بک ڪاٽي باقي مان ڇا لاءِ آهيان؟" ڊئزيءَ ڪجهہ شرارت، ڪجهہ يقين سان چيو.

آخر فيصلو ائين ٿيو جو، جيئن تہ ڊبل خان شرميلو آهي انڪري هو اسپتال ۾ ماني نہ کائيندو، ائين بدنامي بہ ٿيندي جو سيني کي خبر پئجي ويندي، سو ماني ٺاهي ڊئزي اسان جي حوالي ڪري. پوءِ اها ماني آڻي ۽ ان کي ڊبل خان سان گڏ سيني دوستن کاڌو. ٻئي ڏينهن جڏهن ڊئزيءَ ڊبل خان کان مرغيءَ جي پسند اچڻ جي باري ۾ پڇيو، تہ ڊبل خان ڪجهہ شرمائجي مرڪي ڏنو ۽ ڊئزي کي پڪ ٿي وئي تہ سندس محنت سجائي وئي آهي.

ائين سڄو سال اسان جا دوست ڊئزيءَ کان ڊبل خان جي ناليءَ ۾ فرمائشون ڪري شيون وصول ڪندا رهيا ۽ سڄي سنگت موجون ڪندي رهي.

هڪ ڏينهن هڪ دوست ڊئزيءَ کي چيو ”اڄ تو ڊبل خان جي قميص ڌُئي؟“

”ڇو - ڇا ٿيو؟“ ڊئزيءَ وراڻيو.

”عجب آهي ڊئزي، معنيٰ تہ تنهنجي ڊبل خان ۾ ڪا بہ دلچسپي نہ رهي آهي.“ ڊئزي ڊڄي وئي چيائين ”خدا نہ ڪري.“

هن همراهہ وڌيڪ چيو، ”اڄ ڊبل خان جي قميص بنا استريءَ هئي ان ڪري جو مائٽ غريب اٿس، هن وٽ رڳو هڪ قميص آهي، جيڪا ڌوئي پاڻ استري ڪري پائيندو آهي ۽ ڪالھ استري ڪرڻ جو وقت بہ نہ مليس تہ ائين ئي پائي آيو.“

”تہ پوءِ مون کي سندس ڪالر جي ماپ ٻڌاءِ تہ مان بہ ٽي قميصون وٺي ڏيانس.“ هن يڪدم پنهنجي ماپ ٻڌايس. ڊبل خان جي ڪالر جي ماپ ڪنهن کي ياد هئي؟

ٻي ڏينهن بہ فرسٽ ڪلاس ريڊي ميڊ قميصون اچي ويون، جن کي ٻن دوست کي ڏنو ويو. هڪ جنهن ڪالر جي ماپ ٻڌائي، ۽ ٻيو اهو جنهن کي پوري آئي. ڊبل خان کي نصيب نہ ٿي ڇو تہ هو بت ۾ ڪجھ پريل هو. بهرحال ڊئزي روز پڇندي هئي، ”هي نئين قميص ڇو نہ ٿو پائي اچي؟“

جواب ملندو هيس، ”تنهنجي آڏو پائيندي شرمائي ٿو، تنهنڪري رڳو اسپتال کان ٻاهر پائيندو آهي.“

”هاءِ مان قربان.“ ڊئزيءَ اکيون اڌ ٻوٽي چيو.

اهي دوست جن جي حصي ۾ قميصون آيون اهي بہ اسپتال ۾ پائي نہ ايندا هئا، تہ متان معاملو خراب ٿي وڃي.

هائوس جاب جو سڄو سال انهيءَ ڍنگ سان گذريو. سال پورو ٿيو تہ ڊبل خان ڪاڏي، ڊئزي ڪاڏي ۽ ڊئزيءَ وري چوڻ شروع ڪيو ”بيوفا نڪتو“ ۽ وري نئين سال نئين شڪار جي ڳولا ۾ لڳي وئي.

ستن اٺن سالن کانپوءِ ڪراچيءَ ۾ هڪ اسپتال ۾ ملي، وهي ڪجهہ موٽيل هيس پر جذبا اهي ئي جوان، مون جڏهن ڪانئس پڇيو تہ ”هتي ڪو سمارٽ ڊاڪٽر ناهي؟“ تہ هڪ ڊاڪٽر جي تعريف ۾ لڳي ويئي، ائين جڻ اهو ساڻس سياڻي ئي شادي ڪرڻ وارو آهي ۽ مون کي لطيف جو بيت ياد اچي ويو:

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ ملان هوت،
من اندر جي لوچ، مچڻ ملڻ سان مانئي ٿئي.

سو ڊيٺزيءَ جي من اندر جي لوچ بہ اڃا تائين مانئي نہ ٿي آهي.

عمر بورچي

رنگ ڪارو جهڙو ڪٺُ، قد جو ڊگهو بت ۾ سنهو، وار رڱو وچ مٿي تي، لونڊڙين ڪان ۽ ڪنن جي مٿّان - باقي ڪُٽل. نڪ پينل، وات ننڍو ۽ چپ ٿلها، مڇون رعبدار ۽ ونيل، سدائين استري ڪيل ۽ قيمتي قميص شلوار ۾ "لکن واريءَ لوڊ" سان نظر ايندو- اهو هئو عمر بورچي.

ڪاليج جي زماني ۾، (اڃا ڄام شوري واري ڪيمپس نه ٺهي هئي) حيدرآباد جي ڪرشنا هال جي هڪ ڪوليءَ ۾ رهڻ جي جاء ملي هئي. ادا جي هڪ انجنير دوست جي مهربانيءَ سان. مٿي انجنير جي آفيس هئي، ٻيءَ ماڙيءَ تي گهر، هيٺ ڪوليءَ ۾ مان، انور اعوان سان گڏ رهندو هيس، ۽ پرسان ئي انجنير جو بورچيخانو هئو جنهن ۾ عمر بورچي ڪم ڪندو هئو. (اهي ڪوليون اڃا حيدرآباد ۾ آهن. زمين کان هيٺ تحخاني وانگر).

مڙس شوقين هئو. نه ٻار نه ٻچو ، نه زال، چاليهن پنجيتاليهن جي عمر، ماني انجنير تي، چانهن پاڻي ِهن هُن تي، باقي سڄي پگهار بچائيندو هو. سندس ٻه ٽي شوق هئا. سڀ کان زوردار شوق هيس ڪپڙن جو. پگهار ملي ناهي، جپاني ٽو باء ٽو ٢٢ پاپلين جو وڳو آيو ناهي. وڳو ٺهرائي، پائي، پيو ٻهڪندو ۽ هن هن کي ڏيکاريندو. ١٩٥٦-١٩٥٧ جو زمانو هيو- ان زماني ۾ سٺي پاپلين پاڪستان ۾ ٻه ٺهندي هئي. خود مان ۽ انور اعوان ٻه پاڪستاني پاپلين پائيندا هئاسين. پر هن همراهه لاء پاڪستاني ڪپڙو چڙ گار. سندس ٻيو شوق هيو ڀنگ پيئڻ. مڙيئي ٽاٽ لڳو پيو هوندو هيو. ٽيون شوق هيس راڳ سان. اٿندي وهندي،

هلندي چلندي، ڪم ڪار ڪندي پيو جهونگاريندو هئو. سر ۽ تال جي سڻي ڄاڻ هيس پر آواز مڙيوئي هيس- تڏهن بہ نيائي ويندو هيو. سورٺ، راڻو، مالڪوس، پيروي سڀ سُرَ ڪندو هيو. جي مان سڏي سورٺ جي فرمائش ڪندو مانس تہ اکيون ٻوٽي، ڪن تي هٿ رکي شروع ٿي ويندو:

"الله ٌ جي آس ڪري هليو هيائين،
چارڻ ٻڌا چنگ ڪي جهوڙا ۽ جهائين-"

۽ پوء اڌ ۾ راڳ بند ڪري، چپ ٿي ويندو. ڪهڙي رکي چوندو "واهہ سهڻا لطيف واهہ." راڳ ڇُٽو. اتي ئي شاهہ لطيف جي تعريف شروع . مان وچ ۾ ٽوڪيندو مانس تہ عمر اڳتي تہ هل تہ وري شروع ٿي ويندو. ها.!

ڏولي راء ڏياچ جي ڏوران ڏنائين."

ائين هر ٻن ٽن بيتن کان پوء وچ وچ ۾ چپ ٿي شاهہ لطيف کي داد ڏيندو رهندو . جڻ ان بيت جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ ايڏو تہ اونهو ويو آهي جو ڳائڻ ئي وسري ويو اٿس.

مجڻ مراد آهي. مون کي سُرن جي شناس پهريون پهريون غلام نبي (ميوزڪ ڊئريڪٽر) ۽ عمر جي ذريعي ٿي. عمر، راڻي ۽ سورٺ جا اهي آلاپ ٻڌايا جيڪي جڏهن مون عابده پروين کي ١٩٧٩ع ۾ ٻڌايا، تہ ان کي ڏاڍا وڻيا، ۽ اڃا تائين اهي آلاپ ڪندي اچي.

انجنير صاحب جي آفيس ۾ ٻہ پائر بہ ڪم ڪندا هئا. حميد چوڪيدار هئو ۽ مجيد پٽيوالو. ٻئي مهاجر هئا، پر سنڌي چڱي ڳالهائيندا هئا.جڏهن عمر ڪم ڪار لاهي وٺندو هئو، ۽ حيدرآباد جي رات ٺرندي هئي، تہ هُو مَنهنجي کٽ اڳڻ ۾ ڪڍي رکندو هئو. حميد چوڪيداريءَ جي ڊيوٽيءَ تي اچي ويندو هئو، تہ مجيد ڪچهريءَ تي. رات جو دير تائين پوڳ چرچا پيا هلندا

هئا. جيستائين نيڻ ننڍاڪڙا ٿين.

حميد ۽ مجيد، ٻئي ڏاڍا شيطان هئا. مان بہ چرچ ڏيندو هئس مانِ. عمر سان پيا چرچا ڪندا هئا. اهو روز جو معمول ٿي ويو هئو.

جڏهن مان نئون نئون ان ڪرشنا هال جي ڪوليءَ ۾ آيس تہ منهنجي لاءِ بہ وڏا مسئلا ڪڙا ٿيا. هڪ هئو صبوح جي چانهہ - Bed Tea جو تہ اُن ڪانسواءِ منهنجون اکيون نہ کلنديون آهن، پيو وهنجڻ. پاڻيءَ جو ميونسپل وارو نلڪو ٻاهر ڪجهہ قدمن جي وٿيءَ تي هئو. عمر ٻنهي مسئلن کي حل ڪري ڇڏيو. صبح جي چانهہ ٺاهي ننڊ مان اٿاري اَچي ڏيندو هيو. ۽ پاڻيءَ لاءِ صلاح ڏنائين تہ هڪ مَٽُ وٺجي، جيڪو روز پخاليءَ کان ڀرائجي، ڏاڍي ادب ۽ سڪ مان چوندو هئو،"سائين باقي اسان اوهان کي ڪڏهن ڪم ايندا سي."

مَٽَ جا پئسا ورتائين. ان زماني ۾ ڏهہ ٻارهن آنا ڪن ٿيندا هئا. ٻئي ڏينهن صبح جو چانهہ ڏنائين تہ مون مَٽَ جو پڇيو. چيائين :

"سائين ڪمال ٿا ڪريو. باقي اسان ڇالاءِ آهيون. اجهو ٿو بالٽي ڀري اچان. اسانجي هوندي اوهان پخالين کان مَٽَ ڀرايو؟."

۽ پوءِ بہ ٿي ڏينهن صبوح جو بالٽي ڀرجي ملندي هئي. مان ٺڏڪار ۾ وهنجي سهنجي تازو توانو ٿي ڪاليج ويندو هيس. هڪ ڏينهن عمر کان پڇندس تہ " پاڻيءَ جي بالٽي ڪٿي آهي؟" تہ عمر اوچتو ڦرڪو کائي چوندو:

"ڇا جي بالٽي؟ روز روز پاڻيءَ جي بالٽي؟ مان ڪو واهہ آهيان، ڪا اَڏ آهيان، ڪو واٽر ڪورس آهيان، جو روز پاڻي پهچايان."

۽ ان ڏينهن مان بنا وهنجڻ جي ڪاليج هليو ويندس. شام

جو حميد ۽ مجيد ٻڌائيندا تہ ينگ جا پئسا ڪٿا هوندس، انڪري پاڻيءَ پرڻ ڪان جواب ڏنو اٿائين. ان شام جو وري اٺ ڏهہ آنا ڪڍي ڏيندو مانس ۽ چوندو مانس تہ "عمر- سياڻي مَتَ آڻي ڏجان تہ پخاليءَ ڪان پرايان. توکي پاڻيءَ پرڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي."

ان رات جو عمر "ٿاٽ" هوندو، ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن صبح جي چانهہ آڻيندو ۽ مان مَتَ جو پڇندو مانس تہ ساڳي ادب ۽ سِڪ مان چوندو "تہ سائين ڪمال ٿا ڪريو. باقي اسان ڇا جي لاءِ آهيون. اجهو ٿو بالٽي ڀري اچان: اسانجي هوندي اوهان پخالين کان مَتَ پرايو."

اهو سلسو سال ڏيڍ تائين هلندو آيو، جيستائين مان ڪرشنا هال ۾ هيس. نہ ڪو مٽ آيو، نہ ئي وري عمر بدليو. ٽئين چوٿين ڏينهن اهو راڳ تہ "مان ڪو وري واهہ آهيان؟ ڪا اَڏ آهيان. ڪو واٽر ڪورس آهيان، ڪو نلڪو آهيان."

عمر جي وڏي ڪمزوري جپاني پاپلين هئي. پگهار ملڻ سان ئي ٿئون وڳو ٺهرائي، پائي، پيو ٽلندو، آئي وئي کي پيو ڏيکاريندو. "هٿ لائي ڏس نہ. پَٽُ آهي پَٽُ. جهڙو ريشم" ۽ پوءِ جڏهن اڳيون ڪپڙي جي تعريف ڪندو تہ ٽِڙي پوندو ۽ چوندو. "واهہ ڙي جپان واهہ."

حميد ۽ مجيد کيس چيڙائڻ ڪاڻ منهن ڇپو ڪري چوندا. "هيءَ جپاني پاپلين آهي.؟ عمر توکي بيوقوف بنايو اٿئون. هيءَ تہ پاڪستاني ڪپڙو آهي."

ان تي عمر مايوس ٿي ويندو. سوچ ۾ پئجي ويندو. چوندو "نہ يار. مونکي جپاني ڪپڙي جي سڃاڻ آهي. مونکي ڪيئن ٺڳي سگهندا."

پر جڏهن رامجي ۽ ٽن ٺڳن وانگر حميد ۽ مجيد ٻن ٽن ٻين

همراهن سان اڳواٽ صلاح ڪري سندس آڏو چوارائيندا تہ واقعي ڪپڙو پاڪستاني آهي تہ عمر روئڻ جهڙو ٿي، ويندو دڪاندار وٽ، جتان ڪپڙو خريد ڪيو هيائين. ان کي گاريون ڏيندو. دڪان وارو قرآن قسم کڻي، ڪپڙي جي تاڪيي تي ڪيس جپان جو ٺپو ڏيکاري پڪ ڏياريندو تہ برابر اهو ڪپڙو جپاني آهي، تڏهن مس مس همراهہ وڃي ٺرندو. جڏهن اهي سڀ ڳالهيون هو اچي حميد ۽ مجيد سان ڪندو، تڏهن هو ڏسندا تہ ماڳهين عمر هٿن کان ٿو وڃي، تہ هو هڪ ٻئي کي اکيون هڻي مڃي ويندا تہ واقعي ڪپڙو جپاني آهي. ان فتح تي عمر ويتر ڦونڊ ۾ پرجي ويندو.

ان کان پوء عمر سدائين ڪپڙي جو اهو ٽڪرو وٺي ايندو هئو، جنهن تي جپان جو ٺپو لڳل هوندو هئو. اهو پهرين مجيد، حميد ۽ اسان کي ڏيکاري، پوء سبرائيندو هئو، جيئن هو پاڪستاني ڪپڙي پائڻ جي طعني کان بچي وڃي.

هن جي ڪاوڙ جا ٻہ سبب هئا. هڪ پاڪستاني ڪپڙو پائڻ جو طعنو هن لاء گار برابر هئو، ٻيو تہ هن کي ڪپڙي شناس نہ هئڻ ۽ دڪاندار طرفان بيوقوف بنجڻ واري ڳالهہ ڏکي لڳندي هئي.

ٻہ ٽي مهينا ائين گذري ويا. مجيد ۽ حميد کي تسليم ڪرڻو پيو تہ عمر جا نوان وڳا جپاني آهن ۽ کيس ڪپڙي جي شناس آهي، ۽ کيس ڪوبہ دڪاندار بيوقوف نہ ٿو بنائي سگهي.

ڳالهہ مان مزو نڪري ويو. عمر کي چيڙائڻ جو ڪوبہ بهانو نہ پئي بنيو. نيٺ هڪ ڏينهن صلاح ڪري رٿا ٺاهي ورتي سين.

جيئن ئي عمر نئون جپاني پاپلين جو ٺپو لڳل ڪپڙو وٺي آيو تہ سڀني ان جي تعريف ڪئي. پر جڏهن سبرائي ۽ پائي ڏيکاريائين تہ حميد ۽ مجيد منهن چڀو ٭ ڙي پراٺو راڳ شروع

ڪيو"عمر توکي بيوقوف بنايو اٿن. هيءُ ڪپڙو پاڪستاني آهي."
عمر جا طاق لڳي ويا. سڄي خوشي ڪافور ٿي ويس. ڦيرائين چرڪ پريائين، پوءِ اکيون ڦوٽاري قميص کي ڏٺائين، پوءِ ڪپڙي کي ڇڄهي پڪ ڪيائين ته جپاني آهي. آخر ته ماهر ڪپڙي شناس هيو. پوءِ قميص جو دامن چپٽيءَ ۾ جهلي مجيد آڏو جهليائين.
"هيءُ!. هيءُ ڪپڙو!. هيءُ پاڪستاني آهي؟ توهان کي ٺپو به ڏيکاريو اٿم. اجان به چئو ٿا پاڪستاني آهي. هٿ لائي ڏس. لائي ڏس."
مجيد ڪپڙي کي هٿ لائي سخت دٻائيءَ مان چيو "پاڪستاني نه آهي ته ٻيو ڇا هي. اڄڪلهه ٺپا به نقلي ٿا هڻن. اهو جپان وارو ٺپو نقلي آهي، توکي بيوقوف بنايو اٿن."
ان تي عمر اڇي مڇريو. چي "پاڪستان جي ماءُ ههڙو ڪپڙو ٺاهيندي. پاڪستان جي پيڻ ههڙو ڪپڙو ٺاهيندي." مطلب ته پاڪستان کي سَتَ سُريون ٻڌائيندو رهيو. حميد به مجيد جي تائيد ڪئي. نيٺ فيصلو اهو ٿيو ته مان فتويٰ ڏيان ته اهو ڪپڙو پاڪستاني آهي يا جپاني.
اڳ رٿيل پروگرام موجب مون ڪپڙي کي هٿ لائي، ٿوري دير سوچي، پوءِ چيو "عمر، حميد ۽ مجيد سچ ٿا چون. هيءُ ڪپڙو ته پاڪستاني ٿو لڳي." منهنجو ائين چوڻ ۽ عمر جو هوش ڪان نڪرڻ. نه ڇڏيائين پاڪستان جي ماءُ نه پيڻ. دامن کي هٿ ۾ جهلي، منهنجي آڏو آڻي چيائين.
"هيءُ ڪپڙو؟ هيءُ! پاڪستاني آهي.؟"
پاڪستان جي پيڻ ههڙو ڪپڙو ٺاهيندي - پاڪستان جي ماءُ ههڙو ڪپڙو ٺاهيندي.؟ هٿ لائي ڏس! وري هٿ لائي ڏس!!"
مون وري هٿ لائي جڏهن چيو ته " نه عمر- هيءُ ڪپڙو

پاڪستاني ٿو لڳي“ تہ عمر گريبان کي چڪ ۾ جهلي دامن کي هٿ سان چڪ ڏنائين. چر ر ر .! نيئن قميص ڦاٽي پئي! ۽ عمر ڳُڙَ وهائيندو ڪپڙا ڦاڙيندو چوندو ويو. ”پاڪستاني آهي تہ چِڙهي آڳوڻي تي!“

حميد ۽ مجيد جي ڪلڻ جا هوڪرا هئا. اهڙي ريت عمر جون الائي ڪيتريون قميصون ڦاٽيون.

سال گذري ويا ڪاڏي حميد ڪاڏي مجيد ڪاڏي عمر ڪاڏي مان.

هڪ دفعي رسالا روڊ تان ڊرائيو ڪندو پئي ويس تہ ڏسان تہ عمر پيو وڃي. ساڳي لکن واري لوڏ، ساڳيو صاف سٿرو لباس. چلي هٿ ۾. ڪار روڪي سڏ ڪيو مانس. چيائين، سائين ڪمشنر صاحب وٽ بورچي آهيان. پاڇي وٺڻ ٿو وڃان.“

مون پڇيو مانس ”عمر هي ڪپڙو پاڪستاني آهي يا جپاني؟“

وڏو ٽهڪ ڏئي چيائين ”سائين، ڇڏيو چرچا هاڻي جپاني ڪپڙو ڪٿي ٿو ملي. پلا هيءَ قميص بہ ڦاڙي ڏيکاريانو ڇا؟“

الڻ شاھ

ھڪ ڏينھن حيدرآباد جي ڪراچي ھوٽل ۾ چانھ پي رھيو ھيس تہ اچانڪ سامھون اچي ويو- الڻ شاھ. مونکي سندس نالي جي پوءِ خبر پئي. ڏنم تہ ڪارانئيل رنگ، ان جي مٿان اڇي، پر ميري تيل ڏاڙھي، جيڪا ڏينھن ڪان اڻ ڪُوڙيل ھئي، بي ترتيبيءَ سان وڌيل اڇيون ۽ ميريون تيل مڇون، مٿي تي گرُ لڳل جناح ڪئپ، جنھن کي دٻائي پاتو ھيائين جو ڪَن ڇپا ٿي ويا ھيس، واڇ گودو، ۽ ان مان لڙڪندڙ گِگَ، جنھن کي وڏو ساھ ڪٽي چُوسي واپس وات ۾ موڪلڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. اکين ۾ مايوسي، ڇسائي، ۽ نماڻائيءَ جو تاثر. پنيان اچي، ڪلھي کي ٿپڪي ھڻي چيائين "ٽڪو ڏي" سندس لھجي ۾ عرض ۽ حڪم، بي نيازي ۽ نياز، ٻئي گڏ ھئا. مون ڪنڌ ورائي سندس منھن ۾ نھاريو. سندس چھرو ۽ ان تي تاثر ڏسي ٻجي ريس. سندس ٻئي مُنيون ڀڪوڙيل ھيون، ۽ انھن ڀڪوڙيل مُنَين منھجان پئسا ٽڪا آنا، اھي سڀ سڪا جھاتيون پائي رھيا ھئا.

ھن مونکان فقط ٽَڪو گھريو ھئو. ان زماني ۾ ٽکي جو بہ مان ھئو، مان کيس ڏئي بہ سگھان ھا، پر مون ھن کي موٽائي ڇڏيو. سامھون ٽيبل تي ويٺل دوست اچي ٿھڪن ۾ پيا ۽ پوءِ مونکي ٻڌايائون تہ ھي مستانو ملنگ الڻ شاھ آھي، ھن کي چرچو ھڻ. چوندو تہ "ڏادي لڳي ٽڪو ڏي." ۽ پوءِ ان چرچي سھڻ جي قيمت ٽڪو وٺي روانو ٿي ويندو.

انھن ڏينھن ۾ ڪراچي ھوٽل اسانجو اَڏو ھئي. گرامي، شيخ علي محمد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سرائي اميد علي، رجب علي،

ڏنل شاهہ رباني، مان اتي ويٺي ويٺي راتين مان ڏينهن ۽ ڏينهن مان راتيون ڪندا هئاسين.

الڻ شاهہ ۽ اسان جي چونڪڙي جڻ فرنيچر وانگر ڪراچي هوٽل جو هڪ نہ ٽُٽندڙ ،نگ هئاسين. اسانجي چونڪڙي ۽ الڻ شاهہ نہ هوندا هئا تہ ڪراچي هوٽل جڻ ڪراچي هوٽل نہ لڳندي هئي.

الڻ شاهہ ايندو. ساڳئي ئي صورتحال ۾ جيڪا مون مٿي بيان ڪئي آهي. نماڻا نيڻ ڪٺي ڏسندو. سامهون وارو ڪيس چرچو هڻندو "منهن اتئي يا پراڻو سليپر" الڻ شاهہ ڪهڪهي، ڦاٽل دهل جهڙي آواز ۾ چوندو "پراڻو سليپر؟" "اها لڳي. واهہ جي لڳي. پراڻي سليپر تي چتيون لڳيون پيون آهن. ڏادي لڳي. هاڻي ٺڪو ڏي." ۽ ٺڪو وٺي، پنهنجي سڪن سان پريل پڪوڙيل مُٺ ۾ وجهي وري ٻئي گراهڪ جي تاڙ ۾ اڳتي وڌندو.

سندس ڏينهن ائين شروع ٿيندو هئو. ڪراچي هوٽل جا گراهڪ ڪيس سجاڻندا هئا. ڪڏهن واهيات، ڪڏهن هوشياريءَوارو، ڪڏهن ماڳهين ڦِلهڙو چرچو ڪيس هڻندا هئا. هو جواب ۾ اهوئي چوندو هئو "منهنجو منهن - جهڙو آهي، لڳي- ڏادي لڳي- پلا ٺڪو تہ ڏي." ڪي ڪي نوان آيل گراهڪ تہ رونشي خاطر الڻ شاهہ کي ڏاڍا خراب ۽ گارين وارا چرچا بہ هڻندا هئا. پر الڻ شاهہ جو اهو ئي جواب. "منهنجو منهن - جهڙو آهي؟ لڳي لڳي. اها ڏادي لڳي. پلا ٺڪو تہ ڏي."

ان چرچن جي طوفان ۾ ڪڏهن ڪڏهن رَجوءَ (رجب علي ابرورسيٽي. ڏادو حاضر جواب ۽ چرچائي) جي فرمائش بہ پوري ٿيندڙي پوندي هئي. رجو چوندو هيس: "مان توکي ٺڪي بدران اَمر ٿو ڏيان. تون هن کي چرچو هڻ."

۽ الڻ شاهہ ان ڏي نهاري. (اهو مان بہ هوندو هيس تہ اسان

جي چونڪڙيءَ جا پيا همراهہ بہ هوندا هيا.) چوندو هيو: "منهن اٿئي يا ڪونڙي اسٽيشن جو پليٽ فارم؟ ريلون پيون اچن وڃن. چانهہ سوڊا ليمن مڇي گرم." مطلب تہ اهڙو چرچو هڻندو هيو جنهن جو منهن نہ سر.

اهڙيءَ طرح صبح کان اڌ رات تائين الڻ شاهہ پنهنجون ٻئي منيون ان "لڳي لڳي ٽڪو ڏي" جي ڪمائي جي سڪن سان پريندو ويندو هئو. اڌ رات تائين قميص جا ٻئي کيسا پريل، ۽ ٻئي منيون پريل. صبح کان رات تائين چرچا سهي پئسا گڏ ڪندو هو پلا خرچ بہ ڇا تي ڪري نہ گهر گهاٽ، نہ ٻار نہ ٻچو. خبر ناهي ڪٿان جو هئو، ڪٿان آيو هيو؟ ماني ڪراچي هوٽل جي روزانن گرهڪن مان ڪونہ ڪو کارائي ڇڏيندو هيس. چانهہ پاڻي بہ انهن تي. جي نہ تہ ڪراچي هوٽل جو مالڪ عبدالرحيم عباسي کهل ڪري کارائي ڇڏيندو هيس. اٿو ڪپڙو بہ ائين پيو ملندو هيس. باقي سندس سموري ڪمائي بچت هئي. اڌ رات جو ننڊا ڪرڙو ٿيندو هئو تہ مکان ۾ سمهڻ ويندو هئو.

مکان ۾ چوڪرا اڳ ۾ ئي سندس تاڙ ۾ ويٺا هوندا هئا. جيئن الڻ شاهہ پهچندو هو تہ چرس پريل سگريٽ تيار هوندا هئا. "لڳي دم متي غم." الڻ شاهہ سگريٽ مٿان سگريٽ پيئندو ويندو هو. تان جو اکيون خمار کان ڳاڙهيون ٿي وينديون هيس، ۽ هٿ پير ڍرا ٿي ويندا هيس ۽ منين ۾ پڪرڙبل پئسن تي سندس گرفت ڍلي ٿي ويندي هئي.

موالي چوڪرا سندس سڀ کيسا ۽ ٻئي منيون خالي ڪري گم ٿي ويندا هئا.

صبح جو الڻ شاهہ اکيون کوليندو تہ ڏينڱو ٿي ڏيري ٻئي کيسا خالي ۽ منيون سڪئيون. چوڪرن کي گاريون ڏيندو وري

ايندو ڪراچي هوٽل ۾ چي "حرامي آهن، بدمعاش آهن. چور آهن." ۽ پوءِ وري ٺٺون ڏينهن شروع. ساڳيا ئي چرچا. ساڳي ئي "لڳي لڳي، تڪو ڏي." اڌا رات تائين اها ئي هل هلان. اهائي وٺ وٺان. اهائي جاڪوڙ. ٻئي ڪيسا ۽ ٻئي مُنيون پريل وري ساڳيو چرس جو سوٽو. ساڳي بيهوشي، ۽ صبح جو ساڳيون گاريون.

ڪراچي هوٽل ۾ پورا يارهن سال ١٩٥٣ع کان ١٩٦٣ع تائين اچڻ وڃڻ پيو ٿيندو هئو. ساڳيو الڻ شاهه، ساڳي لڳي لڳي، ساڳيا ٽهڪ.

جڏهن الڻ شاهه جي مرڻ جي خبر ڪنهن دوست ٻڌايم، ته سوچڻ لڳس ته الڻ شاهه ڪيڏو نه اهم ڪردار هو. اسان سڀ، پنهنجي سڄي حياتي الڻ شاهه جي رڳو هڪ ڏينهن وانگر گذاريون ٿا. هٿين خالي روئندا رڙندا اچون ٿا، ۽ مرڻ وقت تائين مال متاع گڏ ڪري پنهنجا ڪيسا پريون ٿا، ۽ جڏهن زندگيءَ جي شام ٿي ٿئي ته سيڪجهه کسجي ٿو وڃي. هيمنگوي جي ڪراڙي Old Man وانگر. ان وٺ پڪڙ، هڻ هٽان ۽ جاڪوڙ ۾ جڏهن زندگي اسان سان مذاق ٿي ڪري، ته اسان کي الڻ شاهه جهڙي دل آهي، جو ان مذاق تي مُرڪون ۽ چئون. "اها ڏاڍي لڳي."

سچ ورني

چوندا آهن تہ عشق ٿي ويندو آهي، ڪيو نہ ويندو آهي، پر ڪي چون ٿا تہ عشق ڪيو ويندو آهي، اهي ٻئي ڳالهيون صحيح ٿي سگهن ٿيون، پر "عشق ڪرايو ويندو آهي" ان تي عام ماڻهوءَ ڪي اعتبار گهٽ ايندو پر ڪڏهن ڪڏهن، هزارن ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿي وڃي ٿو. اسان پهرين سال ميڊيڪل ۾ داخل ٿياسون تہ هر قسم جا شاگرد ۽ شاگرديائيون هيون، وڻ وڻ جي ڪاٺي اچي گڏ ٿي. انهن ۾ هڪ شفيق بہ هو، اصل ڪتابي ڪيڙو، نہ ڪنهن سان ڳالهائي نہ ڪنهن سان ٻولهائي، نہ ڪئنٽين، نہ ڪچهري، نہ فلم، نہ راڳ، رڳو ڪتاب، جي فري پيرڊ ملي تہ بہ ڪتاب ۾ منهن، جي گهر وڃوس تہ بہ ڪتاب ۾ منهن، سامهون سهڻي ڇوڪري مليس تہ بہ ڪتاب ۾ منهن، ڪتاب ڪانسواءِ ٻي ڳالهہ ئي نہ هئي. قد جو پورو پنو، جسم لهڪاريل، منهن ڏکيو ڪتابي پر ماس کان خالي، عينڪ اکين تي. "جوانيءَ ۾ پيري ٿي" جو جيئرو جاڳندو مثال هو. نوٽس وٺڻ ۽ نوٽبڪ ٺاهڻ جو ماسٽر، اکر اهڙا سهڻا لکندو جو موتين جا داڻا. ڊرائنگ اهڙي ڄڻ آرٽسٽ جي ڪڍيل آهي، نہ ڪنهن سان ڳالهائيندو نہ ٻولهائيندو، پيو نوٽبڪ ٺاهيندو ۽ ڊرائنگ ڪيندو.

اهڙو همراهہ عشق ڪري، اِهو عجيب سانحو آهي. ٿيو ائين جو مون کي ائناٽاميءَ ڊپارٽمينٽ وارن شريف ترين شاگرد سمجهي، ڇوڪرين سان ڊسيڪشن پارٽنر ڪيو. شفيق جي ڊسيڪشن ٽيبل اسان جي پاسي ۾ هئي، مون سان ڊسيڪشن

پارٽنر ڇوڪرين ۾ هڪ سچ ورني، سون جي رنگ جهڙي ڇوڪري هئي، جنهن جا چپ لاليءَ کانسواءِ سدائين لال ۽ اکيون ڪجل کانسواءِ قاتل هيون، هن جا ڳل گلابي ۽ سندس ڏند موتين جي مالها هئي. شفيق جي ٽيبل جا سڀ ساٿي گهڙيءَ گهڙيءَ اسان جي ٽيبل ڏانهن نظر ڪندا هئا، پر هيءُ شفيق، ڊيڊ باڊيءَ سان ايترو محو هوندو هو جو مجال آهي جو اک مٿي کڻي ڏسي، ته مُردن جي دنيا کان ٻاهر ڪا جيئري جاڳندي دنيا به آهي، جيڪا حقيقت آهي.

هن جو اهو حال ڏسي، سندس ٽيبل پارٽنرن فيصلو ڪيو ته هن کي عشق ڪرائبو. پهريون پهرين اهو فرض مون تي رکيو ويو، ته مان ساڻس اِن سچ ورنيءَ جي سونهن جي تعريف ڪري، کيس آماده ڪريان ته ان ڏي به ڪڏهن غلط انداز نظر ڪري. پر ان همراهه تي ان جو اثر ائين ٿيو، جيئن ملان جي مٿان موسيقيءَ جو. هڪ ڏينهن هٽي وڃي هنڌ ڪيم. چيو مانس، "سچ ورني تنهنجي ٽيبل وٽان لنگهندي تنهنجون Figures ڏٺيون، چيائين ته هن جو جرنل ڏاڍو خوبصورت آهي."

اهو ڏڪ نشاني تي لڳو. همراهه ڪجهه مرڪيو. ٻئي ڏينهن چيو مانس، "تنهنجي Hand writting جي تعريف ٿي ڪري."

پوءِ روز ڪا نه ڪا ڊائلاگ کيس پڌائبو هو. مون سان گڏ ان سازش ۾ هڪ ڇوڪري به شامل ٿي، جيڪا پڻ اسانجي ڊسيڪشن پارٽنر هئي. اسان ٻنهي کان وڌيڪ معتبر راوي ڪهڙو ٿي پئي سگهيو جيڪو سچ ورنيءَ سان گڏ روز ٽي چار ڪلاڪ ڊسيڪشن جا گڏ هجي.

پوءِ همراهه جون اکيون ڊيڊ باڊيءَ مان اٿي گهڙيءَ گهڙيءَ اسان جي ٽيبل ڏي ٿي آيون. ڪاپيون ڪتاب وسري ويا، ان ڪاپيءَ ۾ جتي مردن جا هڏا، مشڪون ۽ دل گردا چاپيندو هو.

ان ۾ ان سچ ورنيءَ جا پورٽريٽ ٺهڻ لڳا. هڪ هڪ صفحي تي ٽيهه چاليهه دفعا ان محبوب جو نالو، خوش خط لکڻ لڳو.

جيڪا ڇوڪري مون سان گڏ سازش ۾ شريڪ هئي، ان انهيءَ ڳالهه جو ناجائز فائدو ورتو: شفيق جو اهو نوٽبڪ چورائي وجي "سچ ورنيءَ" کي ڏيکاريو، رڳو مذاق خاطر.

سچ ورنيءَ معمولي ڇوڪري نہ هئي، هوءَ سنڌ جي گهٽي مٿاهين خاندان مان هئي، جنهن جي حويلين تان نر پکي هڪلبو هو، سندس سنياليندڙ هڪ وڏو فراخدل سياستدان هو، جنهن روايتي رسمون ٽوڙي هن ڇوڪريءَ کي نہ فقط پردي کان ٻاهر ڪڍيو پر ميڊيڪل ڪاليج پڻ موڪليو هو.

اها ڳالهه "سچ ورنيءَ" مذاق ڪري نہ ورتي پر ٻئي ڏينهن سندن ٻاءُ چئن پنجن پهلوانن سان اسان جي ڪاليج آيو. شفيق کي سڏ ڪري، جيپ ۾ ويهاري، ٻاهر وٺي سندس منهن ٺونشن سان سڄائي، موٽائي ڪاليج ڇڏي ويو. اهي ڏينهن اهي شينهن وري شفيق عشق جو نالو نہ ورتو.

ڪئنٽين جو مئنيجر

هر ڪاليج ۾ ڪئنٽين کي مرڪزي حيثيت حاصل هوندي آهي. رومانس، سياستون، اسٽرائيڪون؟ تحريڪون، شرارتون، دوستيون، دشمنيون، سڀ ڪئنٽين کان شروع ٿينديون آهن، پر بدقسمتيءَ سان ايل ايم سيءَ کي ڪا ڪئنٽين ڪانه هئي. هيءَ ١٩٥٢ع جي ڳالهه آهي، جڏهن اسان جي بئچ داخل ٿي. ريلوي جي ٽي اسٽال وانگر، گاري سان لِٽل چلهين تي چڙهيل، ون يونٽ، ٽائيپ مِڪس چانهه جون وڏيون اليومينم جون ڪٽليون پيون ڪڙهنديون هيون. مريض اتي چانهه پيئندا هئا. ڊاڪٽر ۽ شاگرد، ڪنڊ واريءَ "اي-ون" هوٽل تي ويندا هئا. جيڪا فائيو اسٽار نه، ته به صاف سٿري هوندي هئي. (اڄڪلهه ان جاءِ تي ڪا لئباريٽري آهي) ان هوٽل جي مالڪ کي مان "گانڌي ڇاپ" چوندو هيس. سنهڙو سڪل، سانورو، اکين تي عينڪ. اصل هو بهو مهاتما گانڌيءَ جهڙو هيو. مٿي تي اڇا وار هيس ۽ شيرواني پائيندو هيو. اصل ائين لڳندو هيو ته مهاتما گانڌي اڇي وگ whig ۽ شيرواني پائي آيو آهي. هو نه رڳو شڪل شبيهه ۾ مهاتما گانڌيءَ جهڙو هيو، پر عادتن ۽ اطوارن ۾ به مهاتما جي فلسفي اهنسا Non - violence جو قائل هيو. جي ڪي شاگرد پاڻ ۾ وڙهندا هئا، ته ڏاڍيءَ نيزاريءَ ۽ منٿن سان کين نه وڙهڻ جو تاڪيد ڪندو هئو (سندس اهو اهنسا وارو رويو پنهنجي برنين ۽ فرنيچر جي بچائڻ جو بهانو هئو).

جي ڪنهن شاگرد ڏي اوڊر کي ڪافي عرصو گذري ويندو هئو، ته نهايت شرافت سان، بڻري هٿان پليٽ ۾ بل ان ڏانهن

موڪليندو هئو. ان جو اثر اڪثر اهو ٿيندو هئو جو اهو شاگرد هن ڏانهن گهُور ڪري نهاري بل ڦاڙي ڇڏيندو هئو، ۽ بئري کي ٻہ ٽي گاريون ڏيئي ڇڏيندو هئو. سيٺ ان تي سُسِي ويندو هئو، ۽ جواب ۾ ڦڪي مرڪ مرڪندو هئو.

جيڪڏهن ڪو شاگرد اوڌر ڏيڻ کان سواءِ وئڪيشن تي ڳوٺ هليو ويندو هئو، ۽ ان جي گروپ جا دوست هوٽل ۾ ايندا، ـ چي انهن سان وِهندو هئو. ـيـٽ انهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ بعد کين چوندو.

فلان صاحب ڳائون گئي هوئي هين؟"

"وه آپ ڪو خط لکهتي هين؟"

"آپ بهي انکو خط لکهتي هونگي؟"

"اب اگر خط لکهين تو ميري بهي سلام لکه دين"

ظاهر آهي انهن سلامن موڪلڻ جو مطلب پيار محبت نہ هوندو هئو پر، اوڌر ياد ڏيارڻ. مطلب تہ هن ڪڏهن بہ اوڌر اڳاڙڻ لاءِ جهيڙو جهڳڙو نہ ڪيو، پر اها بہ حقيقت آهي، تہ ڪنهن بہ شاگرد هن جا پئسا نہ ڪاڏا. (سواءِ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ جي) ڪن شاگردن تہ ڊاڪٽر ٿيڻ بعد ڪمائي هن جي پائي پائي چُڪائي.

اي ون هوٽل جو هڪ عجيب واقعو ياد آهي: سخت گرمي هجي. هوٽل شاگردن ۽ ڊاڪٽرن سان ڪچا ڪچ ڀريل هجي. اسن چانهہ پئي پيتي. ان کان اڳ پاڻي گهرايوسين. مون فاروق عالماڻيءَ جي گلاس ۾ چرچي طور لوڻ وجهي ڇڏيو. فاروق پاڻيءَ جو هڪ ڍڪ ڀ ي سمجهي ويو، ۽ مونکي بہ ٽي گاريون ڏيئي بئري کي بيو گلاس پاڻيءَ جو آڻڻ ... چيائين. بئرو بيو پاڻي کڻي آيو. ٻن منٽن کان پوءِ هڪ ٽيبل تان آواز آيو "بئرا - اس پاني مين کيا هئي اس مين نمک هي کيا؟" بئرو اتان گلاس کڻي ويو.

وري ٻن تن منٽن کان پوءِ ٽيئن ٽيبل تان اهڙو ئي گفتو ٻڌوسين. ٽيو ائين جو اهو فاروق عالماڻيءَ وارو گلاس هارڻ ٻدران، ٻئري ٻين کي پئي ڏيندو ويو. ان تي ڦاروق کي ڪاوڙ آئي، ۽ ڪائونٽر تي وڃي سيٽ کي سڄو ٻڌائي آيو.

اهو هئو اي ون هوٽل جو حال. پر اي ون هوٽل جو کهڙو ڏوهه. تازو مون کي هڪ وزير جي پاءُ اکين ڏٺي ڳالهه، ٻڌائي، تہ هڪ سرڪٽ هائوس ۾، وزيرن کي بہ اوباريل گلاسن ۾ ٻچيل پاڻي هارڻ ڪانسواءِ پيري پئي ڏنائون.

نيٺ اسانجي ڪاليج جي پنهنجي ڪئنٽين ٺهي. سٽي برانچ جي پرائيويٽ وارڊ جي سامهون. صاف سٿري Non Profit جي اصول تي. شهر ۾ چانهہ چٽين آني تہ اسان وٽ اداڻي آني. سيلف سروس. شاگردن، استادن، ڊاڪٽرن ۽ شاگرديائين اوڏانهن لاڙو ڪيو. اها ڪئنٽين ايڏي مشهور ٿي جو شهر جي ٻين ڪاليجن جا شاگرد اسان کي منٿون ڪندا هئا تہ کين مهمان طور اتي وٺي وڃون. اهو سڀ گهٽو ڪجهہ شاگرديائين ڪري هئو جيڪي حيدرآباد ۾ ٻئي ڪنهن بہ ڪيفي يا ڪئنٽين ۾ نظر نہ ايندين هيون، ۽ ڪجهہ ڪجهہ چانهہ جي لذت ۽ سستائيءَ ڪري. بهرحال ڇوڪريون شروع ۾ الڳ ٽيبلن تي وهنديون هيون پوءِ آهستي آهستي شاگردن سان گڏ وهڻ لڳيون.

ان ڪئنٽين جو مئنيجر عجيب هئو. مون سندس نالو رکيو هيو، سلو موشن، 'Slow Motion' سگريٽ گهروس، تہ آهستي آهستي لڏي لمي پاڪيٽ ڪوليندو، سگريٽ ڪڍندو، ۽ پوءِ آهستي هٿ وڌائي ڏيندو، آهستي هٿ وڌائي پئسا وٺندو، آهستي خانو کولي ان ۾ وجهندو، ۽ آهستي آهستي ريزو (Change) ڪڍندو ۽ آهستي هٿ وڌائي گراهڪ کي ڏيندو. سيڪنڊن جو ڪم منٽن ۾ ڪندو.

ڪي شاگرد ڪئنٽين ۾ ورلي نظر ايندا هئا. انهن مان هڪ قسم هو ڪتابن جي ڪيڙن 'Book worms' جو. جيڪي سدائين لائبرريءَ ۾ ڪتاب پيا پڙهندا هئا. پيا اهي هئا، جيڪي ڪاليج ئي نہ ايندا هئا. جي ايندا هئا تہ اليڪشن، اسٽرائيڪ يا امتحان جي موقعن تي نظر ايندا هئا. پر ڪي شاگرد اهڙا بہ هئا جيڪي هر وقت ۽ هر موسم ۾ ڪئنٽين ۾ نظر ايندا هئا، انهن کي ڪئنٽين جا ڪيڙا 'Canfeen worms' سڏبو هئو.

ڇا جا ڪلاس، ڇا جي ڊسڪيشن، ڇا جا پرئڪٽيڪل. صبوح سان ڪئنٽين ۾ ويهبو، ۽ شام تائين اتي موجود هجبو.

انهن ڪئنٽين جي، ڪيڙن ۾ بہ شاگرد عجيب هيا. انهن جي جوڙي هئي. سدائين گڏ. ياجوج ماجوج وانگر. هڪ هئو عنايت هميراڻي، ۽ ٻيو آفتاب. عنايت. سويل ڪئنٽين ايندو. چانهہ جي گهرائيندو. جي ٻيو ڪو آيو، تہ چانهہ جي صلاح ڪري پنهنجي ٽيبل تي ويهاريندس. ٻئري کي سڏ ڪري، پاڻ واري گهرايل چانهہ جي سيٽ ڏي اشارو ڪري چوندس.

”تهوڙا سا پاني، تهوڙا سا دودهہ اور تهوڙي سي شکر لاوءِ.“

اهو سڀ ڪجهہ ايندو ۽ مهمان چانهہ پي ويندو. جي ٻيو ڪو آيو تہ، ان کي بہ چانهہ جي صلاح ڪري زوريءَ پنهنجي ٽيبل تي ويهاريندو هئو، ۽ ٻئري کي سڏ ڪري اهو ساڳيو ”تهوڙا سا دودهہ “ وارو آرڊر ورجائيندو هئو. تان جو اچي منجهند ٿيندي هئي. عنايت هميراڻي صاحب ڏاڍي رعب سان اٿي، ڪائونٽر تي هڪ چانهہ جو بل ادائي آنا (اڄوڪا پندرهن پئسا) ڏيئي نٽ سان سگريٽ مان دونهان ڪڍندو نڪري ويندو هئو. وري ٻئي ڏينهن ساڳيا لاٽون ساڳيا.

سلو موشن مئنيجر ڏاڍو ڪنجوس هئو. روزانا پڌا گراهڪ، جيڪي روز هن وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم ڳاريندا هئا، انهن کي

ٽڪي جو بسڪوٽ بہ مفت نہ ڪارائيندو هئو. هڪ دفعي عنايت هميراڻيءَ ۽ آفتاب هڪ منصوبو ٺاهيو. آفتاب جي واقفيت بہ ڪرائي ڇڏيان. ڳاڙهو ڳنڀول عاشق مزاج. شعر ۽ مصوريءَ جو شوقين. ڪنهن سنگدل جي پيار جي چوٽ ڪاڌل. سندس هر نوٽبڪ ۽ جرنل تي ان سنگدل جا اسڪيچ. ۽ زبان تي هر وقت ان جي بي وفائي جا شڪوا. هٽي ڏُٺي فائينل تہ پاس ڪري ويو، پر ان پٽر دل جي جدائيءَ ۾ جُهرندو رهيو. سندس جوڙيوال هميراڻي تہ ٻن ٽن سالن بعد ٺي ڪاليج ڇڏي وڃي ٻٽنڪ وسائي.

سو هنن ٻنهي جوڙيوالن هڪ اسڪيم ٺاهي. ڪئنٽين جي مئنيجر کي چيائون تہ ”تنهنجو جنم ڏينهن ڪهڙي تاريخ تي آهي“ هن ٻڌايو. هنن چيو تہ ”تون پنهنجو جنم ڏينهن ملهائيندو آهين،“

هو ويچارو غريب پراڻي زماني جو. هن چيو تہ ”مونکي ڪهڙي طاقت آهي جنم ڏينهن ملهائڻ جي“ هنن چيس تہ ”هن دفعي اسان تنهنجو جنم ڏينهن ملهائينداسين.“ همراهہ ڏاڍو خوش ٿيو هميراڻيءَ ڪانئس جنم ڏينهن جي تاريخ پڇي، ان تاريخ تي سيني شاگردن کي ٻڌائي ڇڏيوسين. جيڪو شاگرد ڪئنٽين ۾ اچي، اهو هن کي ”هئپي برٿ ڊي“ چوندو وڃي. همراهہ بہ ٺڙي پيو. واڇ ٺي گودڙ تي ويس. ڏند پيو شيڪي، پلا ويچاري کي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ايڏي اهميت ملي هئي. هُن چاليهن پنجتاليهن سالن جي عمر ۾ پهريون دفعو هئپي برٿ ڊي، جا لفظ ٻڌا هئا. سو ڏاڍو خوش هجي.

شام جو آفتاب ۽ هميراڻي ڪيس ڪامن روم ۾ وٺي آيا، جتي هڪ سادو ڪيڪ سندس انتظار ۾ هئو. اٺَ ڏهہ دوست بہ موجود هئا. هن کان ڪيڪ ڪٽايو ويو. تاڙيون وڳيون. ”هئپي

برٿ ڊي“ جا چِٽ ڏاريندڙ نعرا لڳا. چانهہ سندس ئي ڪئنٽين تان آئي. ۽ پارٽي پوري ٿي.

پارٽي ختم ڪري ٻهڪندو جڏهن هو ڪائونٽر تي پهتو تہ ڍَڪَرَ وٺي ويس. منهن تان مرڪ اڏامي ويس ۽ ان جي جاءِ تي ڪاوڙ ۽ پريشانيءَ جون ريکائون ظاهر ٿيون. ڪائونٽر واري شو ڪيس مان اهو ڪيڪ غائب هئو، جنهن مان هو سلائيسز ڪاٽي وڪڻندو هو. مٿي کي هٿ ڏيئي ويهي رهيو.

اسانکي چيائين ”اها ڳالهہ ٺيڪ ناهي. منهنجو ڪيڪ چوري ڪيو اٿو پري ڏيو.“

هميراٺي چيس ”اڙي مِکي چوس، هونءَ جڻ تون اسان کي برٿ ڊي جي پارٽي ڏين ها. برٿ ڊي بہ تنهنجو ۽ ڪيڪ جا پئسا بہ اسان ڀريون.“

اونهارو آيو، تہ حيدر آباد جي سانجهيءَ جون وٽندڙ هوائون لڳيون. مون ۽ قمر، ڪرسيون ڪئنٽين کان ٻاهر چبر تي رکرايون. ۽ پوءِ هر اونهاري ۾، سج لٿي کان پوءِ، سائيءَ چبر تي، وٽندڙ هوائن ۾ محفلون مچنديون رهيون.

ڪجهہ سال ٿيا، ڪنهن ڪم سانگي ايل - ايم- سي وڃڻ ٿيو. ڪئنٽين وٽان لنگهيس تہ ساهہ سٽ ڏني- اندر گهڙي ويس. هڪ خالي ٽيبل والاريم - چوڌاري نهاريم. ساڳيون پٽيون ساڳا در. نہ اهو مئنيجر، نہ اهي ساٿي شاگرد. پر هر ٽيبل تي نوان چهرا. اڻ سڃاتل. مون ڏانهن ڏٺائون. هڪ ٻئي کي اشارن ۾ ڪجهہ چيائون. اکين ئي اکين ۾ جڻ چوندا هجن. هيءُ وڏي عمر وارو اوپرو ڪير آيو آهي؟ مون کي ائين لڳو. جڻ مان هنن جي وچ ۾ دخل انداز ٿيو آهيان، دل چاهيو تہ انهن سان رلي ملي وڃان. انهن سان ٺهڪ ڏيان، کِلان ڳالهايان. ڪين چوان تہ مان بہ هن ڪئنٽين جو ڪيڙو رهي چڪو آهيان. پر پاڻ کي روڪي

ويس.

سوچيم. انهن ۾ ڪوبہ تنوير هوندو. ڪا قمر هوندي. ڪو هميراٽي هوندو. ڪو آفتاب هوندو. مان ڇو انهن جو مزو خراب ڪيان.

چانهہ پوري ڪري بل ڏيئي، ٻاهر نڪري آيس.

نيو فيلڊس جا جلد ايندڙ ڪتاب

1- علم تحقيق	الهداد ٻوهيو
2- فرينچ انقلاب	محمد ابراهيم جويو
3- منهنجي دنيا ، مرڳهه ترشنا (ناول)	سراج
4- اُڃ چنڊ ، پسڻ پرين (شاعري)	شيخ اياز
5- اي جرني ٽُ ٿائلنڊ	الطاف شيخ

نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

1- روس جو سير (سفر نامو)	جواهر لال نهرو
2- ڳالهيون آهن ڳچ (سفرنامو)	الطاف شيخ
3- ونڊسر محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو
4- وڄو وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز
5- تنهنجي دنيا ، سڀ رنگ سانول (ناول)	سراج
6- شاهه لطيف جي شاعري (ٽي جلد)	تنوير عباسي
7- پنهل کان پوءِ - جڳ مڙيوئي سپنو (ٻ ڪتاب	شيخ اياز

پڙهندڙن لاءِ خوشخبري

نيو فيلڊس جا 20 عدد ڪتاب گهرائڻ تي 33 فيصد رعايت. 15 تي 25 فيصد رعايت. 10 تي 15 فيصد رعايت ۽ 5 عدد ڪتاب گهرائڻ تي 10 فيصد رعايت ڏني ويندي. نيو فيلڊس اداري جو ميمبر ٿيڻ لاءِ ڪو شرط نہ آهي صرف پنهنجي رضا مندي لکي موڪليندا. ڪتابن جي لسٽ يا ٻي معلومات گهرائڻ لاءِ جوابي لفافو موڪلڻ ضروري آهي

گهٽ ۾ گهٽ 3 عدد ڪتاب يا 50 رپين کان مٿي جي رقم جو آرڊر موڪليندا ڪريو.

نيو فيلڊس جا ڪتاب هيٺين هنڌن تان بہ ملي سگهن ٿا.

- پٽاني ڪتاب گهر، بس اسٽينڊ سڄاول.
- ماروي ڪتاب گهر، بس اسٽاپ نصر پور ناڪو، ٽنڊو الهيار.
- ڪيپٽل نيوز ڪارنر، صدر ڪراچي.
- ڏاهپ ڪتاب گهر، شهيد فاضل راهو روڊ ، قمبر علي خان.